# پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي

(پاڪستان جي قومي اسيمبليءَ ۾ ڪيل خاص تقريرون)

(1962 - 1964)

**ذوالفقار علي ڀٽو**

مترجم

**عبدالرحمان ايم. سومرو**

سنڌي ادبي بورڊ

# پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي

(پاڪستان جي قومي اسيمبليءَ ۾ ڪيل خاص تقريرون)

(1962ع-1964ع)

○


ذوالفقار علي ڀٽو

مترجم:

عبدالرحمان ايم. سومرو

تصحيح:

شمشير الحيدري



سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو، سنڌ

2006ع



Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

[هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ]

پراڻو ڇاپو	ڊسمبر 1989ع	تعداد 1000
نئون ڇاپو	مئي 2006ع	تعداد 1000

قيمت: پنجھتر روپيا
[Price: Rs. 75-00]

خريداريءَ لاءِ رابطو:
**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گھر**
تلڪ چاڙهي حيدرآباد سنڌ.
(Ph: 022-2633679. Fax: 022-2771602)
Email Address: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiab.com

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهہ ڇپيو ۽ انعام الله شيخ، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي پڌرو ڪيو.

# ڇپائيندڙ پاران

ڪنهن بہ ملڪ جي پرڏيهي پاليسي اُن جي ترجيحن جو عڪس هجي ٿي، جنهن تي عمل ڪندي اهو ملڪ پنهنجي قومي مفادن جي حاصلات ڪي سگهارو بنائي ٿو. ان حوالي سان پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي جي بہ پنهنجي تاريخ ۽ پسمنظر آهي. پاڪستان جي پرڏيهي معاملن جي پهرئين وزير سر ظفرالله ڪان وٺي ميان خورشيد قصوري صاحب تائين واقعن ۽ ترجيحات جو هڪ ڊگهو تفصيل آهي، پر پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي ڪي مضبوط بنيادن تي جوڙيندڙن ۾ هڪ وڏو نالو ذوالفقار علي ڀٽي جو آهي.

ملڪي پرڏيهي پاليسي جي حوالي سان ذوالفقار علي ڀٽو جي ذهن ۾ اهڙوئي بنيادي تصور هو، جهڙو دنيا جي خوددار قومن وٽ اڄ موجود آهي. "اُسرندڙ دنيا" يعني ٽين دنيا ڪي جديد تصور ڏيندڙ هن نوجوان سياستدان ڪي سياست جي عالمي اُڀ تي ٿيندڙ ۽ ايندڙ امڪاني تبديلين جو گهرو ادارڪ هو. اهوئي سبب آهي تہ هن جو ملڪي ۽ عالمي سياست ۾ ڀرپور ونڻ ۽ ڪردار ادا ڪرڻ جو اثر ڪنهن نہ ڪنهن ريت سڄي ٽين دنيا تي ٿيو آهي. هن هڪ طرف عرب دنيا ڪي پنهنجي قدرتي دولت يعني تيل ڪي هڪ هٿيار جي حيثيت ۾ سياسي طرح استعمال ڪرڻ جو ڏانءُ سيکاريو، تہ ٻئي طرف 26 سالن کان پوءِ پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ جو لاڙو سوشلسٽ بلاڪ ڏانهن موڙيندي، سرمائيدار دنيا آڏو نوان سوال رکيا، تہ ٽئين پاسي هن چين جي عالمي سياست ۾ اهم ڪردار ڪي نروار ڪرڻ ۾ پاڻ مڃايو.

ذوالفقار علي ڀُٽي صاحب پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي ڪي ويڳاڻائيءَ مان ڪڍي، عالمي سياست ۾ پاڪستان جي اهميت ۽ سياسي ڪردار ڪي وڌائڻ لاءِ پاڻ موڪيو. "پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي" نالي هن

ڪتاب ۾ سنڌس سن 1962 کان 1964ع تائين واري عرصي جون قومي اسيمبليءَ ۾ ڪيل چونڊ تقريرون شامل آهن. اهو دور سرد جنگ واري مُدي (1945ع- 1985ع) سان لاڳاپيل رهيو آهي. جڏهن تہ سوويت يونين جي ٽٽڻ ۽ 11- سيپٽمبر وارن واقعن کان پوءِ واري دنيا گهڻي تبديل ٿي چڪي آهي. بهرحال ان هوندي بہ هن ڪتاب ۾ هڪ مرڪزي دنيا (Unipolar World) يا گهڻ مرڪزي دنيا (Multipolar World) ۾، پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ جي حوالي سان، ڪردار بابت شامل تقريرون اڄ بہ تمام اهم آهن ۽ خاص طرح سان بين الاقوامي تعلقات جو اڀياس ڪندڙن لاءِ اهي تقريرون اهم تحقيقي مواد جو درجو رکن ٿيون. بورڊ پاران انهن تقريرن جو هيءُ ڪتاب ڇپائيندي خوشي ۽ فخر محسوس ٿئي ٿو.

| | |
|---|---|
| **ڄام شورو، سنڌ** | **انعام الله شيخ** |
| خميس ٣- جمادي الاول ١٤٢٧هه | سيڪريٽري |
| بمطابق 31- مئي 2006ع | سنڌي ادبي بورڊ |

# فهرست

(1) مهاڳ ص: 1

(2) پاڪستاني پرڏيهي پاليسيءَ جا دور- ڀارت جي دشمني- پاڪستان لاءِ چاره ڪار- چين- ڀارت جهڳڙو- پاڪستان ۽ چين- هندستان لاءِ مغربي هٿيار (26- نومبر 1962ع) ص: 18

(3) صدر ايوب خان ۽ وزيراعظم نهروءَ جي، 29- نومبر 1962ع تي، گڏيل پڌرائي (1-ڊسمبر 1962ع) ص: 57

(4) چين- ڀارت جهڳڙو- ڀارت لاءِ مغربي هٿيار- مغرب سان معاهدا- ڀارت سان ڳالهيون- چين ۽ روس سان لاڳاپا (4- ڊسمبر 1962ع) ص: 63

(5) پرڏيهي پاليسيءَ جو نئين سر جائزو- ڀارت لاءِ مغربي هٿيار- ڪشمير بابت ڀارت سان ڳالهيون- چين سان سرحدي ناهه. (17- جولاءِ 1963ع) ص: 80

(6) ايران سان سرحدي معاهدو- افغانستان ۽ ٻين ايشيائي ملڪن سان لاڳاپا- ڪشمير، هڪ غير طئي شده سوال- مغرب سان لاڳاپا (24- جولاءِ 1963ع) ص: 99

(7) وڏين طاقتن جون عالمي پاليسيون- سنڌن اتحادين جا مفاد- سنڌن وچ ۾ جهڳڙي جا امڪان- غير واسطيدار ملڪن کي هٿيارن جي امداد- پاڪستان جا مفاد- پاليسيءَ تي نظرثانيءَ جي ضرورت (22- جون 1964ع) ص: 116

(8) ڪامن ويلٿ ڪانفرنس- ترقيءَ لاءِ علاقائي سهڪار جو ناهه- بيدخل ڀارتي مسلمان- سريلنڪا، برما ۽ نيپال- ڪشمير- آمريڪا سان لاڳاپا- قبرص جو سوال- چين سان لاڳاپا- بنيادي ڦير گهير بنا پاليسي (21- آگسٽ 1964ع) ص: 128

# پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي

[ 1 ]

# مهاڳ

هن ڪتاب ۾ شامل ڪيل تقريرون، گهڻي ڀاڱي، پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ جي هڪ تمام اهم پهلوءَ سان بنيادي لاڳاپو رکن ٿيون، ۽ اهو آهي هن ملڪ جا ڀارت سان تعلقات. گذريل سال جڏهن ڀارت جي صدر، ڊاڪٽر راڌا ڪرشنن، آمريڪا جو دورو ڪيو هو، ته ڪيس ائين چوندو ٻڌو ويو ته ڀارت پاڪستان سان "جنگ نه ڪرڻ" جي معاهدي جي پيشڪش ڪرڻ ۽ انهيءَ کي اقوام متحده وٽ رجسٽر ڪرائڻ لاءِ تيار آهي. ساڳئي قسم جي تجويز، سن 1950ع ۾، آنجهاني جواهر لال نهروءَ اسان جي انهيءَ وقت جي وزيراعليٰ، مرحوم لياقت علي خان کي ڏني هئي. اها پيشڪش گذريل سال ڪشمير بنسبت ڳالهين ٿيڻ جي آخر ۾ به ورجائي ويئي هئي.

هن "جنگ نه ڪرڻ" واري معاهدي کي تمام گهڻي شهرت ڏني ويئي آهي. ڀارت جي صدر تجويز ڏني هئي، ته ان کي اقوام متحده وٽ رجسٽر ڪيو وڃي، جنهن مان مراد هيءَ هئي، ته اهڙي قسم جي داخلا سان معاهدي کي قانوني توڙي اخلاقي طرح بين الاقوامي جواز ملندو، جو هوند ٻيءَ صورت ۾ حاصل ٿي نه سگهي ها. جنهن نفرت سان ڀارت سرڪار اقوام متحده جي ڄمون ۽ ڪشمير بابت ٺهرائن کي پٺي ڏکرايو آهي، تنهن اسان کي ڀارت جي يقين ڏهانين کان منڪر ڪري ڇڏيو آهي. پاڪستان اقوام متحده جو ميمبر آهي ۽ هو هن عالمي تنظيم جي ٻين سڀني ميمبر ملڪن وانگر، ان جي پڌرنامي (Charter) سان ٻڌل آهي، جنهن ۾ چيو ويو آهي، ته بين الاقوامي جهڳڙا پرامن طريقن سان حل ڪيا وڃن. اقوام متحده جي پڌرنامي جي آرٽيڪل نمبر ٻئي جا ٽيان ۽ چوٿان فقرا انهيءَ اصول سان تعلق رکن ٿا. ٽئين فقري ۾ ڄاڻايل آهي: "سڀيئي ميمبر-ملڪ

طريقو آهي. جيتوڻيڪ شروعات ۾ هن انهيءَ اصول ۾ پنهنجو ويساهه ڏيکاريو هو. درحقيقت، هنن هڪڙي ٻي تجويز پيش ڪئي، جنهن کي ”هڪ سياسي ناهه“ تي سڏيائون. ڳالهين جي ڇهين دور جي آخر ۾ اهو معلوم ٿيو، ته ڳالهين جي ڪاميابيءَ جا امڪان خير ڪي آهن. انهيءَ موقعي تي، ڀارت پنهنجي ”جنگ نه ڪرڻ واري معاهدي“ کي سامهون آندو، جنهن جو حقيقت ۾ اهوئي مطلب هو ته ڪنهن به ناهه تي نه پهچڻ جي باوجود، ڀارت فوجن کي موٽائڻ تي گهريو. اسين جيڪڏهن انهيءَ کي قبول ڪريون ها، ته ان مان دراصل ’حالتن جي جيئن جو تيئن قائم رهڻ‘ (Status quo) کي قبول ڪرڻ جو مطلب نڪري ها، ۽ يقيناً اهو ڪشمير جي مسئلي جو ڪو عزت ڀريو يا انصاف ڀريو فيصلو نه ٿئي سگهجي ها. ’ساڳي صورتحال قائم رکڻ‘ جي بنياد تي مسئلي کي حل ڪرڻ واري اصول کي قبول ڪرڻ ۾ ٻيا به خطرا هئا، جن جي تشريح آئون هيٺ ڪريان ٿو.

”سنڌو ماٿر معاهدي“ (The Indus Basin Treaty) ۾ صاف ڄاڻايو ويو آهي، ته اهو معاهدو ڪنهن به حالت ۾ ڪشمير مسئلي جي حل ڪرڻ ۾ دخل انداز نه ٿيندو. اهڙيءَ حالت ۾، اسان کي سخت تعجب ٿيو، جڏهن ڀارت سرڪار حجت اٿاري ته انهيءَ عهدنامي موجب اسين چناب نديءَ تي پنهنجو حق وڃائي ويٺا آهيون. جيڪڏهن اڄ اسين ”جنگ نه ڪرڻ وارو معاهدو“ قبول ڪريون، ته ممڪن آهي، ته سڀاڻي اسان کي چيو وڃي ته پاڪستان سرڪار ”جنگ نه ڪرڻ وارو معاهدو“ قبول ڪيو آهي، ۽ انهيءَ ڪري پاڪستان جنگبندي لائين کي ڀارت ۽ پاڪستان جي مستقل سرحد طور قبول ڪري چڪي آهي، ۽ انهيءَ ڪري ڪشمير جو مسئلو هاڻي طي ٿي چڪو آهي. هو چوندا، ٻيءَ صورت ۾ پاڪستان کي ”جنگ نه ڪرڻ وارو معاهدو“ قبول ڪرڻ لاءِ آماده نه ٿيڻ هو.

مطلب اهو ڪونهي ته پاڪستان ڪو ڀارت تي فوجي حملي جو رستو اختيار ڪندو. هر ڪنهن ملڪ کي پنهنجن عالمي تڪرارن نبيرڻ جو جيڪو خودمختارانه موروثي حق حاصل آهي، تنهن کي، بهرحال، ڪو به ملڪ ترڪ نٿو ڪري سگهي. باوجود انهيءَ جي ته پاڪستان ڪڏهن به طاقت استعمال نه ڪندو. اسين ڀارت جي ڪنهن تجويز تي اکيون ٻوٽي صحيح نٿا ڪري سگهون، جنهن جي ڪري اسين ڀارت سان پنهنجن تڪرارن نبيرڻ واري حق کان محروم ٿي وڃون. ”سنڌو ماٿر معاهدي“ وانگر، ”جنگ نه ڪرڻ وارو معاهدو“ به، موجوده

جنگبندي لائين جي بنياد تي، جنهن لاءِ ڀارت طرفان بار بار اصرار ٿيندو رهيو آهي، ڪشمير جي مسئلي کي ختم ڪرڻ لاءِ هڪ هٿيار بڻائي استعمال ڪيو ويندو.

پاڪستان آدمشماريءَ، ايراضيءَ، فوجي توڙي اقتصادي طاقت جي لحاظ کان، ڀارت جي چوٿين ءَ پتيءَ ۾ آهي. اسين ڪڏهن به ڀارت خلاف اڳرائيءَ جو خيال ڪري نٿا سگهون- نه فقط انهيءَ ڪري جو اسان جو ملڪ ننڍو آهي، پر انهيءَ ڪري به، جو اسان جي پرڏيهي پاليسيءَ جو اهو بنيادي اصول آهي، ته اقوام متحده جي پڌرنامي جي مقصدن مطابق، پنهنجن تڪرارن کي پرامن طريقن ۽ باهمي ڳالهين ذريعي حل ڪيو وڃي. اسان جي تاريخ ڏيکاري ٿي، ته اسين انهيءَ اصول کان ڪڏهن به نه هٽيا آهيون.

اها ڳالهه اسان جي مفادن، اسان جي اعليٰ اصولن ۽ اسان جي رعيت جي خوشحاليءَ لاءِ، توڙي برصغير ۽ جملي ايشيا جي امن ۽ استحڪام لاءِ نقصانڪار ٿيندي. جيڪڏهن اسين ڪشمير جي مسئلي کي حل ڪرڻ خاطر، يا ڪنهن به ٻئي سبب خاطر، ڀارت خلاف اڳرائي ڪندا سين. اسان ڪڏهن به ڪو اڳرائيءَ جو قدم نه کنيو آهي. اسان ڀارت جي انهيءَ بيوسيءَ واري وقت ۾ به پنهنجي طرفان ڪو طاقت جو مظاهرو نه ڪيو، جڏهن 1962ع جي سرءُ ۾ کيس چين کان شڪست آئي هئي. پاڪستان جي پُرامن ارادن جو اهو ڪافي ثبوت آهي. مان ڀانيان ٿو ته تمام ٿورا ملڪ اهڙيءَ حالت ۾ پاڻ کي روڪي سگهن ها، جيئن پاڪستان ڪيو. جڏهن ڀارت بريءَ طرح عوامي جمهوريه چين جي فوجن جي گهيري ۾ هو.

ٻئي طرف، ڀارت جي روش ڪهڙي ٿي رهي آهي؟ اهو ڀارت جهڙي جديد ملڪ کي ئي انوکو فخر حاصل آهي. جو پندرهن سالن جي عرصي ۾، هن گهٽ ۾ گهٽ پنج دفعا هٿياربند حملن کان ڪم ورتو آهي.

انهيءَ سلسلي ۾، اچو ته ڀارت جي اڳواڻن جي بيانن تي غور ڪريون. منهنجو مطلب انهن اڳواڻن سان ڪونهي، جيڪي حڪومت کان ٻاهر آهن. منهنجو اشارو ڀارتي حڪومت جي ذميدار سربراهن- آنجهاني وزيراعظم، هن جي وزارت جي ساٿين ۽ انڊين ڪانگريس پارٽيءَ جي صدر ڏانهن آهي.

آنجهاني وزيراعظم نهروءَ چيو هو: ”جيستائين چين ۽ پاڪستان جو تعلق آهي، ڀارت انهن جي والاريل علائقن کي خالي ڪرائڻ جو پڪو ارادو ڪيو آهي.“ اهو هن 21-جنوري 1962ع تي چيو هو. هن اهو به ظاهر ڪيو ته ”گانڌيجيءَ پاڻ ڪليءَ طرح ڪشمير بابت ڀارت جي قدم کي جائز قرار ڏنو هو. جيتوڻيڪ اهو اهنسا وارو قدم نه هو، پر گانڌيجي هڪ قدم اڃا به اڳتي وڌيو هو، جڏهن هن ٻيءَ عظيم جنگ جي شروعات ۾ پولينڊ جي حڪومت کي هٽلر جي مقابلي لاءِ سختيءَ ۽ جنگي طريقي استعمال ڪرڻ لاءِ همٿايو هو.“ مسٽر نهروءَ وڌيڪ چيو: ”ڪي شيون اهڙيون آهن، جي امن جي حفاظت کان بدتر آهن، ۽ اهي آهن بزدليءَ سان امن جي حفاظت ڪرڻ جون ڪوششون. بزدلي، امن هرگز نا هي. گانڌيجيءَ چيو هو ته ”جيڪڏهن ڪو اهنسا جي طريقن سان مردانه وار وڙهي نه سگهي، ته پوءِ هن کي ترار کڻي وڙهڻ گهرجي.“ (اخبار ”اسٽيٽسمن“، 29- ڊسمبر 1961ع).

ڀارت جي اڳئين دفاع جي وزير، مسٽر ڪرشنا مينن، چيو هو: ”اوهان کي معلوم آهي ته اسان ڪنهن به انهيءَ ملڪ خلاف سختيءَ کان نه ڪيٻايو آهي، جنهن اسان جي مفادن کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي هجي.“ (اخبار ”هندستان ٽائيمس“، 6-ڊسمبر 1961ع). مسٽر مينن ڪانگريس پارٽيءَ جي ڪارڪنن کي يقين ڏياريو ته، ”جهڙيءَ طرح گوا جو مسئلو حل ڪيو ويو آهي، اهڙيءَ طرح چين ۽ پاڪستان جا مسئلا به حل ڪيا ويندا.“ (اخبار ”اسٽيٽسمن“، 26- ڊسمبر، 1961ع).

ڪانگريس جي صدر، مسٽر سنجيوا ريڊيءَ چيو: ”اسان کي ڪشمير جو والاريل علائقو آزاد ڪرائڻو آهي. اسين هن مسئلي کي انهيءَ ڪري مهمل ڪري رهيا آهيون، جو اسين جنگبندي لائين کي مستقل حل تسليم نٿا ڪريون.“ هن کي توقع هئي ته ڪشمير جي ”والاريل ايراضين“ جا باشندا ازخود جدوجهد ڪري غاصب کان پاڻ کي آزاد ڪرائيندا، ۽ ”جلد از جلد حڪومت صحيح وقت جو انتخاب ڪري ڪشمير جو اهو حصو آزاد ڪرائيندي، جهڙيءَ طرح هن گوا جي سلسلي ۾ ڪيو هو.“ (اسٽيٽسمن“، 5- جنوري 1962ع).

هي آهن بيان انهن اڳواڻن جا، جيڪي پاڪستان کي ”جنگ نه ڪرڻ واري

معاهدي" جي آڇ ڪري رهيا آهن!

ڀارت کان سواءِ، پاڪستان جا هن حصي جي ٻين ملڪن ۽ گهٽ ۾ گهٽ ڪري دنيا جي سڀني ملڪن سان سٺا تعلقات آهن. اسان پنهنجن سڀني پاڙيسري ملڪن سان، انهن سڀني ملڪن سان جن سان اسان جا اختلاف هئا، پنهنجن اختلافن کي پرامن ذريعن سان حل ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي. ٿي سگهي ٿو ته اسان جا طي ڪيل ڪي عهدناما اسان لاءِ پوريءَ طرح ڪاميابيءَ وارا نه ٿيا هجن، پر اينتري جزوي ڪاميابي به ڏيکاري ٿي، ته پاڪستان سڀني ملڪن سان پنهنجن مسئلن جو حل پرامن فيصلن ۽ پرامن وهنوارن سان چاهي ٿو. اسان افغانستان جي حڪومت سان پنهنجا اختلاف ختم ڪري ڇڏيا آهن. ايران ۽ برما سان پنهنجا سرحدن وارا مسئلا فيصل ڪري ڇڏيا آهن. نيپال، سلون ۽ انڊونيشيا جي عظيم ملڪن سان اسان جا تمام گهرا تعلقات آهن. ملايا، ٿائيليند ۽ فلپائن جهڙن ملڪن سان اسان جا تعلقات سٺا آهن. اسان تازو هڪڙو سرحدي معاهدو طي ڪيو آهي، جنهن پاڪستان ۽ چين جي عوامي جمهوريت جي وچ ۾ صلح جو نشان قائم ڪري ڇڏيو آهي. انهيءَ جو ڪهڙو سبب آهي جو پاڪستان، دوستيءَ ۽ تعاون جو جذبو ڏاري، ايشيا ۽ آفريقا جي سڀني ملڪن سان پنهنجا مسئلا حل ڪري سگهي ٿو، سواءِ ڀارت جي؟ انهيءَ جو سبب هيءُ آهي ته ڀارت هڪ اڳرائي ڪندڙ ملڪ آهي، ۽ اهو پنهنجي آسپاس وارن ملڪن سان پنهنجن تڪرارن کي پرامن طريقي سان طي ڪرڻ جو قائل ناهي.

هاڻي اچو ته ڏسون ته "جنگ نه ڪرڻ جو معاهدو" سچ پچ ڪهڙي ضمانت پيش ڪري سگهي ٿو؟ درحقيقت اهو سلامتيءَ جو هڪ غلط احساس پيدا ڪري ٿو. تاريخ شاهد آهي ته "جنگ نه ڪرڻ" جي معاهدن جون تجويزون گهڻو ڪري فساد جي پيشبندي ڪندڙ ملڪن وٽان ئي نڪتيون آهن- اهڙا ملڪ، جن جي نيت جارحانه ثابت ٿي آهي، جهڙو نازي جرمني. "ربنتراپ- مالوتوف معاهدو" (The Ribbontrop-Molotov Pact) "جنگ نه ڪرڻ واري معاهدي" جو هڪ مستند مثال آهي. جيڪڏهن ڀارت خود ئي پاڪستان خلاف اڳرائي ڪري ۽ اسين پنهنجو بچاءُ ڪريون، جنهن جو اقوام متحده جي پڌرنامي موجب حق مليل آهي، ته پوءِ ڀارت ڦڙتي ڪائي، پنهنجي مخصوص ڊرامائي انداز ۾، دنيا کي ائين ٻڌائيندو

ته اگرائي پاڪستان ئي ڪئي آهي، ڇاڪاڻ ته "صلح پسند" ڀارت ته پاڻ پاڪستان کي "جنگ نه ڪرڻ" واري معاهدي جي آڇ ڪئي هئي، سو ائين ڪرڻ کان پوءِ وري ڀارت ڪيئن اگرائي ڪئي هوندي؟

تنهنڪري هن قسم جو معاهدو نه رڳو اهڙي گمراهه ڪُن صورتحال پيدا ڪندو، جنهن سان اسين پنهنجي ملڪي سالميت بابت غلط احساس ۾ مبتلا ٿي وينداسين، بلڪ اهو ڀارت جي هٿ ۾ اهڙو مضبوط هٿيار ٿي پوندو، جنهن سان هو پاڪستان تي پنهنجي اگرائيءَ واري قدم کي جائز ۽ حق بجانب ثابت ڪري سگهندو. انهن اهم سببن جي ڪري، پاڪستان ڀارت جي "جنگ نه ڪرڻ واري معاهدي" جي آڇ قبول نٿو ڪري سگهي. ڀارت هڪ اگرائي ڪندڙ ملڪ آهي، ۽ اسين اگرائي ڪندڙ ملڪ سان "جنگ نه ڪرڻ" وارو معاهدو نٿا ڪري سگهون. ڀارت کي سڀ کان پهرين ڪشمير جي مسئلي کي هڪ عزت ڀرئي ۽ منصفانه بنياد تي طي ڪرڻ گهرجي. هڪ دفعو اهو انصاف جي اصولن موجب عمل ۾ اچي وڃي، ته پوءِ اسين ڀارت سان "جنگ نه ڪرڻ" جو هڪڙو معاهدو ته ڇا، هو جيترا به معاهدا چاهيندو، اوترن کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وينداسين. پر انهيءَ شرط کي ڀارت قبول نه ڪندو. دراصل موجوده "جنگ نه ڪرڻ واري معاهدي" جي آڇ ڪرڻ ۾ ڀارت جو مقصد رڳو دوکو ڏيڻ آهي. سندس مقصد رڳو پنهنجن مفادن کي زور وٺائڻ آهي. پاڪستان ڀارت جي هٺرادو وقار کي وڌائڻ جو وسيلو نٿو بنجي سگهي..

ايشيا جي عوام کي بهتر زندگي کپي: هنن کي گذران لاءِ بهتر وسيلا گهرجن. مرض ۽ مجبوريءَ جي اذيت ڇا آهي، تنهن جي معنيٰ اسان کي معلوم آهي. اسان کي معلوم آهي ته اهو ڪو قدرتي قانون ڪونهي جو رڳو ايشيا جو عوام ئي غريب هجي. اسين چاهيون ٿا ته ايشيا ترقي ڪري. اسين چاهيون ٿا ته اڻ ترقي يافته ملڪ ترقي يافته ٿين. اسين يورپ ۽ آمريڪا جي دولت جو مقابلو نٿا ڪري سگهون، پر اسين اميد رکون ٿا، ته اسان جو عوام بهتر زندگي گذاري، پاڻ ۽ پنهنجي اولاد کي غربت ۽ افلاس کان نجات ڏياري. اهڙيءَ طرح، اسين سڄي ايشيا کي خوشحال ڏسڻ چاهيون ٿا، جنهن ۾ ڀارت جي خوشحالي به شامل آهي، ڇاڪاڻ ته پاڪستاني عوام ڀارت جي عوام جو بدخواهه نه آهي.

بهرحال، ڀارت جي فوجي طاقت ۾ اضافي جو مقصد ڪو ان جي غربت کي متاثر ۾ مدد نٿو ڪري. نه وري ڀارت، جيڪو هندوڪش جبل ڪان وٺي ميڪانگ نديءَ تائين پنهنجي تسلط ڄمائڻ جي دعوا ٿو ڪري، سو ڪو اهڙو ملڪ ٿي سگهي ٿو، جنهن جي هٿيار بنديءَ تي اعتبار ڪريَ سگهجي. نرا سائيءَ وچان، هو ضرور انهن کي ننڍن ۽ ڪمزور ملڪن خلاف ڪم آڻيندو، ۽ انهن مان پهريون نمبر ملڪ هوندو پاڪستان. ڇاڪاڻ ته ڀارت جي ليڊرن هميشه اهو ظاهر پئي ڪيو آهي ته چين سان جهڳڙي جي باوجود، پاڪستان ڀارت جو 'اول نمبر دشمن' آهي. اهڙيءَ طرح، اهي هٿيار جن سان ڀارت جي هينئر پرورش ڪئي ٿي وڃي، سي پاڪستان جي خلاف، اسان سان سندس "تڪرارن" کي حل ڪرڻ لاءِ، انهن طريقن سان ڪتب آندا ويندا، جيڪي طريقا "آزاد ڀارت" جي خصوصيت ۽ روايت بنجي چڪا آهن. جيئن اڳ ٻڌايو ويو آهي، گذريل پندرهن سالن ۾ ڀارت پنهنجن تڪرارن مان پنج تڪرار طاقت جي استعمال سان "حل" ڪيا آهن. شايد اهي هٿيار ٻين پاڙيسري ۽ ڏکڻ- اوڀر ايشيا جي ننڍن ملڪن خلاف به ڪتب آندا وڃن. فوجي طاقت ۾ اضافي جي باوجود، ڀارت پنهنجي اتر واري "ديوَ" سان وڙهي نه سگهندو، ڇو ته سندس جاگرافيائي صورتحال وري به ساڳي ئي رهندي. انهيءَ ڪري، نراسائيءَ ۽ ڪاوڙ جي حالت ۾، پنهنجي ملڪ گيريءَ جي هوس وچان، اهي هٿيار هو ڏکڻ ۽ ڏکڻ-اوڀر ايشيا جي ٻي سهاري عوام خلاف، خاص طور تي پاڪستان جي عوام خلاف استعمال ڪندو. اسان جو اهو خدشو بلڪل صحيح آهي، ۽ بلڪل قدرتي آهي. اسان کي جيڪو ڀارت بنسبت تجربو آهي، تنهن مان اسين ڀارت کي هٿيار بند بنائڻ جو مطلب سمجهي ويا آهيون. اهوئي سبب آهي، جو اسان ان جي خلاف هميشه احتجاج پئي ڪيو آهي. احتجاج جو هيءُ آواز ڪو رڳو حڪومت جو آواز ڪونهي، پر ڏهه ڪروڙ پاڪستاني عوام جو آواز آهي.

ڀارت جو صدر، جيڪو صلح پسند پوشاڪ ۾ هڪ تمام صلح پسند ماڻهو آهي، تنهن آمريڪا ۾ 1963ع ۾ چيو: "ڀارت پنهنجن مسئلن کي فقط انهيءَ حالت ۾ طي ڪري سگهي ٿو، جڏهن هن وٽ پنهنجي سوديبازيءَ جي لياقت جي پنڀيرائيءَ لاءِ قوت هوندي." هن بيان جو مفهوم ۽ مراد بلڪل واضح آهي. ڀارت

جو مدارالمهام ، جيڪو پنجيتاليهه ڪروڙ عوام جي نمائندگي ڪري ٿو ، تنهن جو بيان ڀارت جي ارادن جي صاف صاف تشريح ڪري ٿو. هن بيان مان صاف ظاهر آهي ته ڀارت پنهنجن تڪرارن کي قوت جي ذريعي طي ڪرڻ چاهي ٿو. سوديبازيءَ جي طاقت ڪنهن جي خلاف استعمال ڪرڻي آهي؟ چين جي خلاف نه ، جيئن مٿي سمجهايو ويو آهي ، بلڪ ڀارت جو هٿيارن گڏ ڪرڻ ۾ فقط هي مقصد آهي ته پاڪستان کان پنهنجا من گهُريا شرط مڃرائي سگهي ، ۽ گهٽ ۾ گهٽ ڪشمير جو حل پنهنجي مرضيءَ مطابق قبول ڪرائي سگهي ، يعني جنگبندي لائين جي بنياد تي.

ڀارت جو آنجهاني وزيراعظم صلح جو ڪوڏيو ۽ سيني جو خيرخواهه مشهور هو. گوا جي چڙهائيءَ وقت جڏهن پاڻ آمريڪا جي دوري تي هو ، تڏهن هن آمريڪا جي عوام کي چيو: "صلح اسان جو ايمان آهي." پر پوءِ جلد ئي سندس جنگي مشينن جو رخ گوا ڏانهن مُڙي ويو. پاڪستان کي به ڀارت طرفان صلح جي اهڙي ئي شوق ظاهر ٿيڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي. ائين نه آهي ته ڪو اهي هٿيار ضرور ڪتب آندا ويندا : پر انهن جو مظاهرو يا صرف انهن جو وجود به ساڳئي ئي نموني ۾ خطرناڪ آهي. ڀارت پنهنجي بي انداز هٿيارن جي موجودگيءَ سان ، انهن کي ڪتب آڻڻ کان سواءِ ئي پنهنجا مطلب پورا ڪري سگهي ٿو. پندرهن سالن کان اسين سخت جدوجهد ۾ مصروف رهيا آهيون ، اسان قربانيون ڏنيون آهن ، اسان پنهنجي عوام کي مجبور ڪيو آهي ، ته هو پنهنجي واجبي حصي کان گهٽ گذاري تي اڪتفا ڪن. اسان انهن کي سندن بنيادي معمولي ضرورتن کان به محروم رکيو آهي ، انهيءَ لاءِ ته جيئن ڀارت سان ڪي قدر فوجي توازن قائم رکي سگهون. اهي سڀ تڪليفون اسان جي عوام خنده پيشانيءَ سان ، پنهنجي ملڪ جي سلامتيءَ لاءِ برداشت ڪيون آهن. صلح اُتي قائم رکي سگهجي ٿو ، جتي طاقت جو توازن هجي ، ۽ اهو توازن برصغير ۾ به اهڙيءَ ريت ضروري آهي ، جهڙيءَ ريت دنيا جي صلح لاءِ ضروري آهي. پر ڀارت جي فوجي طاقت ۾ نئين سر اضافي سان ، اسان جون قربانيون به بي اثر ۽ رائگان ٿي رهيون آهن.

ڀارت دنيا کي بڌائي ٿو ، ته هن کي چين جي اڳرائيءَ جو خطرو آهي ، ۽ انهيءَ سبب ڪري هن کي پنهنجي فوجي وسيلن ۽ طاقت کي لڙائيءَ لاءِ تيار رکڻ جي

ضرورت آهي، ۽ ان لاءِ انهن مغربي ملڪن کان به مدد وٺڻ جي ضرورت آهي، جن سان چين واري جهڳڙي کان اڳ تائين ڀارت جا فقط زباني تعلقات هئا. ڀارت هاڻي دنيا کي ڪميونسٽ چين جي خطرن کان خبردار ڪري رهيو آهي. ٻارهن سالن تائين ڀارت دنيا کي ائين ٿي ٻڌايو آهي ته ايشيا جا ٻه وڏا ملڪ، ڀارت ۽ چين، هڪٻئي خلاف ڪڏهن به طاقت استعمال نه ڪندا، ڇاڪاڻ ته هنن جو تعلق ايشيا سان آهي، ۽ ايشيا جا اصول مغرب جي اصولن کان مختلف آهن، ڇو ته شهنشاهيت ۽ استحصال جي عقيدن ۽ خود مطلبين کان ايشيا بيخبر آهي، ۽ مغربي اصول مشرق سان لاڳو ٿي نٿا سگهن. ڀارت ائين به چيو ٿي ته چين ۽ ڀارت جي وچ ۾ دائمي دوستي رهندي ۽ اهي هميشه صلح سان رهندا. پر اوچتو، 1962ع جي آڪٽوبر ۾، انهن مقدس واعدن کي رد ڪيو ويو ۽ دنيا کي هاڻي "ڪميونسٽ چين جي خطرن" کان خبردار ڪيو پيو وڃي-- اهي زبردست خطرا، جيڪي ايشيا توڙي سڄيءَ دنيا لاءِ ڪميونزم ۽ ڪميونسٽ چين طرفان پيدا ٿي رهيا آهن. پر ڪير ٿو چاهي ته مستقبل قريب ۾ ڀارت وري به ڦڙتي ڪائي وڃي. ڇو ته هو پاڻ کي هڪ نام نهاد "غير جانبدار" ملڪ سڏائي، پنهنجي قول ۽ عمل کي قبولڻ کان سدائين آجو رهيو آهي. جيتوڻيڪ ڀارت ڪنهن به مقرر پاليسيءَ تي ڪاربند رهڻ لاءِ ٻڌل نه آهي، پر ٻيا ملڪ پنهنجن معاهدن جي پابندين سان ٻڌل آهي. ڀارت سان ڪو به ڏي-وٺ جو شرط لاڳو ڪونهي. هو دنيا جي ٻنهي حصن کان بهترين امداد حاصل ڪري رهيو آهي، ۽ ساڳئي وقت پنهنجن عملن جي آزادي به ماڻي رهيو آهي. ڀارت هوند پنهنجو مسئلو چين سان به طي ڪري سگهي، اهو ڪو اهڙو حل نه ٿي سگهندڙ مسئلو ڪونهي. سوال فقط سرحدن کي ترتيب ڏيڻ جو آهي، سو ڀارت اڃا به، ڪولمبو طاقتن جي ذريعي، چين سان اهو معاملو نبيري ٿو سگهي. هڪ دفعو اهو مسئلو چين سان طي ٿي وڃي، ته پوءِ "پنج شيلا" جو فلسفو شايد وري اُڀري اچي، ۽ اسان کي وري ٻڌايو وڃي ته ايشيا جي هنن ٻن عظيم ملڪن درميان جهڳڙي جو سوال ئي پيدا نٿو ٿي سگهي. ڀارت جو سمورو زور ۽ طاقت پوءِ پاڪستان خلاف لڳايو ويندو، ڇاڪاڻ ته ڀارت جي نظرن ۾ فقط پاڪستان ئي هڪڙو بيدين ملڪ آهي.

جيڪڏهن واقعي ڀارت کي عوامي چين کان انديشو آهي ۽ فوجي حملي جو

خطرو محسوس ڪري ٿو، ته پوءِ ڪيس "سيٽو" ۽ "سينٽو" ۾ شامل ٿيڻ گهرجي. ڀارت ائين ڇو نٿو ڪري؟ جيڪڏهن واقعي ڪيس ڪميونسٽ اڳرائيءَ جي شڪار ٿي وڃڻ جو ڊپ آهي، ته پوءِ هن کي ڪميونسٽن خلاف ناهيل هنن دفاعي تنظيمن ساڻ شامل ٿي وڃڻ گهرجي، ته جيئن هو اڳرائيءَ خلاف اجتماعي قسم جي خود-دفاعي ڇٽيءَ هيٺ اچي وڃي. پر ڀارت ڪڏهن به "سيٽو" يا "سينٽو" ۾ شامل نه ٿيندو، ڇاڪاڻ ته هن کي 'پنهنجو بچاءُ پاڻ ڪرڻ '' ۾ ڪا به دلچسپي ڪانهي. ڀارت خود هڪ اڳرائي ڪندڙ ملڪ آهي، ۽ هڪڙو اڳرائي ڪندڙ ملڪ ڪڏهن به اهڙي نظام سان شامل نه ٿيندو، جنهن جو مقصد اڳرائيءَ خلاف بچاءُ ڪرڻ ۽ صلح کي محفوظ رکڻ هجي. ڀارت ائين نه ڪندو، سا ڳالهه خود ڏيکاري ٿي، ته هو پاڻ اڳرائي ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو- ۽ اها اڳرائي پاڪستان جي ئي خلاف ٿيندي، ڇاڪاڻ ته ڀارت کي چين خلاف اڳرائي ڪرڻ جي همت ئي ڪانه ٿيندي.

ڀارت جي صدر، ڊاڪٽر راڌاڪرشنن آمريڪا ۾ هي اعلان ڪيو: "ڀارت جي الڳ رهڻ واري پاليسيءَ جو اهو مطلب ڪونهي، ته هو ڪو آزاديءَ کان، صلح کان، ۽ انصاف جي واسطي صلح پسندانه طريقن استعمال ڪرڻ کان پاسو ڪري ٿو." جيڪڏهن ڀارت جي الڳ رهڻ واري پاليسيءَ جو اهو مطلب آهي، ته هو آزاديءَ جي مفادن سان ٻڌل آهي، ته پوءِ سوال اُٿي ٿو ته هن صديءَ ۾ ڪهڙو ملڪ آزاديءَ جو خواهان ڪونهي؟ آزاديءَ ۾ دلچسپي رکندڙن لاءِ اهو ضروري آهي ڇا ته ڪو ملڪ ڪنهن سان شامل هجي يا الڳ هجي، سوشلسٽ هجي يا سرمائيدار هجي؟ بهرحال، ڀارت جي دعوا آهي، ته هو به امن ۽ صلح ۾ ايمان رکي ٿو. تنهن هوندي به، پندرهن سالن جي عرصي ۾ هن لڳ ڀڳ پنج دفعا جارحانه ڪارروايون ڪيون آهن. سندس صلح جو تصور ڇا آهي؟ ڪنهن قوم کي سندس ڪارگذارين مان ئي پرکبو آهي، نه ان جي لباڙ مان، نه ان جي زباني وعدن مان، ۽ نه وري ان جي فصيح فقرن مان، جهڙا هي آهن: "صلح اسان جو ايمان آهي."

ڀارت پاران ائين چيو ويو آهي، ته عوامي جمهوريه چين سان سرحدي معاهدو ڪري، پاڪستان هڪڙو عظيم گناهه ڪيو آهي. عوامي جمهوريه چين پاڪستان جو پاڙيسري ملڪ آهي ۽ اسان جي ڪيتري ساري سرحد ان جي پاسي سان آهي. پر اسان ڀارت حڪومت جي نظرن ۾ پنهنجي هڪ پاڙيسريءَ سان

سرحدي معاهدي جي تڪميل ڪري هڪ گناهه ڪيو آهي، جنهن لاءِ اسان کي ڪڏهن به معاف نه ڪيو ويندو! اهو منطق رڳو ڀارتي سياست جي چار ۾ ئي سمائجي سگهي ٿو، ۽ رڳو ڀارتي اڳواڻ ئي ان کي سمجهي سگهن ٿا.

ڀارت کي اها ڳالهه موزون نظر آئي ته سرحدي معاهدي ۾ هڪڙو خفيه فقرو پڙهي، جنهن مان ڀارت خلاف پاڪستان ۽ چين جي سازش جو مطلب نڪري ۽ پوءِ هن فقري کي ڪافي هوا ڏني وڃي. شروعات ۾ اسان ان کي ڀارتي ذهنيت جي بيوقوفي سمجهي، جواب ڏيڻ جي به ضرورت محسوس نه ڪئي. جواب ڏاڍو سولو آهي، ۽ اهو هي آهي: اسان کي آزمايو، اسان سان صلح ڪريو، اسان سان ڪنهن فيصلي تي اچو، اسان سان جهڳڙيون بند ڪريو، ۽ ڪوشش ڪري اسان سان ميٺ محبت ۾ رهو. اهوئي سڀ ڪان سنو طريقو آهي انهيءَ ڳالهه کي معلوم ڪرڻ جو، ته واقعي ڀارت جي خلاف پاڪستان ۽ عوامي چين جو ڪو خفيه معاهدو آهي يا نه. حقيقت هيءَ آهي ته اسان ڪي به مخفي معاهدا نه ڪيا آهن. اسان جو اهڙين ڳالهين ۾ ڪو به اعتماد ڪونهي. اڳئين زماني جي مستند زبان ۾، ائين چئجي ته اسين ڪليل معاهدن کي کليءَ طرح تڪميل تي آڻڻ ۾ اعتماد رکون ٿا. اسين کليءَ طرح "سيٽو" ۽ "سينٽو" سان شامل ٿيا آهيون، ۽ اهي معاهدا قومي سندون آهن. اسين پنهنجين پاليسين کي مخفي نه رکندا آهيون. شايد ڀارتي حڪومت ائين ڪندي هجي، ۽ شايد سندس خفيه معاهدا ڪيل آهن. پر اسان جا هٿ صاف آهن، ۽ اسان جو ضمير به صاف آهي. اسان جا دنيا جي ڪنهن به ملڪ سان خفيه معاهدا نه آهن، جن ۾ چين جي عوامي جمهوريت به شامل آهي. اسين چين جي عوامي جمهوريت سان ان ڳالهه ۾ متفق آهيون ته تڪرارن کي پرامن، عزت ڀرين ۽ منصفانه طريقن سان حل ڪيو وڃي. جيڪڏهن انهيءَ کي اوهين خفيه معاهدو سڏيندا، ته اهڙا معاهدا اسان جا دنيا جي هر ملڪ سان آهن.

هاڻي ڀارتي نقطه نظر کي جائز ڏيکارڻ لاءِ ڊاڪٽر راڌا ڪرشن فرمايو: "ڀارت جي غيرجانبداري آمريڪا جي مفاد خاطر هئي." ڀارت جي بلند همتيءَ کي شاباس ڏجي! آمريڪي حڪومت کي ڀارت جو شڪرگذار ٿيڻ گهرجي. ڊاڪٽر راڌا ڪرشنن اڳتي فرمايو: "اسين روس سان ڳالهه ٻولهه ڪري سگهون ٿا، هڪڙي طرفدار جي حيثيت ۾ نه، بلڪ انهيءَ قوم جي حيثيت ۾، جيڪا

انصاف جي بلند ترين اصولن جي حفاظت وارين ڪوشش ۾ دلچسپي رکندي هجي، ۽ اتي جي عوام کي چوي ته اهو سندن فرض آهي ته هو معاملات کي سمجهن ۽ ڪنهن فيصلي تي رسن." ڀارت وارن جي غير جانبداري کين انهيءَ حيثيت ۾ رکي ٿي جو هو روس جي ماڻهن سان ڳالهه ٻولهه ڪري سگهن، ۽ انهيءَ لاءِ هنن کي اها سموري فوجي امداد گهرجي، جيڪا کين آمريڪا کان ملي سگهندي هجي. ساڳئي ئي سبب ڪري، هو پاڻ کي روس کان فوجي امداد وٺڻ جو به مستحق سمجهن ٿا. انهيءَ ڪري، هو پنهنجي نام نهاد غير جانبدارانه پاليسيءَ کي قائم رکڻ چاهين ٿا. ڇو؟ ڇاڪاڻ ته هو روس سان اهڙيءَ طرح ڳالهائي سگهن ٿا، جيئن هڪڙي قوم ٻيءَ قوم سان ڳالهائي. ڀارت جيڪڏهن روس جي ويهه ڪروڙ عوام سان ڳالهائي سگهي ٿو، ته اسين به ساڳئي بنياد تي چين جي عوامي جمهوريه جي پنجهٺ ڪروڙ عوام سان ڳالهائي سگهون ٿا، ۽ اسان جي دوستن کي انهيءَ تي راضي ٿيڻ ۽ اسان کي همٿائڻ گهرجي. ائين ڪرڻ لاءِ، کين اسان کي ايتريقدر به چوڻ گهرجي، ته اسين معاهدن کي ڇڏي ڏيون. جيڪڏهن ڪا ڳالهه ڀارت لاءِ مفيد آهي، ته پوءِ ساڳي ئي ڳالهه پاڪستان لاءِ ڇو مفيد ڪانهي؟ جيڪڏهن پاڪستان جي اها هڪڙي وصف آهي، جو اهو هڪ طي شده پاليسيءَ جو پابند آهي، ته ساڳيءَ طرح ڀارت لاءِ هڪ پابند ملڪ رهڻ جي وصف ڇو نه هجي؟ اها به رخي پاليسي ڇو هئڻ کپي؟ سيني ملڪن لاءِ ڪو هڪڙو ئي بين الاقوامي معيار ۽ هڪڙو ئي بين الاقوامي سطح جو اخلاقي ۽ انتظامي ضابطو ڇو نه هجي؟

دنيا ۾ جيڪي ڪجهه وهي واپري رهيو آهي، جيڪي اجتماعي صورتون وجود ۾ اچي رهيون آهن، ۽ حالتون جنهن رخ تي هُلي رهيون آهن، تنهن جي مدنظر، ڇا اجا وقت نه آيو آهي، جو روس کان پڇجي ته هو واقعي هڪ حقيقي پاليسيءَ تي هلي رهيو آهي؟ روس هڪ وڏو ملڪ آهي، ۽ ان کي مردن، زالن ۽ جانورن کي بيروني خلا ۾ گردش ڪرائڻ لاءِ مبارڪباد ڏيڻ گهرجي، پر ان کي زمين تي به پير ذرڻ گهرجن. اسين پڇڻ چاهيندا سين ته هن جي ڪشمير بابت طرفداريءَ واري پاليسي، جيڪا ڪن حالتن ۾ ڀارت جي پنهنجيءَ پاليسيءَ کان به وڌيڪ ڀارتي نوعيت جي آهي، سا دنيا جي صلح ۽ سلامتيءَ لاءِ انتهائي

خيرخواهيءَ واري پاليسي آهي ڇا؟ جيڪڏهن ڀارت پنهنجي موجوده حيثيت ۾ آمريڪا ۽ روس جي ٻنهي ملڪن کان فوجي امداد حاصل ڪري ٿو، ته ڇا ان ۾ هڪ طبعي ۽ بنيادي اختلاف ڪونهي؟ وقت جي روانيءَ سان هي اختلاف وڌيڪ ۽ وڌيڪ ظاهر ٿيندو ٿو وڃي. لفظن جي ڪا به سٽيپي تشريح ۽ سياسي بازيگري ڪڏهن به ناگوار کي خوشگوار بنائي نه سگهندي. سوشلسٽ دنيا جي خوابيده شهزادي کي پنهنجي اختيار ڪيل پاليسيءَ ۾ بنيادي اختلافن کي محسوس ڪرڻو پوندو، ۽ هن کي ڪشمير جي جهڳڙي ۾ اصولي طرح ڪنهن صاف ۽ نوس نقطه نظر تي اچڻو پوندو. انهيءَ تنازعي ۾ هن کي طرفداريءَ واري پاليسيءَ کي ترڪ ڪرڻو پوندو. خود ڀارت به ڪشمير بابت پنهنجي شروعاتي موقف کي ترڪ ڪري چڪو آهي. ڀارت دنيا کي ٻڌايو، ۽ روس کي به ٻڌايو، ته ڪشمير جو سوال طي شده آهي، ڪنهن به حالت ۾ ان کي وري نه اُٿلايو ويندو، ۽ هاڻي اهو ختم ٿيل معاهدو آهي. ڪشمير جي اندر گذريل ڇهن مهينن جي عرصي ۾ ٿيل ڪارروائين کان قطع نظر، ڀارت سرڪار ۽ پاڪستان سرڪار جي وچ ۾ ڪشمير جي مسئلي تي ڳالهائڻ ٻولهائڻ جا ڇهه دور هلي چڪا آهن. اِهو ڪافي آهي هن ڳالهه کي ثابت ڪرڻ لاءِ، ته ڪشمير جو قصو ختم نه ٿيو آهي. هنن تازن انڪشافن روس جهڙيءَ عظيم طاقت کي ضرور پريشان ڪيو هوندو، جنهن ڀارت جي طرفداري انهيءَ خيال کان پئي ڪئي آهي ته ڪشمير هڪڙو بند ٿيل باب آهي. ڪشمير جو سوال يڪطرفي نموني ڪڏهن به حل ٿي نٿو سگهي، ۽ ڀارت انهيءَ حقيقت کي، اسان سان هليل ڳالهين ذريعي، هڪ ڀيرو وري به تسليم ڪيو آهي. پاڪستان هن تنازعي ۾ هڪ ڌر آهي، ۽ اهڙي ئي حيثيت ڪشمير جي چاليهه لک باشندن جي آهي، جن جي خوداراديءَ جو حق خطري ۾ آهي.

ٿي سگهي ٿو ته بين الاقوامي حالتن جون مجبوريون روس کي ڪشمير جي سوال تي سندس موجوده موءقف ۾ ڪنهن بنيادي تبديلي آڻڻ جي اجازت نه ڏينديون هجن، ڪنهن حد تائين اهو سمجهي سگهجي ٿو. پر انهيءَ سلسلي ۾ جيڪڏهن ترت ئي ابتدائي قدم کنيو ويندو، ته اُهو درجي بدرجي تبديليءَ سان، هن کي انهيءَ مسئلي بابت غيرجانبداريءَ جي طرف وٺي ويندو ۽ طرفداريءَ واريءَ روش کي ترڪ ڪرائيندو. روس جي هيءَ طرفداريءَ واري روش انصاف جي، مفادن

وٺان نه آهي. روس کي انهيءَ سوال جو اڳ - پوءِ جاچڻ گهرجي، ان کي تازين تبديلين جي روشنيءَ ۾ چڪاسڻ گهرجي، ۽ ڏسڻ کپي ته ان ۾ ڪهڙا تضاد موجود آهن. جيڪڏهن روس پاڪستان جي ڏهه ڪروڙ ماڻهن سان دوستي رکڻ چاهي ٿو، ۽ دنيا تي ثابت ڪرڻ چاهي ٿو، ته هو بين الاقوامي تنازعن کي حق ۽ انصاف جي بنيادن تي طي ڪرڻ جو خواهان آهي، ته هن کي ائين ئي ڪرڻ گهرجي.

هڪ اسلامي ملڪ جي حيثيت ۾، پاڪستان ايشيا ۽ آفريقا جي سيني مسلمان ملڪن سان دوستي ۽ يڪجهتيءَ جو رشتو قائم ڪرڻ چاهي ٿو. اسان جا ايران ۽ ترڪيءَ سان بلڪل سٺا تعلقات آهن، ۽ تازو اسان جا تعلقات افغانستان سان به سڌري ويا آهن. اسين انهن ملڪن سان اجا به وڌيڪ ڳانڍاپو چاهيون ٿا. اسين چاهيون ٿا، ته ايشيا جي اوير وارن پاڙيسرين سان به اسان جا اهڙائي تعلقات هجن، ۽ اڳ ۾ ئي اسان جا انهن سيني سان دوستاڻا ناتا آهن. پاڪستان جي هيءَ بيمثال خصوصيت آهي، جو هو مغربي ايشيا ۽ مشرقي ايشيا ٻنهي ۾ سمايل آهي. اڌ کان وڌيڪ اسان جا باشندا اسان جي ملڪ جي مشرقي حصي ۾ رهن ٿا. اسين ملائيشيا ۽ انڊونيشيا جي عوام ۽ ڏکڻ-اوير ايشيا جي باقي حصن جي عوام سان بهترين حد تائين تعلق ۽ تعاون پيدا ڪري سگهون ٿا. اسين انهيءَ تعلق ۽ تعاون کي فروغ ڏيڻ چاهيون ٿا.

انهيءَ کان ڪو به انڪار نه ڪندو، ته ڪشمير تڪراري علائقو آهي، اهو عالم آشڪار آهي، انهيءَ کي بين الاقوامي طور مڃيو ويو آهي. سڀ کان وڏي ڳالهه ته ڪشمير جا باشندا ٻين سيني کان وڌيڪ چاهن ٿا، ته سندن قسمت تي تڪرار آهي. هنن کي ٻين سيني کان وڌيڪ ڄاڻ آهي، ته سندن مستقبل جو اڃا فيصلو ٿيڻو آهي. انهيءَ حقيقت جي مدنظر، اهو بين الاقوامي اخلاق ۽ انصاف جي ڪهڙي قانون موجب درست ۽ واجب آهي، ته ڪشمير جي سوال کي ڀارت ۽ چين جي جهڳڙي سان وچڙايو وڃي، ۽ ان کي ڀارت جي وڌائيءَ ۽ گهمنڊ جو شڪار بڻائجي؟ اڄ جيڪڏهن ڪشمير پاڪستان جو حصو هجي ها، ته اتي جي ماڻهن جي زندگي اهڙي ئي بيخطر ۽ اطمينان واري هجي ها، جهڙي هنزا يا گلگت يا مظفر آباد جي باشندن جي آهي. پر ڇاڪاڻ ته ڪشمير ڀارت جي قبضي هيٺ آهي، تنهنڪري ڀارت هن تڪراري علائقي کي ٻنهنجي لاءِ جنگ جو ميدان منتخب

ڪيو آهي. اڄ ڪشمير جا امن پسند ماڻهو، جن جو چين سان ڪو بہ جهيڙو ڪونهي، جي پنهنجيءَ سرگذشت ۾ لڙائيءَ کان بيخبر رهيا آهن، سي ڏسي رهيا آهن تہ ڀارت ۽ چين جي لڙائيءَ ۾ سندن وطن جي برباديءَ ٿي رهي آهي. هن لڙائيءَ ۾ جنهن سان انهن جو ڪو بہ واسطو ڪونهي.

ڪشمير جو مسئلو طيءِ ٿيڻو آهي. دنيا کي ان باري ۾ حقيقت تي مبني رويو اختيار ڪرڻو پوندو. هاڻي هيءُ پاڪستان ۽ ڀارت تائين محدود نہ رهيو آهي. ساڳيئي نوعيت جو هجڻ ڪري، انهيءَ جو اختتام بہ الجزائر ۾ عوام جي آزاديءَ لاءِ ڪيل جدوجهد جهڙو ٿيندو. اهو هن برصغير جي پنجاهہ ڪروڙ عوام کي لڙائيءَ ۾ گهلي سگهي ٿو. جيڪڏهن ڪا خونريز لڙائي ڇڙي پيئي، تہ ان جي گونج چئني طرفن پکڙجي ويندي. پاڪستان پنهنجيءَ پر ۾ هميشہ صبر کان ڪم پئي ورتو آهي، ۽ ائين ڪندو رهندو، پر اهڙو بہ وقت ايندو آهي، جڏهن صبر جو پيمانو لبريز ٿي ويندو آهي. مون کي ياد آهي تہ جڏهن پاڪستان حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ٿي رهي هئي، تڏهن ائين چيو ويندو هو تہ اها جدوجهد "هاڻي، يا ڪڏهن بہ نہ" جي مثال جيان ٿيڻ کپي. ڪشمير جو مسئلو بہ هاڻي اهڙو اهم، ۽ نتيجن جي لحاظ کان اهڙو نازڪ ٿي چڪو آهي، جو ان لاءِ بہ اهڙوئي خيال ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن پاڪستان کي صحيح معنيٰ ۾ قائم رهڻو آهي، تہ ڪشمير جي آزادي لازمي آهي.

هن جلد ۾ جيڪي تقريرون درج ڪيل آهن، ۽ جن بابت مون هن تمهيد ۾ ڪوشش ڪري اهم مسئلن جو اختصار ڏنو آهي، تن ۾ پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ کي ان صورت ۾ پيش ڪيو ويو آهي، جنهن صورت ۾ اها گذريل ٻن سالن دوران هلي رهي آهي. جيئن تہ اهي تقريرون قومي اسيمبليءَ ۾ بحث دوران مختلف موقعن تي پيش ڪيل آهن، تنهنڪري انهن جو دائرو وسيع آهي. ڪن حالتن ۾، مڙني تقريرن جو بنيادي موضوع ساڳيو ئي آهي. اها ڳالهہ اٽل آهي، ڇاڪاڻ تہ پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ جون، قدرتي طور، ڪي مستقل صورتون آهن. پر تلهي ليکي هنن بيانن ۾ چار ڪنارا نظر ايندا، جهڙوڪ ڀارت سان تعلقات، ڪشمير جو سوال، مغربي طاقتن سان تعلقات، ۽ ڀارت کي مغربي ملڪن وٽان هٿيارن جي امداد. اهي ئي معاملا، پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ جا چار اهم ترين جزا جوڙين ٿا. ظاهر آهي تہ اهي هڪٻئي سان ڳنڍيل آهن، ۽

جيئن وقت گذرندو رهيو آهي، اهو ڳانڍاپو به وڌيڪ کان وڌيڪ واضح ٿيندو رهيو آهي.

جيئن ته پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ جو تعلق ٻين ملڪن سان به آهي، تنهنڪري ان جا مسئلا ٻين ملڪن لاءِ به اهميت وارا آهن. انهن مسئلن مان پيدا ٿيندڙ ڇڪتاڻ ۽ دٻاءُ کي نه رڳو پاڪستان کي ئي برداشت ڪرڻو آهي، پر واسطيدار ملڪن کي به. انهيءَ ڪري، هن ڳالهه ۾ انهن ملڪن جو مفاد به آهي، ته هو انهن مسئلن جو پوريءَ طرح جائزو وٺن، ۽ انهن جا تڪڙا حل ڳولين. اها حقيقت آهي، ته پرڏيهي پاليسيءَ جا سوال گهڻو ڪري پرڪشش هوندا آهن، ۽ انهن جي حل تلاش ڪرڻ لاءِ اُتساهه جاڳندو آهي. پر، انهيءَ يا ٻئي ڪنهن سبب جي ڪري، دنيا انهن مسئلن کي زنده رکڻ جي عياشي نٿي ڪري سگهي، جيڪي ننڍن توڙي وڏن ملڪن تي اقتصادي بوجهه بڻيا بيٺا آهن، ۽ جن ۾ خوفناڪ لڙاين جا اسباب پريا پيا آهن. سياستدان پنهنجي سر انهيءَ اقتصادي بوجهه کان متاثر نٿا ٿين، پر انهن کي محسوس ڪرڻ گهرجي ته سندن عوام بريءَ طرح متاثر ٿئي ٿو، ۽ انهن کي اهڙي بوجهه کان کين آزاد ڪرائڻ گهرجي. سياستدان پنهنجي سر لڙائيءَ جي پوائنتن نتيجن کي محسوس ڪن يا نه، پر انهن کي محسوس ڪرڻ گهرجي، ته سندن عوام لاءِ، ۽ مجموعي طرح انسانذات لاءِ، اهي ڪيتريقدر نه برباديءَ جو باعث ٿيندا. عالمي معاملن جي پيٽ ۾، پاڪستان جا مسئلا لاشڪ ننڍا ڏسڻ ۾ ايندا، پر انهيءَ کان ڪوبه انڪار نه ڪندو، ته انهن مسئلن جي موجودگي پارت ۽ پاڪستان لاءِ تقريباً هڪ فوجي مقابلي جي معنيٰ رکي ٿي. انهن جي ڪري ٻنهي ملڪن جي غربت ۾ اضافو ٿئي ٿو. انهن جي ڪري، آمريڪا ۽ ٻين ملڪن کي فوجي امداد جي صورت ۾ اربين رپيا خرچ ڪرڻا پون ٿا، جيڪي هوند سندن توڙي ساريءَ دنيا جي عوام جي بهتر مقصدن لاءِ ڪتب آڻي سگهجن.

# [ 2 ]

## پاڪستاني پرڏيهي پاليسيءَ جا دور، ڀارت جي دشمني، پاڪستان لاءِ چاره ڪار، چين - ڀارت جهڳڙو، پاڪستان ۽ چين - هندستان لاءِ مغربي هٿيار

(26- نومبر، 1962ع)

پاڪستان پنهنجي پيدائش واري وقت کان وٺي، هڪبئي پٺيان نازڪ حالتن سان مد مقابل پئي رهيو آهي. پر انهن سڀني مان، نوعيت توڙي نتيجن جي لحاظ کان، موجوده حالت تمام سخت آهي. لاشڪ، اسين تاريخي حادثن جي هڪڙي سنگين گرداب ۾ آهيون، جنهن ۾ ڪنهن به صحيح ۽ غلط حرڪت جي وچ ۾ فرق جو مطلب، بجا طور، زندگيءَ ۽ موت جي وچ ۾ فرق آهي. بهرحال، جنهن نازڪ صورتحال ۾ اڄ اسين مبتلا آهيون، سا نظرين ۽ اصولن جي زبردست ڪشمڪش ۽ ٽڪراءَ واريءَ دنيا جو عڪس آهي. زندگيءَ جي اميدن ۽ اُمنگن کي زور وٺائڻ ۽ عالمي چڪتاڻ کي پرسڪون بنائڻ جي ڪوشش بدران، خودغرض وڏيون طاقتون، پنهنجي حسد وچان، دنيا کي مڪمل تباهيءَ جي اوڙاهه ڏانهن گهلي رهيون آهن.

عظيم تاريخي شخصيتن جي باري ۾ چيو ويو آهي، ته هو تاريخي زماني ناهڻ، خوشحالي آڻڻ، منجهائڻ يا متاثر ڪرڻ لاءِ دنيا کي تيزيءَ سان اڳتي وڌائيندا آهن. جيڪڏهن پڇي سگهان ٿو ته موجوده زماني جون هي عظيم شخصيتون ڪهڙي تاريخي زماني ناهڻ ۾ رڌل آهن؟ منٽن اندر، شهرن جا شهر ناس ٿي سگهن ٿا ۽ سارو ملڪ تباهه ٿي سگهي ٿو!

پندرهن سالن کان وٺي وڏيون طاقتون جنگي هٿيارن کي ناس ڪرڻ بنسبت ڳالهائينديون رهيون آهن، پر نتيجو ڪهڙو نڪتو؟ سپاهين جي هڪڙي دستي کي به برخاست نه ڪيو ويو آهي، نه وري ڪو هڪڙو هٿيار به ناس ڪيو ويو آهي. دنيا

۾ امن قائم ڪرڻ جي مسئلي وانگر، بي هٿياريءَ واري تحريڪ به ماڻهن جي دلين کان شروع ٿيڻ گهرجي. انهيءَ ڪارروائيءَ کي اجا هاڻي شروع ٿيڻو آهي. انهيءَ ڪري، دنيا جي قومن کي هٿيارن جي پچر ڇڏي ڏيڻ جي نصيحت ڪرڻ بيڪار آهي. خود اسان جي سرحدن جي هُن پار به، اسين قومي هٿيارن جي واڌاري لاءِ ڊڪ ڊوڙ ڏسون ٿا.

جيئن عالم آشڪار آهي، گهڻ ترقي يافته ملڪن جا رهاڪو فاقن ڪڍڻ جي حالت کي اچي پهتا آهن. اهڙيءَ حالت ۾، پنهنجن سڀني موجود وسيلن کي انتقامي جنگي سرگرمين ۾ ضايع ڪرڻ سان، وڏندڙ ڪروڙين انسانن کي ڪو به فائدو نه رسندو. هو خوشحاليءَ جي نون نظارن جا خواب پسي رهيا آهن، جن کان هنن کي ظلمي بينڪي راج صدين تائين محروم پئي رکيو آهي.

اهڙيءَ طرح، موجوده صورتحال هڪ خطري جي حيثيت به رکي ٿي، ته موقعي جي به. مڪمل بربادي آڻڻ لاءِ ڪافي مقدار ۾ تنگ نظري ۽ چريائپ موجود آهي. پر اجا به اسين مصيبت کي دفع ڪري سگهون ٿا، ۽ اسان لاءِ موقعو آهي ته پنهنجي ملڪ ۽ دنيا جي انسانن لاءِ هڪ عظيم ۽ شاندار مستقبل جي خوابن کي محسوس ڪريون.

متحد پاڪستان پنهنجي ملڪ جي امن امان ۽ ٻين سڀني ملڪن جي بهتر زندگيءَ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. ائين ڪرڻ لاءِ اسان ۾ ارادي جي قوت ۽ همت ٿيندي؟ هيءَ ئي گهڙي آهي، ٻيهر پنهنجي تڪليف ده جائزي وٺڻ جي. هن وقت اسين پنهنجن خيالن کي چين-ڀارت ڇڪتاڻ کان الڳ نٿا ڪري سگهون، جنهن جي لپيٽ ۾ هڪ سؤ ڪروڙ کان به وڌيڪ ماڻهو اچي ويا آهن.

قديم زماني کان وٺي تڪرارن کي نبيرڻ جا به طريقا رهندا آيا آهن، ۽ فقط اهي ئي به طريقا ٿي سگهن ٿا: هڪڙو جنگ جو، ۽ ٻيو صلح جو. اقوام متحده جو پڌرنامو سڀني ملڪن تي لازم قرار ڏئي ٿو ته پنهنجن تڪرارن کي صلح واري طريقي سان حل ڪن.

عظيم طاقتن وچ ۾ جهڳڙي جي حالت ۾، هٿيارن جو استعمال جنگ ڪرڻ جي مقصد کي ئي مفقود ڪري ڇڏيندو: ڇاڪاڻ ته طاقت جي موجوده خطرناڪ توازن سان، جنهن کي سر ونسٽن چرچل 'خوف جو توازن' ڪوٺيو آهي، ڪنهن يا

هارائڻ واري ڪا به ڌر تي نٿي سگهي. پر، دراصل قدري گهٽ طاقتن درميان تڪرارن کي حل ڪرڻ جو صحيح رستو به صلح جي طريقن وارو آهي. بلڪل اهوئي مشورو چين جي وزيراعظم ڀارت کي پئي ڏنو آهي، هڪ يا به ڀيرا نه، پر بار بار.

اسان کي بيحد حيرت ٿي رهي آهي، جڏهن اسين ڏسون ٿا، ته هن مشوري کي، جنهن جوئي فقط نيڪ نيت ماڻهن لاءِ رستو کليل آهي، قبول ڪرڻ بدران، ڀارت پنهنجي پاڙيسريءَ خلاف جوش وڌائڻ جي حماقت کي انتها تي پهچائي رهيو آهي- اهو پاڙيسري جيڪو هڪڙو ديو آهي، جنهن کي نابود نٿو ڪري سگهجي، هڪڙو پاڙيسري آهي، جو فقط پنهنجين حدن ۾ درستي ۽ ترتيب گهري ٿو، هڪڙي خود مختيار برابري رکندڙ جي حيثيت ۾، ۽ نه هڪڙي بيٺڪي تابعدار وانگر. چين- ڀارت سرحد جي نشاندهي ڪرڻ لاءِ چين جي تقاضا ڪو بيجا فعل ڪونهي. اهو شهنشاهيت جي اختيار ڪيل انهن طريقن کان مختلف آهي، جڏهن سن 1815ع واري وائنا ڪانگريس ۾، حڪمرانن جي ذاتي مقصدن ۽ طاقتور قومن جي قبضي ڪرڻ واري هوَس کي پوري ڪرڻ لاءِ، يورپ جي نقشي کي نئين سر ترتيب ڏني ويئي. مان چين- ڀارت جهڳڙي تي ٿوريءَ دير کان پوءِ وري ايندس. هن وقت مان عام پرڏيهي پاليسيءَ تي ڪجهه لفظ چوندس.

ڪنهن به قوم جي پرڏيهي پاليسي، ان جي خود مختياريءَ جو اعلان آهي. جيڪڏهن ڪا قوم سڀ اختيار ماڻي ٿي، سواءِ پرڏيهي تعلقات جي انتظام جي حق جي، ته هن کي آزاد تصور نه ڪري سگهبو. انهيءَ سبب کان ماڻهو پنهنجي پرڏيهي پاليسيءَ ۾ خاص فخر ۽ دلچسپي وٺندا آهن. اها هر ملڪ جي آزاديءَ جي هڪ کليل علامت آهي.

حڪومت جي پائيداري ۽ ان جي ملحق دائمي پاليسي، ملڪ جي اندروني معاملات جي پيٺ ۾، بيروني معاملات لاءِ وڏيڪ اهميت واري آهي.

انهيءَ جو اهو مطلب نه آهي، ته ڪو پرڏيهي پاليسيءَ ۾ ڦير گهير جي گنجائش مطلق نه هجڻ ڪپي. ان جو مطلب فقط هي آهي، ته اها اوچتو نه بدلجي. جيڪڏهن قومي مفادن جي اهڙي تقاضا هجي، ته پوءِ پرڏيهي پاليسيءَ کي ضرور بدلجڻ گهرجي؛ پر اها تبديلي باترتيب هئڻ گهرجي. انهيءَ تبديليءَ کي اهڙيءَ تيزيءَ سان گهٽ-وڌ نه ڪرڻ گهرجي، جيئن سرءُ سياري ۾ ۽ سيارو بهار ۾ بدلبو

آهي، بلڪ درجي بدرجي ان تي عمل ڪرڻ گهرجي.

آزاديءَ کان وٺي پندرهن سالن اندر، پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي ٽن مکيه مرحلن مان لنگهي آهي. مرحلي پهرئين ۾، ڀارت جي انهيءَ سخت پروپئگنڊا جي مقابلي ۾ ته پاڪستان جو قيام هڪ وحشت انگيز فرضي واقعو آهي، ڪوشش ڪري پاڪستان جي ملڪي حيثيت جي تسليميءَ لاءِ دليل پيش ڪيا ويا هئا. انهن مصيبت وارن سالن ۾، ڪوشش ڪري مڪمل طرح سان بين الاقوامي قبوليت حاصل ڪئي ويئي. پر، انهيءَ قبوليت جي باوجود، ملڪ ۾ انتشار رهيو. انهيءَ انتشار جو فائدو وٺي، ۽ پنهنجي ملڪ گيريءَ جي هوَس جي مڪمل تسڪين حاصل ڪرڻ کان سواءِ، ڀارت جوراڪاس حيدرآباد، جهوناڳڙهه ۽ ڪشمير جو ڳپل حصو هڙپ ڪري ويو.

مرحلي ٻئي ۾، اسلامي دنيا سان يڪجهتي پيدا ڪرڻ ۽ ان کي قائم رکڻ جي ڪوشش ورتي ويئي. انهيءَ سلسلي ۾ اسان جي طرفان ڪنيل ڪن قدمن جي سادگيءَ ۽ غير محتاطيءَ سببان ڪافي غلط فهمي پيدا ٿي ويئي. هڪ نئين قوم هجڻ ڪري، بين الاقوامي معاملن جي پيچيدگين ۽ باريڪ بينين کان اسين پوريءَ طرح واقف ۽ خبردار نه هئا سون. جيڪڏهن اسان جي پيشقدمي توريل تڪيل، محتاط ۽ اعتماد واري هجي ها، ته پوءِ نتيجي طور جيڪي (شڪن شبهن کان بهتر لفظ استعال ڪندي) غلط فهميون پيدا ٿيون، سي ايتريقدر نقصانڪار ثابت نه ٿين ها. اسان هڪڙي پيچيدي معاملي کي حد کان وڌيڪ آسان ڪرڻ جي ڪوشش ورتي. اسان جو هي دور اهڙو تڪليف وارو هو، جنهن ۾ انتهائي حد تائين، اسان جي اڳيان ڪا به صورت واضح ڪا نه هئي.

اسلام جي انهيءَ اصول تي پروسو رکي، ته سڀ مسلمان پاڻ ۾ ڀائر آهن، اسان انهيءَ وقت ۾ مسلمانن جي برادري قائم ڪرڻ جي ڪوشش ورتي، جڏهن عرب قوميت پنهنجي پوري زور تي هئي، ۽ هنن جو بنيادي شعور انسان جي قومي شعور کان جداگانه هو. عرب حڪومتون مختلف قسم جي سياسي نظم و نسق جي زير اثر هيون، ۽ اهي پاڻ ۾ ئي ڦٽيون ڀيون هيون. ايتريقدر، جو اهي اسرائيلي خطري جي نقطه نظر تي به پاڻ ۾ متفق ٿي نه سگهيون. پوءِ انهن مان ڪهڙي توقع ٿي سگهي ٿي، ته هڪڙي روحاني نظريي کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ هو پاڪستان جهڙيءَ

نئين چاول ۽ غير عرب قوم سان گڏجي ڪم ڪندا؟

پاڪستان سن1947ع ۾ وجود ۾ آيو، ۽ اسرائيل کي سن 1948ع ۾ قائم ڪيو ويو. عربن لاءِ لفظ "ورهاڱو" زهر مثل هو. عرب قومن ۾ زوردار پروپيگنڊا ڪئي ويئي، ته انگريزن، پنهنجي "ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو" واري پراڻي پاليسيءَ مطابق، ورهاڱي واري شرانگيز نفرت سان، عرب دنيا کي زخمي ڪري وڌو آهي، جيئن هو هندستان ۾ ڪري چڪا آهن. هن پروپيگنڊا، پوءِ جيتوڻيڪ اها سراسر غلط هئي، ڪن عرب حلقن ۾ برصغير جي ورهاڱي خلاف ۽ نتيجي طور پاڪستان خلاف ناراضگي پيدا ڪري وڌي.

پاڪستان، بهرحال، عرب ملڪن جي وچ ۾ هڪپئي لاءِ خيرسگاليءَ جي جذبي پيدا ڪرڻ لاءِ ڏاڍا جتن ڪيا: پر اسان جون عربن جي حقن لاءِ ڪوششون خير ڪي ياد ڪيون وڃن ٿيون، پر سئيز واري هنگامي جي دوران پاڪستان کان سرزد ٿيل غلطيون اسان کي اڪثر ياد ڏياريون وڃن ٿيون. اها حقيقت آهي ته عرب حڪومتن ڏانهن اسان جي پاليسيءَ جي اها هڪ غلطي انهيءَ وقت سرزد ٿي، جڏهن پاڪستان ۾ اندروني مونجهاري واريون حالتون چوٽ چڙهيل هيون. اها هڪ غلطي هاڻي پاڪستان خلاف هڪ مستقل ناراضگيءَ ۽ بدناميءَ جو سبب بڻجي ويئي آهي. جيڪڏهن باقاعدي حساب ڪيو وڃي، ته سئيز کي ڪٽڻ واري پاسي رکڻ کان پوءِ، بچت وارو پاسو سڄوئي پاڪستان جي حق ۾ آهي. آئون اوهان کي عرض ڪريان ٿو، ته پاڪستان جيڪو عربن جي باري ۾ اهميت وارو حصو ورتو آهي، انهيءَ تي غور فرمائيندا:

(الف) اسرائيل جي پاڪستان ڪلم ڪلا مخالفت ڪئي هئي، ۽ اڄ ڏينهن تائين اسين ان سان ڪنهن بہ تعلق رکڻ جا انڪاري آهيون. ٻئي طرف، ڀارت، جو هڪ غيرجانبدار مضبوط عرب ملڪ جو هڪ غيرجانبدار دوست آهي، تنهن اسرائيل سان پنهنجن ناتن کي گهٽي قدر وڌايو آهي.
(ب) فلسطين جي عرب مهاجرن کي اسان جي متواتر سياسي، اخلاقي ۽ اقتصادي مدد، ۽ (ت) اقوام متحده ۾ لبيا، سوماليا، ايريٽريا، موراڪو ۽ تيونس جي آزاديءَ لاءِ اسان جي جدوجهد ۽ آخرڪار الجزائر جي آزاديءَ

لاءِ اسان جي حمايت.

ائين چيو ويو آهي، ته الجزائر جي معرڪي ۾ اسان جو ڪردار وڌيڪ نمايان هجڻ کپي ها. اسان جي خيال ۾ عمل ۾ ڪي قدر موافقت هئڻ ضروري آهي. اسان هميشه ائين پئي چيو آهي، ته پاڪستان لاءِ ڪشمير هڪ تمام بنيادي سوال آهي. ساڳئي وقت، ڪن ماڻهن چاهيو ٿي ته سلامتي ڪائونسل ۾، جنهن جو فرانس هڪ مستقل ميمبر آهي، الجزائر جي سوال کي تسليم ڪري، اسين پنهنجيءَ پوزيشن کي ڪشمير جي باري ۾ خطري ۾ وجهون. جيتوڻيڪ رڳو اقوام متحده جون ڪوششون ئي ڪشمير جي جهڳڙي کي فيصل نٿيون ڪري سگهن، تاهم اهو ان جي اڳيان زير غور آهي. فرض ڪريو ته جڏهن اسان الجزائر کي تسليم ڪيو، تنهن ڪان ٽي سال اڳ ۾ اسين ان کي تسليم ڪريون ها، ته پوءِ ائين ڪرڻ سان الجزائر کي آزادي ملي وڃي ها؟ جيڪڏهن اسان جي تسليم ڪرڻ سان وڌيڪ خونريزي بند ٿيڻ جي ڪا به اميد هجي ها، ته اسين الجزائر جي عظيم ۽ بهادر انسانن لاءِ اهو خطرو به کڻون ها- پر ائين نه هو. باوجود انهيءَ جي جو سلامتي ڪائونسل جي موافق هلت اسان جي مکيه مفادن لاءِ موزون هئي، ۽ فرانس اسان جي هميشه غير مشڪوڪ حمايت پئي ڪئي آهي. اسان الجزائر جي عارضي حڪومت کي ان جي شديد ضرورت وقت تسليم ڪري، فرانس کي ناراض ڪرڻ کان به نه گسيا سين: ۽ اسان اهو پارت طرفان الجزائر کي تسليم ڪرڻ کان گهٽ اڳي ڪيو، جو پاڻ کي اخلاق جو علمبردار ٿو سڏائي.

اسلامي دنيا عرب ملڪن تائين محدود نه آهي. ان ۾ ترڪي، ايران، ملائيشيا، انڊونيشيا، مغرب ۽ آفريقا جا بيا گهڻائي ملڪ شامل آهن. انهن مان ڪيترائي ملڪ پاڻ انقلابي تبديلين مان گذري رهيا هئا. پنهنجيءَ بقا لاءِ جدوجهد ۽ پنهنجي قومي زندگيءَ جي تعمير جي سلسلي ۾ هو اسان جي عوام کان گهٽي تقويت حاصل نٿي ڪري سگهيا، جو اسين پاڻ اهڙن ئي مسئلن ۾ ورتل هئا سون.

اسان کي پنهنجيءَ هلت ۾ نه رڳو عرب ملڪن جي پاڻ ۾ رقابت جو لحاظ رکڻو هو، پر عرب- ترڪي ۽ عرب- ايراني ڇڪتاڻ جو لحاظ به رکڻو هو، جن جون پاڙون تاريخ ۾ تمام اونهيون آهن.

بنيادي طور، قوميت جا اثر نئين چاول اسلامي روح سان ٽڪر جي پيا،

جيڪو پاڪستان جي نئين ملڪ مان اُسريو هو. انهيءَ کان سواءِ، اسين پاڻ پنهنجن اندروني معاملن جي ڪري سخت پريشان هئاسين، جنهنڪري اسلامي ملڪن کي برادريءَ جي مرڪز تي جمع ڪرڻ جي عظيم مقصد لاءِ پوري ڪوشش نه ڪري سگهيا سون. جيڪڏهن اسين ڪامياب ٿيون ها، ته همعصر بين الاقوامي تعلقات ۾ عظيم ترين ترقي ٿئي ها. بهرحال، قوميت جون اُجهل ۽ شديد قوتون زبردست سيلاب وانگر ڦاٽي پيون، ۽ سامهون ايندڙ سڀني شين کي پاڻ سان گهليندي ويون.

تنهن هوندي به اسين ترڪيءَ ۽ ايران جي مسلم ملڪن جي همدردي ۽ حمايت حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا سين. پر انهن ٻن ملڪن ۾ به نئين روشنيءَ جي تحريڪ مذهبي ۽ ترقي پسند طاقتن ۾ تصادم پيدا ڪري ڇڏيو آهي، ايتريقدر جو انهن مان ڪنهن به ملڪ ۾ اسلام جي سياسي حيثيت کي تسليم نٿو ڪيو وڃي.

ترڪيءَ ۽ ايران جي عظيم عوام سان اسان جي دوستي ڏاڍي اهميت واري آهي. هي ملڪ اسان جي سڀني مشڪلاتن ۾ اسان سان ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺا آهن، ۽ اسين دل جي گهرائيءَ سان انهن جي ۽ اسان جي عوام جي وچ ۾ قائم ٿيل پرجوش جذبن جو قدر ڪريون ٿا.

ٽئين مرحلي تي اچڻ کان اڳ ۾، مان ٻاهرين ملڪن ۾ ڪم ڪندڙ پنهنجن سفارتخانن جو مختصر ذڪر ڪندس. سفارتخانن تي، مسلم دنيا اڳيان پاڪستان جي صحيح عڪس پيش ڪرڻ جي اڻ ثابت ٿيل ناڪاميءَ جا، گهٽائي غير فياضانه حملا ڪيا ويا آهن.

هيءَ ڳالهه تسليم شده آهي، ته سفارتخانا ڪن واضح پابندين جا محتاج آهن. بهرحال، اهو وسارڻ نه گهرجي ته اسان جي هن ڏينهون ڏينهن سُسندڙ دنيا ۾، جنهن ۾ گفت و شنيد جا ذريعا ذري گهٽ ڪماليت جي حد تائين پهچي ويا آهن، سفيرن ۽ بااختيار ايلچين لاءِ ائين ڪرڻ جي گنجائش گهٽ آهي، ته هو انهن ملڪن جي طرز عمل ۾ ڪا قطعي تبديلي آڻين، جن ۾ کين مقرر ڪيو ويو آهي. هن جيٽ ۽ راڪيٽ واري زماني ۾ مفاصلي جي ڪا به اهميت نه رهي آهي. حڪومتن ۽ ملڪن جي سربراهن جي وچ ۾ سڌي تعلق سفير جي دائري کي

گهٽائي ڇڏيو آهي. جديد حڪمت عمليءَ ۾ سفير کي اها اهميت حاصل نہ رهي آهي جيڪا هن کي اڳ حاصل هئي. جڏهن سفيرن کي اجازت هئي تہ هو پنهنجي اختيار ۽ مرضيءَ مطابق عمل ڪن. هاڻي هو آزاد فيصلا نٿا ڪري سگهن. هو فقط پنهنجي حڪومت جي پاليسي، ان جي نمائندي جي حيثيت ۾، انهن ملڪن تي واضح ڪن ٿا، جن ۾ کين موڪليو ويو آهي. انهيءَ ڪري، اصل اهميت ڪنهن ملڪ جي پرڏيهي پاليسيءَ کي ئي آهي.

گذريل ڇئن سالن ۾ پنهنجي ملڪ جي سفارتخانن سان منهنجا ڪافي واسطا رهيا آهن. ٻن موقعن تي مان پاڪستاني وفدن کي پنهنجي اڳواڻيءَ هيٺ اقوام متحده ڏانهن وٺي ويو آهيان، ۽ ڪيترائي ڀيرا اهم مهمن تي پاڪستان جي نمائندگي ڪئي اٿم. انهن موقعن تي آئون ڪوشش ڪري پنهنجن غير ملڪي تعلقات واري شعبي (Foreign Service) ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن سان مليو آهيان، ۽ مون کي انهن جي ڪم جو غور سان معائنو ڪرڻ جو موقعو مليو آهي.

منهنجي خيال ۾، غير ملڪي تعلقات واري شعبي ۾ ڪجهہ نااهل ماڻهو آهن، ۽ جيڪڏهن منهنجي اختيار ۾ هجي ها، تہ ڪڏهن جو انهن کي برخواست ڪري ڇڏيان ها - شايد اهو ڏينهن اجا بہ اچي. ان جي باوجود، آئون پُرزور لفظن ۾ چوندس تہ اسان جو غير ملڪي تعلقات وارو شعبو، گهٽ ۾ گهٽ ڀاڱي، ملڪ جي قومي ملازمتن جو نچوڙ آهي. اميدوارن جو انتخاب ڪنهن جي مرضيءَ مطابق نہ ٿيندو آهي، پر انهن کي هڪ اعليٰ معيار واري امتحان جي بنياد تي منتخب ڪيو ويندو آهي. گهڻو ڪري انهن کي ئي غير ملڪي ملازمت لاءِ چونڊيو ويندو آهي، جيڪي ڪامياب اميدوارن جي فهرست ۾ مٿانهين نمبر تي هوندا آهن. اسان پنهنجي غيرملڪي ملازمت جو بنياد فقط انهيءَ ئي معيار تي ٻڌو آهي. جيڪڏهن غير ملڪي ملازمت واري شعبي ۾، جيڪو ملڪ جي اعليٰ ترين ذهني معيار جي نمائندگي ڪري ٿو، ڪو نقص آهي، تہ پوءِ ضرور ڪا خرابي انهن معيارن ۾ ئي آهي. اهو واجب ناهي تہ ان ڳالهہ کي مجموعي رنگ ونايو وڃي، ۽ سڀني سفارتخانن تي يا ٻاهرين ملڪن ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪندڙن تي اجايا چوهہ چنديا وڃن. انهن مان گهڻا، تمام ذڪين حالتن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن. اسان جا گهڻا نوجوان، جيڪي قابل ۽ مخلص آهن، ڪنهن بہ ملڪ لاءِ فخر جو

باعث ٿي سگهن ٿا. مون ڪن ڪي ڪم جي زيادتيءَ ۽ دٻاءَ جي باوجود، سارا ھ جوڳو ڪم ڪندي ڏٺو آهي. ڪن هنڌن تي ته هڪڙوئي شخص خفيه لکپڙھ به سنڀالي ٿو، آفيس اسسٽنٽ به آهي، ته ايلچيءَ جا فرائض به انجام ڏئي ٿو. انهيءَ ڪري اها غير واجبي ڳالهه ٿيندي، جيڪڏهن سفارتخانن جي سموري سرشتي کي بيڪار ۽ نااهل قرار ڏنو ويندو. ايتري ملامت حق بجانب نه آهي، تنهن حقيقت کي پاسيرو رکي، ٻئي طرف ڏسبو ته ان جي اثر ڪان اسان جا سفارتي ادارا بي اعتماديءَ ۾ مبتلا ٿي ويندا، جن جا ڪيترائي آفيسر ٻاهرين ملڪن ۾ تمام تحسين جوڳو ڪم ڪري رهيا آهن.

هاڻي آئون پنهنجي ملڪ جي پرڏيهي پاليسيءَ جي ٽئين دور تي موٽان ٿو. اسلامي دنيا ۾ باهمي اتفاق آڻڻ لاءِ اسان جي طبعي زور ختم ٿيڻ کان پوءِ، اسان پنهنجي اڪيلائيءَ کي ٽوڙڻ لاءِ مغرب سان ڳانڍاپي جي ڪوشش ورتي. انهيءَ مقصد لاءِ اسان مغرب سان ڳالهه ٻولهه شروع ڪئي. جڏهن اها ڪافي حد تي پهتي، ته 17-نومبر سن 1953ع تي، آمريڪا جي حڪومت رسمي طور پارت جي حڪومت کي ٻڌايو ته ڏکڻ ايشيا ۾ آزاد دنيا جي دفاع کي مضبوط ڪرڻ لاءِ هوءَ پاڪستان سان فوجي امداد جي معاهدي بابت سوچي رهي آهي. انهيءَ صورتحال جي نتيجي طور، اسين ٽن اسلامي ملڪن، ايران، ترڪي ۽ عراق- عرب ملڪن مان فقط هڪ سان، فيبروري سن 1955ع ۾ عراق ۽ ترڪيءَ وچ ۾ طي ڪيل باهمي سهڪاري معاهدي ۾ شامل ٿي وياسين، جيڪو سيپٽمبر سن 1955ع ۾ پاڪستان قبول ڪيو.

تاريخ ۾ هيءُ اسان جو اهم موڙ هو. اسان جو اڪيلائيءَ وارو نازڪ ۽ خطرناڪ زمانو ختم ٿي چڪو هو، ۽ هاڻي اسين انهن قومن سان شريڪ ٿي وياسون، جيڪي ڪميونسٽ اڳرائيءَ جي حالت ۾ اسان جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار هيون.

ڪنهن به ڪاميابيءَ جي مقدار جو صحيح ۽ معقول اندازو ان جي نتيجي مان لڳائي سگهجي ٿو، جهڙوڪ: دوستن ۾ اطمينان ۽ دشمنن ۾ غصو يا ڊپ. انهن معاهدن ۾ اسان جي شامل ٿيڻ جو پارت ۾ ڪهڙو ردعمل هو؟ مغربي ملڪن سان پاڪستان جي ناتن ڳنڍڻ واري قدم تي سڄي پارتي قوم ملامت جو طوفان

ڪڙو ڪري ڏنو.

انهيءَ باري ۾ آئون ڀارتي وزيراعظم پنڊت جواهرلال نهروءَ جي فقط چند بيانن جو حوالو ڏيندس. نومبر سن 1953ع تي، پنهنجيءَ هڪ تقرير ۾ هن چيو:

"اسان لاءِ هيءَ معاملو شديد اهميت رکي ٿو، ايتريقدر جو ان جا اثرات ڏکڻ ايشيا ۽ خصوصاً ڀارت ۽ پاڪستان جي معاملات جي ساخت جي وسيع دائري تي پوندا. انهيءَ ڪري، هيءَ اهم صورتحال اهڙي نموني ظهور ۾ اچي، جيئن صاف طور اچي رهي آهي، تنهن تي آئون سخت حيران آهيان."

"اهو پاڪستان جي اختيار ۾ آهي، ته فوجي اڏا بنائي، ٻاهريان هٿيار آڻي، ۽ پنهنجي ملڪ ۾ جيئن وڻيس تيئن ڪري. اهو به ان جي اختيار ۾ آهي ته جيڪڏهن چاهي ته پنهنجي آزاديءَ تان هٿ کڻي، يا ان کي محدود ڪري ڇڏي؛ پر اسين انهن معاهدن جي نتيجن لاءِ فڪرمند آهيون، ۽ انهيءَ ڪري لازماً انهن حالتن جو پوري غور سان جائزو وٺي رهيا آهيون."

22- مارچ سن 1954ع تي، مسٽر نهروءَ جو ائين چوندي حوالو ڏنو ويو:

"آءٌ دعوا سان چوان ٿو، ته جهڙيون حالتون آهن، اهو تصور ڪرڻ مشڪل آهي ته ڪنهن سبب جي باوجود چين جي عظيم ملڪ يا ڀارت کان پاڪستان تي ڪا اڱرائي ٿيندي. پوءِ ڪيئن اوچتو هيءُ اڱرائيءَ جو سوال پيدا ٿئي ٿو، ۽ ڪيئن ان کي هن قسم جي فوجي امداد ڏيڻ لاءِ بهانو بنايو وڃي ٿو؟ پاڪستان طرفان مان ڪنهن به ممڪن سبب کان، جو مان سمجهي سگهان، بلڪل بيخبر آهيان."

"دستوري نموني ۾ پاڪستان کي اقتصادي توڙي فوجي لحاظ کان طاقتور بنائڻ جو مان خيرمقدم ڪندس. جيڪڏهن هو پاڻ کي پاڻ مضبوط بنائين ته مون کي ڪا به شڪايت نه ٿي سگهندي. پر هي دستوري طريقو نه آهي. هي هڪ تمام غير دستوري طريقو آهي، جنهن دستور کي ڏانوانڊول ڪري ڇڏيو آهي؛ ۽ دستور کي ڏانوانڊول ڪرڻ جو مطلب، صلح کان هڪ قدم پري هٽڻ جو آهي."

"هاڻي آمريڪا جي صدر چيو آهي، ته پاڪستان کي ڏنل امداد جو جيڪڏهن غلط استعمال ڪيو ويو ۽ اها ڪنهن به ملڪ خلاف اڱرائيءَ لاءِ

ڪتب آندي ويئي، تہ هو اهڙيءَ اڳرائيءَ کي ناڪام بنائڻ جي ذميداري کڻندو. مون کي خاطري آهي تہ آمريڪي صدر اڳرائيءَ جي خلاف آهي. پر گذريل تجربن مان اسان کي معلوم ٿيو آهي، تہ اڳرائي ٿيندي آهي، ۽ ان کي ناڪام بنائڻ لاءِ ڪوبہ اُپاءُ نہ ورتو ويندو آهي. پاڪستان کي آمريڪا وٽان مليل فوجي امداد، ممڪن آهي تہ اهڙيون حالتون پيدا ڪري، جيڪي اڳرائيءَ کي آسان ڪن ۽ همٿائين."

"جيئن مون باربار پئي چيو آهي، آمريڪا وٽان پاڪستان کي مليل هيءَ فوجي امداد ڀارت ۾ اسان لاءِ توڙي ايشيا لاءِ هڪ خطرناڪ صورتحال پيدا ڪري ٿي. اها اسان جي پريشانين ۾ واڌارو ڪري ٿي، ۽ ڀارت ۽ پاڪستان جي باهمي مسئلن کي وڌيڪ ڏکيو بنائي ٿي."

22- مارچ سن 1956ع تي، مسٽر نهروءَ ڀارتي لوڪ-سڀا ۾ هڪ تقرير ۾ چيو تہ "باوجود انهيءَ جي جو ڀارت ۽ پاڪستان وچ ۾ جنگ جو ڪو بہ انديشو ڪونہ آهي، ڪنهن هنگامي حالت پيدا ٿيڻ جي امڪان کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. پاڪستان کي فوجي امداد ملي آهي، جنهن ڀارت لاءِ انهيءَ نقطہ نظر کان بہ هڪ مشڪل مسئلو پيدا ڪري ڇڏيو آهي، جو ان کي پنهنجا وسيلا ترقياتي پروگرام کان هٽائي، فوجي ضرورتن ۾ لڳائڻا پوندا." مسٽر نهروءَ چيو تہ "سڀا" جو ڌيان دفاع جي ڪن واضح ۽ بنيادي اصولن ڏانهن ڇڪائڻ لاءِ، هو بحث ۾ دخل انداز ٿي رهيو آهي. لوڪ-سڀا ۾ بحث جي دوران، هن تازن واقعن بنسبت ڪي قدر تشويش ۽ پريشاني محسوس ڪئي هئي، تہ "اهم ڊپ ۽ انديشو آهي تہ متان ڀارت تي اسان جي پاڙيسري ملڪ (پاڪستان) کان ڪو حملو ٿئي، ۽ ان لاءِ اسين تيار نہ هجون. اهو بلڪل صحيح آهي، تہ هن فوجي امداد جي مسئلي جي ڪري، جا هڪ عظيم ملڪ مان اچي رهي آهي، ڀارت جي دفاعي حالتن تي گهٽو اثر پيو آهي. انهيءَ ڪري اسان کي هن نئين روشنيءَ ۾ صورتحال جو جائزو وٺڻو آهي."

آخرين مثال طور، مان مسٽر نهروءَ جي راڄ-سڀا ۾ 6-مارچ سن 1959ع واري رائي کي دهرائيندس، جنهن لاءِ ڀڌايو ويو آهي تہ هن چيو:

"مان وڌيڪ ٻڌائڻ گهران ٿو تہ گذريل چند هفتن دوران، جڏهن هن معاهدي

بنسبت ڳالهيون هلي رهيون آهن. اسان آمريڪي حڪومت جو ڌيان اهڙن معاهدن ڏانهن، ۽ خاص طور تي هن معاهدي جي ڪري پنهنجين پريشانين ڏانهن ڇڪايو آهي، جنهن جي ڪري پاڪستان کي اجا به وڌيڪ فوجي امداد ملڻ جو امڪان آهي، جا ٻيءَ معنيٰ ۾ اسان لاءِ نقصانڪار ثابت ٿيندي... شروعات کان وٺي آمريڪي حڪومت جي نمائندن اسان کي يقين پئي ڏياريو آهي، ته هن امداد جي مراد ڪميونسٽ اڳرائيءَ کي روڪڻ آهي...."

"خاص طرح اسان کي يقين ڏياريو ويو آهي، ته هي معاهدو (آمريڪا ۽ پاڪستان درميان ٻه رُخو معاهدو) ڀارت خلاف استعمال نه ڪري سگهبو... اسان بار بار پئي چيو آهي، ته پاڪستان کي آمريڪا جي دفاعي امداد، پاڪستاني حڪمرانن کي جارحيت لاءِ همٿائي ٿي، ۽ ڀارت ۽ پاڪستان جي وچ ۾ ڇڪتاڻ ۽ فساد کي وڌائي ٿي."

"آمريڪي اختياريءَ وارن جي يقين دهانيءَ جو اسين خيرمقدم ڪريون ٿا، پر اڳرائيءَ جي تشريح ڪرڻ مشڪل آهي، ۽ ماضيءَ ۾ پاڪستاني حڪمرانن اڳرائي ڪئي آهي ۽ ان کي جاري رکيو آهي.... اسان لاءِ مشڪل آهي، ته اسين پاڪستان کي ٻين ملڪن مان مليل امداد ڀارت خلاف استعمال ٿيڻ جي امڪان کي نظرانداز ڪريون. جيتوڻيڪ انهن ٻين ملڪن اسان کي ائين نه ٿيڻ جو يقين ڏياريو آهي."

اچو ته هاڻي موجوده بين الاقوامي صورتحال جي مناسبت سان خارجي پاليسيءَ تي نظر وجهون. هيءَ صورتحال اهڙي آهي، جنهن ۾ حڪمت عمليءَ جي موقعي جي ڪا به گنجائش نه رهي آهي. هن زماني ۾ خارجي پاليسيءَ جي جوڙجڪ لاءِ قومن لاءِ ٽي رستا کليل آهن:

(1) مغربي جمهوريتن سان اتحاد؛

(2) ڪميونسٽ ملڪن سان اتحاد، يا وڌيڪ موزون لفظن ۾، انهن جي ماتحتي؛ ۽

(3) غيرجانبدار ملڪن سان اڻ نمڪندڙ برادري.

ٻي عالمگير لڙائيءَ جي پڄاڻيءَ کان پوءِ، اقوام متحده جي ذريعي قانون

جي حڪومت کي فروغ ڏيڻ وارين اڻٿڪ ڪوششن جي باوجود، طاقت جا ٻه محور پيدا ٿي ويا آهن. دنيا ٻن گروهن ۾ ورهائجي ويئي آهي..... ڪميونسٽ ۽ غير ڪميونسٽ. گذريل پندرهن سالن دوران دنيا هڪ کان وڌيڪ موقعن تي تباهيءَ جي ڪناري تي آئي آهي. انهن ٻن طاقتور گروهن درميان شديد رقابت، انسانذات کي خطرناڪ صورتحال ۾ مبتلا ڪري، هيبتناڪ ائٽمي جنگ جي امڪان ڏانهن گهلي رهي آهي. جيڪڏهن خدانخواسته اهڙي جنگ ڇڙي پيئي، ته سموري تهذيب خاڪ جو ڍير بنجي ويندي. سمورا نظريا، اصول ۽ سماجي دستور انهيءَ ڍير جو حصو هوندا. انهن گروهن جي رقابت کي گهٽ ڪرڻ جون ڪوششون ڪامياب نه ويون آهن.

اقوام متحده اجا به انسان جي هٿن ۾ صلح جو هڪ همت افزا اوزار آهي. پنهنجين ڪوتاهين جي باوجود، گهٽ ئي موقعن تي هن پنهنجيءَ پرامن مداخلت سان دنيا کي مڪمل لڙائيءَ جي تباهيءَ کان بچايو آهي. جهڙوڪ: سئيز، برلن، ڪانگو ۽ تازو ڪيوبا ۾. دراصل اهڙين حالتن ۾ هن جي دخل اندازي، قومن درميان تڪرارن کي نبيرڻ لاءِ ضروري ثابت ٿي آهي.

ماضي قريب ۾ هڪ ٽين طاقت به ظهور ۾ اچي رهي آهي، جيڪا دعوا ڪري ٿي، ته هوءَ وڏن رقيبن جي جوش کي دٻائڻ جو اثر رکي ٿي. اها آهي غيرجانبدار ملڪن جي طاقت، جن جو تعداد وڌي رهيو آهي. پر پنهنجن ڏٻيل مقصدن کي ٻن ائٽمي ديون جي وچ ۾ پُل جي صورت وٺائڻ لاءِ، انهن وٽ حقيقي طاقت ۽ جوڳن وسيلن جي کوٽ آهي.

مون ٽئين حلقي کي غيريقيني ڄاڻايو آهي، ڇاڪاڻ ته غيرجانبدار ملڪن وٽ اهڙو ڪو به نوس مقصد ڪونهي، جنهن جي پنيرائي ڪرڻ لاءِ، ان مقصد سان ڳنڍيل ڪثيرالاطراف جوابدارين کي اختيار ڪرڻ جي خواهش هجي. هو هر ڪنهن مسئلي کي ان جي اهميت مطابق حل ڪرڻ جي دعوا ڪن ٿا، پر انهيءَ وضع کي اختيار ڪرڻ ۾ گهٽي قدر هو پاڻ ۾ به متفق نه آهن. مجموعي طور پڻ، هو ايتريقدر طاقتور نه آهن، جو جهڳڙن جي حل ڪرڻ ۾ ڪو قطعي ڪردار ادا ڪن. وڌيڪ اهم هيءَ حقيقت آهي، ته روس توڙي ڪميونسٽ چين هن خود ساخته ٽينءَ طاقت جي ڪردار کي قطعي تسليم نٿا ڪن. اسٽالن ان کي هڪ فريب سڏيندو هو.

مائوزي تنگ اڪثر چيو آهي، تہ ٽئين رستي جو ڪو وجود ئي ڪونهي. گهٽ۾ گهٽ، جولاءِ سن 1948ع ڌاري هن چيو: "اڪيلو رهڻ ناممڪن آهي. ٽئين رستي جو ڪو وجود ئي ڪونهي. نہ فقط چين ۾ پر ساريءَ دنيا ۾، بلا استثنيٰ، هر ڪو شهنشاهيت ڏانهن يا سوشلزم ڏانهن جهُڪي ٿو."

فقط ٿورا سال اڳ، هنيلي خروشيف، لينن جي "بہ قدم اڳتي ۽ هڪ قدم پوئتي" واري حربي تي عمل ڪندي، پُرامن بقائي باهميءَ جي جدوجهد ۾ غير جانبداريت جي ڪردار جي تعريف ڪئي آهي. نتيجي طور، هن تي ڪميونسٽ چين طرفان نظرثانيءَ جي عمل ڪي دهرائڻ جو الزام لڳايو ويو آهي. آمريڪا ۾، جان فوسٽر ڊليس، آمريڪا جي جديد حڪمت عمليءَ جي تيزفهم معمار، غيرجانبداريءَ کي "غير مهذب" قرار ڏنو آهي. آمريڪا ۾ تازوئي هارورڊ جا بہ ذهين گروهہ، ڪِسنگرَ ۽ شلِيسنگرَ، غيرجانبداريءَ کي دلچسپ چيز ظاهر ڪرڻ لاءِ، آمريڪا جي ڊگهي عرصي وارن اهم مفادن کي خساري ۾ وجهي، روايتي راهہ کان گمراهہ ٿي ويا آهن.

غيرجانبدار ملڪن مان ڀارت جو ڪردار، گهٽ ۾ گهٽ اڄ ڏينهن تائين، تمام چست رهيو آهي. ڀارت هڪ اهڙي مُرلي وڄائيندو رهيو آهي، جنهن جو سُر، مجموعي طرح فقط مغرب کي ئي اٽوٽنڊڙ لڳو آهي.

ڪنهن قوم جي خارجہ پاليسيءَ جو مکيہ محرڪ هوندو آهي، ان جي آزاديءَ ۽ ملڪي سالميت کي برقرار رکڻ جي تمنا. پاڪستان لاءِ، جنهن صورتحال ۾ هو پنهنجن عداوتي پاڙيسرين سان گهيريل آهي، ضروري آهي تہ پنهنجي ملڪي سالميت ۽ منفرد نظرياتي حيثيت جي حفاظت جا اُپاءَ ڳولي. ڪنهن قوم جي ٻاهرئين وقار جي بلنديءَ جو مدار ان جي اندروني طاقت ۽ استحڪام، ان جي ادارن جي جانداريءَ ۽ قومي مقصد جي مضبوطيءَ تي آهي. اسان کي وري وري پئي چيو ويو آهي، تہ مغرب سان معاهدن اسان جي آزادي کسي ورتي آهي، اها ڳالهہ صحيح نہ آهي.

طاقت جي موجوده بين الاقوامي توازن ۾، مشڪل سان ٽي يا چار ملڪ آهن، جيڪي صحيح معنيٰ ۾ مڪمل خودمختياريءَ جي دعوا ڪري سگهن ٿا. ان ڪان سواءِ، بين الاقوامي قانون جي ترقيءَ انهن ٿورن ملڪن لاءِ بہ لازم ٺهرايو

آهي، تہ هو پنهنجيءَ خود مختياريءَ جي ڪجهہ حصي تان هٿ کڻن. اقوام متحده جي ميمبري، سڀني ميمبر - ملڪن جي خود مختياريءَ تي چئني طرفن کان پابنديون عائد ڪري ٿي.

اقوام متحده جو منشور ان جي ميمبرن لاءِ لازم ٺهرائي ٿو، تہ اهي پنهنجي روايتي خود مختياريءَ جي ڪن اهم ترين اختيارن کي ترڪ ڪري ڇڏين. مثلاً: جنگ ڪرڻ جو حق. منشور جي آرٽيڪل ٻئي جي چوٿين فقري ۾ چيل آهي:

"سڀ ميمبر ملڪ پنهنجن بين الاقوامي تعلقات ۾، ڪنهن بہ ملڪ جي علاقائي سالميت يا سياسي آزاديءَ خلاف ڌمڪيءَ يا طاقت جي استعمال کان، يا ٻئي ڪنهن بہ نموني اختيار ڪرڻ کان، جيڪو اقوام متحده جي مقصدن جي خلاف هجي، پاسو ڪندا."

ميمبر ملڪ، انهيءَ ڪري، طاقت يا ڌمڪيءَ جو استعمال ڪري نٿا سگهن. انهن لاءِ لازم آهي تہ پنهنجن بين الاقوامي تڪرارن جا فيصلا پرامن ذريعي سان قبول ڪن.

موقعي جي مناسبت سان مان ايوان کي ٻڌائڻ چاهيان ٿو، تہ هن ئي اصول جو پارٽ پنهنجي آزاديءَ جي وقت کان وٺي سڀني ملڪن ۾ شدت سان پرچار پئي ڪيو آهي، پر پاڻ پنهنجي بين الاقوامي ڪار وهنوار ۾، پارٽ انهيءَ ئي اصول کي شدت سان پئي ٽوڙيو آهي.

پنهنجي مرڪزي نقطي تي واپس موٽندي، مان عرض ڪندس، تہ بين الاقوامي قانون جي سموري دائري اندر، ڪنهن بہ ملڪ جي آزاديءَ جو درجو انهيءَ ملڪ جي پنهنجيءَ طاقت ۽ آزاديءَ جي عزم تي مدار رکي ٿو، ۽ نہ سندس خارجي الحاقن تي، جهڙيءَ طرح معاهدن جي رڪنيت آهي. دراصل، ڪنهن ملڪ جي ڪنهن عهدنامي يا معاهدي ڪرڻ جي صلاحيت، بذات خود ان جي آزاديءَ جو دليل آهي. ڪوبہ ملڪ، جيڪو پنهنجن پيرن تي بيٺل نہ آهي، ڪنهن معاهدي ڪرڻ جي اهليت نٿو رکي.

جيڪڏهن پاڪستاني ائين محسوس ڪن، تہ هو پوريءَ طرح آزاد نہ آهن، تہ ان لاءِ هو پاڻ ئي قصوروار آهن، ۽ نہ هنن جي معاهدن ۾ رڪنيت. اسان کي پنهنجي وس آهر پنهنجن اندروني وسيلن کي ترقي ڏيارڻ ۽ اقتصادي طور ٻاهرين امدادي

سهارن تي ڀاڙڻ واريءَ حالت کي گهٽائڻ لاءِ هڙئي حيلا هلائڻ کپن. ٻاهرين طاقتن تي اسان جو اقتصادي انحصار، ڪنهن به طرح معاهدن جي رڪنيت سان واسطو نٿو رکي. مون تعلق رکندڙ عهدنامن جي هرهڪ لفظ جي ڇڪاس ڪئي آهي، ان ارادي سان، ته مبادا اهڙو ڪو فقرو ڏسڻ ۾ اچي، جنهن جو مطلب هجي، ته پاڪستان جي ملڪي بجيٽ کي ٻين فنڊن يا 'پي ايل-480' فنڊن جي سهاري جي ضرورت آهي. اسين جيڪڏهن پنهنجن ذريعن کي پوريءَ طرح ڪتب آڻي سگهون ٿا، ته اها ڳالهه اسان توڙي اسان کي مدد ڏيندڙن لاءِ تسڪين جو باعث ٿيندي.

ٻاهرين امداد حاصل ڪرڻ وارن ۾ پاڪستان ڪو پهريون يا واحد ملڪ نه آهي. آمريڪا حقيقي معنيٰ ۾ 'مارشل پلئن' تحت ڳريءَ امداد جي ذريعي يورپ کي اقتصادي ذلت مان ڇڪي ٻاهر ڪڍيو. اتحادي طاقتن جي متحد قوت هٿان شڪست کاڌل ۽ تقسيم ٿيل، برباد ۽ بُريءَ طرح تابع ڪيل جرمني، فقط ڏهه سال اڳ کنڊر بنيل هئي. ٻاهرينءَ امداد کي قابليت سان استعمال ڪرڻ ۽ ان کان آزاد ٿيڻ جي اٽل ارادي رکڻ سان، ترقي ڪري، جرمني هن وقت جي زبردست طاقت بنجي ويئي آهي. اڄ ان جي اقتصادي حالت اهڙي ئي مضبوط آهي، جهڙي ان ملڪ جي، جنهن ٿوروئي عرصو اڳ کيس اقتصادي امداد ڏني هئي.

ساڳيءَ ريت، ٻين يورپي قومن مان، فرانس، اٽليءَ ۽ انگلينڊ کي مارشل امداد جي ذريعي نئين سر پنهنجي اقتصادي آزادي بحال ڪرڻ جي لائق بنايو ويو آهي.

جيڪڏهن امداد جو مقصد ملڪن کي دائمي طرح ٻاهرئينءَ امداد جو محتاج رکڻ هجي ها، ته هي عظيم يورپي ملڪ انهيءَ کي ڪتب آڻڻ کان پوءِ پنهنجي نظام کي نئين سر تعمير نه ڪري سگهن ها. انهيءَ ڪري، اهو پاڳليٽو ٿيندو، جيڪڏهن اها دعوا ڪئي وڃي ته اقتصادي امداد سان گڏ دائمي محتاجيءَ جو زهر به شامل آهي.

"ٽائيم" مخزن، پنهنجي 3-نومبر سن 1962ع واريءَ اشاعت ۾، ٻاهرينءَ امداد تي ڪي دلچسپ تنقيدون ڪيون آهن:

"ڪئنيڊيءَ جي حڪومت اندر، بيروني امداد جي مقصدن ۽ طريقن تي نئين

سر ويچار ڪيو پيو وڃي. سرگرم ادارو، اٽتر نئون محاذ، قائم ڪيو ويو آهي، ان جي بنيادي مضمونن ۾ هڪ سخت تنقيدي مضمون، شڪاگو يونيورسٽيءَ جي پروفيسر، هنس مارجينٿا جو، ’آمريڪن پولٽيڪل سائنس رويو‘ ۾ شايع ٿيو آهي.

مارجينٿا ”اقتصادي ترقياتي امداد“ واري تصور جي عالمانہ جراحت ڪري ٿو. هو چوي ٿو، تہ ”ان جو ’صحيح نمونی ۾ ڪامياب استعمال‘ جو دائرو، عام طرح جي محسوس ڪيل دائري کان تمام گهٽ ٿيندو آهي. ڪيترائي گهٽ ترقي يافتہ ملڪ ضرورتن جا مريض آهن- ڪي لازمي تہ ڪي لاعلاج ضرورتن جا، ٻيا وري سماجي ۽ علاج جوڳين ضرورتن جا-- جن جو ٻاهران مهيا ڪيل سرمايي جي مقدار يا فني تربيت جي ذريعي علاج ڪري نہ سگهبو. ڪي تہ ’نا اهل ۽ بيڪاري قومون‘ آهن، جيڪي، جيستائين ڪا اخلاق جي معجزانہ تبديلي ظهور پذير ٿئي، غير ملڪي امداد ڪي پنهنجي حقيقي اقتصادي ترقيءَ لاءِ نڪي ڪتب آڻي سگهنديون، ۽ نڪي ڪتب آڻينديون.“

هڪ ”نا اهل ۽ بيڪاري قوم“ سڏجڻ، سو اسان جي قومي وقار جي خلاف آهي. پر، اڃو تہ پنهنجين ڪمزور پاليسين جي هن ڏکوئيندڙ جائزي جي موقعي تي پاڻ کي ملامت ڪريون، جنهن لاءِ صرف اسين ئي جوابدار آهيون.

مون هميشہ روس ۽ ڪميونسٽ چين سان پنهنجي ملڪي تعلقات کي معتدل بنائڻ جي حمايت پئي ڪئي آهي. مان نٿو سمجهان تہ ڪو معاهدن ۾ اسان جي شرڪت، ان ڏس ۾ ناموافق آهي. انهيءَ ئي مراد سان، مون پاڪستان ۽ روس وچ ۾ تيل جي معاهدي کي تڪميل تي پهچايو. گهٽوئي وسيع ميدان آهي، جنهن تي اسين ڪميونسٽ ملڪن سان، دنيا ۾ امن قائم ڪرڻ جي گڏيل مقصد لاءِ، دوستن وانگر گڏجي سگهون ٿا.

ڏهہ ڪروڙ باشندن جي، دنيا ۾ پنجون نمبر، وڏيءَ قوم جي حيثيت سان، اسين بين الاقوامي لاڳاپن کي معتدل بنائڻ ۽ عالمي ڇڪتاڻ کي گهٽائڻ جو ڪردار ادا ڪري سگهون ٿا. روس اسان جو ويجهو پاڙيسري ملڪ آهي. تاريخ جي ڊگهي ۽ طوفاني سفر ۾، اسان کي ٽائي پيرا هڪٻئي سان گڏجڻ جو

موقعو مليو آهي. اسان جي ٻنهي ملڪن جي نسلن ۾ ثقافتن جو پاڻ ۾ ميلاپ پئي رهيو آهي. تيموري خاندان جي اولاد جيڪا اسان لاءِ روسين وچ ايشيا مان عظيم ميراث آندي، سا اسان لاءِ اُتساهه جو باعث آهي، ۽ رهندي. پنهنجي سمرقند، تاشقند ۽ انهن علائقن جي ٻين هنڌن جي دوري واري وقت، مان اتي جي ماڻهن ۽ اسان جي ماڻهن وچ ۾ ثقافتن ۽ نظرين جي عظيم مناسبت ڏسي دنگ رهجي ويس، ڇاڪاڻ ته باوجود انهن اتانهن جبلن جي، جيڪي اسان کي الڳ رکن ٿا، ۽ گذريل ڪيترين صدين ۾ هڪٻئي سان ميل جول ۽ لڳ لاڳاپي جي عدم موجودگيءَ جي، اسان جي ٻن ملڪن درميان مضبوط رشتي جا تمام گهڻا ثبوت موجود هئا. اسين برابريءَ ۽ خودداريءَ جي شرطن تي روس ڏانهن پنهنجي دوستيءَ جو هٿ ڊگهيريون ٿا. بهرحال، روس پنهنجن ذاتي سببن ڪري، اسان سان هڪ مسئلي جي سلسلي ۾، جو اسان جي مستقبل لاءِ تمام اهم آهي، غير همدرد پئي رهيو آهي. مون کي ڊپ آهي، ته اسان جي خواهشن جي باوجود، اسين انهيءَ عظيم ملڪ سان پنهنجن ناتن کي مڪمل طريقي سان هموار نه ڪري سگهنداسين، جيستائين هو انهيءَ مسئلي جي حقيقي خوبين جي بهتر نموني قدر ڪري سگهي.

عوامي چين جو معاملو بلڪل مختلف آهي. ڪشمير جي باري ۾ عداوتي رويي اختيار نه ڪرڻ سبب، اسين چين جي عوامي جمهوريت جي تعريف ڪريون ٿا. جيتوڻيڪ ماضيءَ ۾ اسان جي هن عظيم پاڙيسري ملڪ سان اسان جا تعلقات اهڙا خوشگوار نه هئا، جهڙا هن وقت آهن. گريلال جين (Girilal Jain) جي تصنيف ڪيل ڪتاب، "پنچشيلا ۽ ان کان پوءِ" (Panchsheela and After) ۾، مصنف چيو آهي:

"مسٽر چو اين- لائيءَ جي 57-1956ع واري ڀارت جي دوري وقت، چين جي وزيراعظم کان بار بار پڇيو ويو، ته هو ڪشمير بابت پاڪ-ڀارت تڪرار جي مسئلي تي پنهنجي حڪومت جي پاليسيءَ جي وضاحت ڪري. روسي سربراهن جي ابتڙ، مسٽر چو اين- لائيءَ ڪوبه قطعي جواب نه ڏنو. هن مان انهن غير تصديق شده اطلاعن جي ڪي قدر تصديق ٿئي ٿي، جيڪي ان وقت دهليءَ ۾ مشهور هئا، ته چيني حڪمران ڪشمير جي

مسئلي تي پاڪستان سان سوديبازي ڪرڻ واري خيال جا بنهہ مخالف نہ هئا."

اسان کي فراخدليءَ سان پنهنجين خامين جو اقرار ڪرڻ گهرجي، جنهن لاءِ موجوده حڪومت ذميدار نہ آهي. جڏهن چين جي عوامي جمهوريت جي مرڪزي حڪومت قائم ٿي، تہ اسان انهيءَ نئينءَ حڪومت کي تسليم ڪيو، ۽ شروع کان ئي اقوام متحده ۾ ان جي شموليت جي حمايت ڪئي. تنهن کان پوءِ، اسان جي اندروني انتشار ۽ ڪمزوريءَ جو فائدو ورتو ويو، ۽ حالتن جي دٻاءُ سبب اسان کي پنهنجو موءقف بدلائڻو پيو. ڪيترن سالن تائين اسان چين جي عوامي جمهوريت جي اقوام متحده ۾ شموليت جي حمايت نہ ڪئي. دوست ملڪن لاءِ هيءَ ڳالهہ غير فطري نہ آهي، تہ هو ڪنهن خاص نظريي کي قبول ڪرڻ لاءِ هڪٻئي کي مائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن: اها ڳالهہ بين الاقوامي تعلقات ۾ شامل آهي. مثال طور، ملڪ جي اندروني معاملن ۾، ڪارخانن جي وزير جي حيثيت ۾، آئون واپار جي وزير کي پنهنجي نقطہ نظر مڃائڻ جي ڪوشش ڪري سگهان ٿو: پر جي هو ان کي رد ڪري ڇڏي، تہ انهيءَ جو اهو مطلب نہ آهي، تہ ڪو هو منهنجي "دٻاءُ" هيٺ نہ آيو آهي.

دٻاءَ جي اثر کي قبول ڪرڻ لاءِ آسانيءَ سان آماده ٿي وڃڻ، سا ڳالهہ واقعي المناڪ آهي. اندروني طرح ڪمزور هجڻ جي حالت ۾، ائين ٿيڻ لازمي آهي. اسان جي اڳين حڪومتن واري وقت جا ساڳيائي اتحادي، چين جي عوامي جمهوريت کي اقوام متحده ۾ شامل نہ ڪرڻ واري اڳينءَ پاليسيءَ کي جاري رکڻ لاءِ، موجوده حڪومت تي غالب پئجي نہ سگهيا، سا ڳالهہ اسان جي معاهدن جي لحاظ کان بہ، اسان جي هاڻوڪيءَ پرڏيهي پاليسيءَ جي آزاد هجڻ جو ثبوت آهي. حالتن پٽاندر بہ، اسين پنهنجي اصل نقطہ نظر تي انهيءَ ڪري موٽي سگهيا آهيون، ڇاڪاڻ تہ موجوده حڪومت اهڙي قدم کڻڻ لاءِ ڪافي حد تائين مضبوط ۽ مستحڪم آهي. اسان گذريل ٻن سالن ۾ ڪميونسٽ چين کي اقوام متحده ۾ شامل ڪرڻ جي حمايت ڪئي آهي. جيڪڏهن چين جي عوامي جمهوريت هن عالمي تنظيم جي رڪن بنجي وڃي، تہ اها ڳالهہ ساريءَ انسانذات لاءِ فائدي واري ٿيندي. اهو اقوام متحده لاءِ ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو، تہ ڪنهن مسئلي تي پنهنجي اختيارات جو سارو وزن استعمال ڪري سگهي، جڏهن پنجهٺ ڪروڙ

ماڻهن جا نمائندا ان جي فيصلن ۽ ضابطن جي دائري کان ٻاهر آهن.

ڪنهن به هڪ ڪان سواءِ، مان ڪليءَ طرح چوان ٿو ته چين جي خلاف اسان کي ڪا به رنجش ڪانهي. انهيءَ ملڪ سان اسان جا ڪي به سرحدي تڪرار ڪينهن، ان سان اسان جا تعلقات هموار ۽ خوشگوار آهن، ۽ اسين ڪشمير جي سوال تي چين جي رويي جو قدر ڪريون ٿا، ۽ اسان کي اميد آهي ته جيئن جيئن اسان جي باهمي لاڳاپن ۾ اضافو ٿيندو، تيئن تيئن اهو رويو وڌيڪ واضح ۽ مثبت صورت اختيار ڪندو.

هوڏانهن چين اسان کي يقين ڏياريو آهي، ته مغرب سان معاهدن ۾ اسان جي رڪنيت، چين سان اسان جي دوستيءَ لاءِ ڪنهن به طرح ناموافق نه آهي. اها دوستي اٽل ۽ غير مشروط آهي.

چيو وڃي ٿو ته عوامي چين جي مرڪزي حڪومت پاڪستان کي هڪٻئي خلاف اڳرائي نه ڪرڻ جي معاهدي جي پيشڪش ڪئي آهي. انهيءَ پيشڪش کي مغرب سان ڪيل اسان جي عهدنامن سان ناموافق نٿو نهرائي سگهجي. اسان جا اهي عهدناما پنهنجي دفاع لاءِ آهن. اڳرائيءَ کي روڪڻ جو هڪ معاهدو، انهن عهدنامن جي دفاعي حيثيت کي وڌيڪ مضبوط ڪري ٿو.

آئون دعوا سان چوان ٿو ته چين سان اسان جي دوستي ڪنهن به قسم جي سوديبازيءَ يا ڏي- وٺ سان داغيل نه آهي. اها ٻن پاڙيسري ايشيائي ملڪن درميان، جنهن ۾ پنجهتر ڪروڙ باشنده آباد آهن، پائيدار دوستي آهي.

اسين عوامي چين سان پنهنجي دوستي ۽ روس سان خوشگوار ناتا قائم رکي سگهون ٿا. اسين پنهنجي مغربي دوستن سان ڪيل عهدنامن جي پاڪيزگيءَ کي ڪنهن به نقصان پهچائڻ کان سواءِ، جن ئي اوائلي وقت ۾ اسان کي پنهنجي اڪيلائيءَ جي حالت مان نڪرڻ جي لائق بنايو، ائين ڪري سگهون ٿا.

جيتريقدر غير جانبدار ملڪن جو واسطو آهي، اسان انهن سڀني سان خوشگوار ناتن قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ڪجهه سال اڳ اسان جا تعلقات متحده عرب جمهوريه سان ناخوشگوار هئا، ته انهيءَ ۾ اسان جي هن حڪومت جو قصور ڪونهي. جنهن وقت کان وني انقلابي حڪومت اقتدار ۾ آئي آهي، متحده عرب جمهوريه توڙي ٻين سڀني وچ-اوڀر ۽ آفريڪي ملڪن سان، نائجيريا، گهانا ۽ مغرب جي عرب رياستن سميت، پنهنجن

لاڳاپن کي جفاڪشيءَ سان سڌارڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. انهيءَ حڪومت ٻين مکيه غيرجانبدار ملڪن، خاص طرح يوگوسلاويا، سان به پنهنجن ناتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

دنيا جي ٽن سياسي گروهن جي تفصيلي ذڪر ڪرڻ کانپوءِ، مان هاڻي اختصار سان انهن شخصن جو توجهه ڇڪائيندس، جي چاهين ٿا ته اسين عهدنامن کي ترڪ ڪري، "پڪا غيرجانبدار" بنجي وڃون. موجوده حالتن ۾ انهيءَ کان ڪو به انڪار نه ڪري سگهندو، ته ڀارت غيرجانبدارن جي مجموعي ۾ تمام اهم جڳهه والاري ٿو. انهيءَ ڪري، جيڪڏهن اسين غيرجانبدارن جي چانوٽيءَ ۾ پنهنجو خيمو کوڙيندا سون، ته اسين ڀارت جي تسلط ۽ ان جي پرفريب حڪمت عمليءَ جي تابع ٿي ويندا سون. جيستائين ڪشمير جو تڪرار فيصل ٿئي، اسين اقتدار جي انهيءَ دائري ۾ شريڪ ٿيڻ جو خيال نٿا ڪري سگهون، جنهن جي مٿان ڀارت جو تسلط آهي.

مان نٿو ڀانيان ته پاڪستان جو ڪو به باشندو پنهنجي ملڪ لاءِ اها ڳالهه پسند ڪندو، ته اهو نسبتاً ڪمزور ۽ غيرمستقل مزاج قومن جي انهيءَ اڻ نمنڊڙ سنگت جو غلام بنجي، جنهن جو اڳواڻ ڀارت آهي. ازانسواءِ، ڪهڙيءَ حد تائين ۽ ڪيتري مؤثر طريقي سان غيرجانبدار ملڪ ڀارت جي بچاءَ لاءِ هن جي چين سان هاٿوڪي جهڳڙي وقت آيا، سو عالم آشڪار آهي.

دولت مشترڪه کي ڪو الڳ نظرياتي اقتدار جو دائرو ڪري نه ليکبو. ان جا جهونا رڪن مغربي گروهه ۾ شامل آهن، ۽ نون مان گهڻا ميمبر غيرجانبدار گروهه ۾ آهن. بهرحال، دولت مشترڪه جي گهڻو ڪري سيني ملڪن سان اسان جا تعلقات تمام خوشگوار آهن.

برطانيه کي گهڻوئي بدنام ڪيو ويو آهي. ڇيو وڃي ٿو، ته برطانيه ورهاڱي جي خلاف هئي، ۽ گڏيل هندستان جو آخري وائسراءِ ۽ آزاد ڀارت جو پهريون گورنر جنرل، لارڊ مائونٽبيٽن، پاڪستان جو دشمن هو. ڪيئن به هجي، اهو هڪ تاريخي باب آهي: اسان کي ان جي ورثي سان واسطو آهي. ائنگلو-سئڪسن ماڻهوءَ جي هڪڙي ڪمزوري، يا مان ان کي خوبي چوان، اها آهي ته هو بنيادي طور حقيقت شناس آهي. انهيءَ ڪري ائنگلو-سئڪسن وٽ ڪي مستقل تاثرات

نہ هوندا آهن. ازانسواءِ، اها انهيءَ ئي قوم جي خاصيت آهي، تہ جيڪي هن سان مقابلو ڪن، انهن جو هوءَ بادل نخواستہ قدر ڪندي آهي. انهيءَ جو هڪڙو نوس مثال جرمني آهي.

ان ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي، تہ انگريز مسلمانن جو قدر ڪندا هئا، ۽ ڪنهن وقت ۾ انهن جي غيرمغلوب جذبي ۽ حوصلي کان ڊڄندا هئا. سڄيءَ دنيا جي سلطنت هٿ ڪرڻ لاءِ، هنن مسلمانن کي پنهنجو تمام خطرناڪ دشمن تصور ڪيو.

عظيم انگريز مؤرخ آرنولڊ توائنبي (Arnold Toynbee)، پنهنجي ڪتاب "تهذيب جي آزمائش" (Civilization on Trail) ۾ چوي ٿو:

"صديون اڳ، جڏهن اڃا ڪميونزم جو نالو بہ ٻڌڻ ۾ نٿي آيو، اسان جي بزرگن اسلام ۾ پنهنجي لاءِ خطرو محسوس ڪيو. سورهين صديءَ ڌاري، اسلام مغربي دلين ۾ ساڳيوئي روڳ ڦهلايو، جهڙو ڪمنيوزم ويهينءَ صديءَ ۾ ڦهلايو، ۽ خاص طور ساڳئي ئي سبب لاءِ. ڪميونزم وانگر، اسلام بہ 'مغرب' جي مخالف تحريڪ هئي، جا ساڳئي وقت مغربي عقيدي جي نفيءَ جي صورت ۾ ظاهر ٿي، ۽ ڪميونزم وانگر، هن اهڙي روحاني تلوار ڦيرائي، جنهن کان بچاءَ لاءِ مادي هٿيار بيڪار هئا."

پر جڏهن حقيقت پسنديءَ جي تقاضا ٿي، تہ برطانيہ پنهنجيءَ روايتي اسلام دشمنيءَ کي دٻائي ڇڏيو، ۽ زارشاهي روس جي غاصبانہ خواهشن خلاف، ترڪي سلطنت جي حمايت ڪئي. جن قومن جي وچ ۾ تلوارون هليون، تن ۾ تاريخي يادداشتون تمام گهريون آهن. مسلمانن جي بهادري، انگريز قوم وٽ هڪ زنده ڪهاڻيءَ جي صورت ۾ قائم آهي.

بهرحال، انگريز اجوڪي زماني ۾، رشڪ ڪرڻ بدران، همدرديءَ جا وڏيڪ مستحق آهن. هنن جي عظيم سلطنت، جنهن تان سج ڪڏهن لٿوئي نٿي، سا هاڻي سُسي ۽ سڪڙجي، ننڍڙي ٻيٽ جي صورت ۾ وڃي بچي آهي، جيڪو حملہ آورن جي زد ۾، خلائي-ائٽمي هٿيارن ذريعي مڪمل تباهيءَ لاءِ ڪليل آهي. نيپولن بوناپارٽ، انگريزن کي هڪ دڪاندارن جي قوم ڪوٺيو هو. اڄ ان جا دڪان يورپي مارڪيٽ جو حصو بڻجي ويا آهن، ۽ طاقت جي تارازين کي برطانيا

ڪنهن به پاسي جهڪائي نٿي سگهي. اسان کي برطانيه سان ڪو به بغض ڪونهي، پر جيڪڏهن هن علائقي ۾ طاقت جي توازن کي درهم برهم ڪرڻ لاءِ هوءَ اقوام متحده تي دٻاءُ وجهندي، ته پوءِ اهو پاڪستان خلاف هڪ عداوتي قدم سمجهي، اسين ان تي غور ڪرڻ لاءِ مجبور ٿينداسين، ۽ ان جي نتيجن جا ذميدار نه ٿينداسين.

هاڻي آءٌ پنهنجن ڪن پاڙيسري ملڪن جو ذڪر ڪرڻ چاهيان ٿو.

جيتوڻيڪ افغانستان هڪ اسلامي ملڪ آهي، پر بدقسمتيءَ سان شروعات کان وٺي، پاڪستان خلاف هن هڪڙي سمجهه ۾ نه ايندڙ عداوتي پاليسي اختيار ڪئي آهي. ٻئي طرف، اسان مسلسل اشتعال انگيزيءَ جي موٽ ۾، هميشه صبر ۽ ضبط کان ڪم ورتو آهي. بي انداز موقعن تي پاڪستان افغانستان سان پنهنجن لاڳاپن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ورتي آهي؛ پر هن ملڪ پنهنجي عوام جو ڌيان ڪلم ڪلا اندروني معاملن تان هٽائڻ خاطر، اسان جي سرحدن تي بي بنياد دعوائون پيدا ڪري، پنهنجي سموري تلخيءَ جو رخ پاڪستان ڏانهن موڙي ڇڏيو آهي.

پاڪستان جو هرهڪ انچ اسان لاءِ مقدس آهي. انهيءَ ڪري، جيستائين افغانستان پنهنجن خطرناڪ غاصبانه ارادن کي ترڪ نٿو ڪري، تيستائين ڪو به افغانستان ۽ پاڪستان جي ناتن ۾ سڌاري اچڻ جي توقع نٿو ڪري سگهي، ۽ ڪو به موجوده تعلقات جي صورتحال تي پاڪستان کي ذميدار نٿو نمرائي سگهي.

نيپال، اوير پاڪستان کي بلڪل ويجهو، اسان جو قريب ترين پاڙيسري آهي. ايتري ويجهڙائيءَ هوندي به، ماضيءَ ۾ اسان جا نيپال سان تعلقات محدود هئا. انقلاب کان وٺي، هن ملڪ سان اسان جا ناتا درجي بدرجي سڌريا آهن. سال کن ٿيو، ته نيپال جو حاڪم، راجا مهيندر، پاڪستان ۾ اچي اسان جو مهمان ٿيو هو. اسان ڪيترن ئي اهم وفدن جي مٽا سٽا ڪئي آهي. اجا به نيپال سان ناتن کي وڌائڻ لاءِ پاڪستان طرفان تعميري ڪوششون ڪيون پيون وڃن.

آئون هاڻي يارت جو ذڪر ڪندس، ۽ اسان جي مسئلن جي اصليت تي روشني وجهندس. پندرهن سالن کان ڪجهه وڌيڪ عرصو اڳ، اسين ساڳئي ئي ملڪ جا باشندا هئاسين، جنهن کي فرنگي بينڪيت جي طوق کان آزاد ڪرائڻ

جي جدوجهد پئي ڪئيسون. بنيادي اختلافن جي ڪري، اسين هڪٻئي ڪان ڌار ٿي، جداجدا قومن جا ٻه ملڪ ٿي وياسون. اسان مان گهٽ ڪي اميد هئي، ته جيئن ئي هرڪو ملڪ، زندگيءَ جي پنهنجن قدرن ۽ مفهومن پٽاندر، پنهنجي نقطہ نظر ۽ پاليسيءَ تي ڪاربند ٿي ويندو. ماضيءَ جي تلخي به متجي ويندي، پر افسوس جو ائين نہ ٿي سگهيو آهي.

حڪومتن جي واڳ ونڻ ڪان هڪدم اڳ ۽ پوءِ، بيشمار انسانن پنهنجون حياتيون وڃايون. انهيءَ واقعي جو نتيجو انتهائي دهشتناڪ هو. تاريخ جي سڀ ڪان وڏي پر وڏي لڏپلاڻ عمل ۾ آئي، ۽ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ جنگ جو خطرو نظر اچي رهيو هو.

پاڪستان، ننڍي ملڪ هجڻ ڪري، ڀارت ڪان تمام وڌيڪ مسئلن ۽ تمام گهڻ ذريعن جي حالت ۾ مبتلا هو، تنهنڪري وڌيڪ خواهشمند هو تہ ڀارت سان پنهنجن تڪرارن کي فيصل ڪري، هڪ سٺي پاڙيسريءَ جيان رهي، بلڪ حقيقي معنيٰ ۾ ڀارت سان دائمي دوستيءَ جو ناتو قائم ڪري. اسان جي هيءَ صلح واري پاليسي ڀارت جي اُوچن خيالن مطابق نہ هئي، جن جو مقصد، ٻين ڳالهين سان گڏ، وڳوڙ ۽ بدانتظامي پيدا ڪري، پاڪستان کي ختم ڪرڻ جو هو. سن 1947ع وارن المناڪ واقعن کي درگذر ڪرڻ بدران، ڀارتي حڪومت ورهاڱي جي پيدا ڪيل ڇڪتاڻ کي تيز ڪرڻ پسند ڪيو. ڀارتي پاليسيءَ جو هرهڪ قدم پاڪستان کي گهٽڻ جي غرض سان کنيو ويو آهي. ان ڏس ۾ ڀارت جي پاليسي سدائين ڪٽر ۽ ناهہ ڪان ٻاهر پئي رهي آهي. ان جي ثبوت لاءِ انيڪ مثال ڏيئي سگهجن ٿا، پر مان هرهڪ جو ذڪر ڪرڻ نٿو چاهيان، ڇاڪاڻ تہ انهن کي شمار ڪرڻ سان صورتحال کي بهتر بنائڻ ۾ ڪابہ مدد ڪانہ ملندي، بلڪ موجوده تڪليف ۾ اضافو ٿي ٿيندو.

ڀارت اول مالي تصفيي کي مڃڻ ڪان انڪار ڪري ڇڏيو، جنهن کي ٻنهي حڪومتن جي ورهاڱي واري ڪارروائيءَ جي هڪڙي واضح حصي طور طيءِ ڪيو ويو هو. ڀارت جو هيءُ رويو ان جي ساک ۽ ڪاريت لاءِ ايتريقدر تہ غيرمعقول ۽ نقصانڪار هو، جو خود گانڌيءَ بہ ان تي اعتراض ورتو ۽ احتجاج طور بک هڙتال ڪرڻ جي ڌمڪي ڏنائين. انهيءَ وچ ۾ پاڪستان هن سوال کي سلامتي ڪائونسل

۾ پيش ڪيو. سلامتي ڪائونسل اڳيان پنھنجي بچاءُ جي مجبوري محسوس ڪري، ڀارت انهيءَ نبيري جي ڪي قدر بجا آوري ڪئي. ائين نہ آهي تہ ڪو گانڌي پاڪستان تي مهربان هو، پر هن ائين ئي ظاهر ڪيو. انهيءَ سبب ڪري هو هڪڙي ڪٽر هندوءَ جي گوليءَ سان ماريو ويو، جو ڀارتي زندگيءَ جي انهيءَ طاقتور عنصر جو نمائندو هو، جو کليءَ طرح پاڪستان کي مٽائڻ چاهي ٿو.

سرمايو ڪنهن قوم لاءِ ائين آهي، جيئن بُت لاءِ رت جو دورو. خاص طرح هڪ نئينءَ قوم لاءِ، جا مصيبتن ۾ جنم وٺي ۽ زنده رهڻ لاءِ جاکوڙ ڪندي هجي. ڀارتي حڪومت جو خيال هو، تہ ملڪ جي ورهاڱي جي ڪارروائيءَ ۾ جيڪو خزاني جي ورهاست وارو فيصلو آهي، تنهن تان ڦري وڃڻ سان ۽ گڏيل ماليات ۽ جائداد منجهان پاڪستان لاءِ اڳواٽ طيءِ ٿيل حصو ادا نہ ڪرڻ سان، پاڪستان جون اقتصادي رڳون زندگيءَ کان محروم ٿي وينديون. ان کي وڌيڪ يقيني بنائڻ لاءِ، دفاعي جائداد ۽ عملي جي ورهاڱي ۽ منتقليءَ کي هرقدم تي مشڪل بنايو ويو، انهيءَ مقصد سان تہ جيئن نئين ملڪ کي پنھنجي بچاءَ جي وسيلن کان محروم رکيو وڃي، پاڪستان کي فوجي هٿيارن ۽ گاڏين جو حصو پڇاڙيءَ تائين ڪونہ مليو.

متروڪ ملڪيت جي پربت جيڏي مسئلي بہ، جو لڏپلاڻ سان پيدا ٿيو هو، پاڪستان کي گهڻي مشڪلات ۾ وجهي ڇڏيو. ڀارت انهيءَ معاملي کي منجهائڻ ۽ ان جي حل کي اينگهائڻ جو گس ورتو. معاملي کي جيئن جو تيئن منجهيل رکڻ ۽ ان جي دائري کي وسيع ڪرڻ سان، اسان جي ڀاڙيسريءَ اسان تي مهاجرن کي آباد ڪرڻ ۽ سندن جائداد جي سوال کي حل ڪرڻ جو بار حدکان وڌائي ڇڏيو. جڻ تہ اهي مسئلا بہ ڪافي نہ هئا، سو جهوناڳڙهہ، ڪشمير ۽ حيدرآباد [دکن] جي بارُودي مسئلن کي تيزيءَ سان هوا ڏني ويئي ۽ اهڙيءَ طرح ڪشيدگيءَ جي باهہ جيڪا اڳي ئي دکي رهي هئي، تنهن کي ڀنيت ۾ تبديل ڪيو ويو. ڀارت پنهنجين فوجن کي جهوناڳڙهہ، ڪشمير ۽ حيدرآباد ۾ اهڙيءَ طرح داخل ڪيو، جو هٽلر جي جرمنيءَ واري وقت ملڪگيريءَ جي هوَس رکندڙ نازي فوجن جي وزني بوٽن جي لتاڙ جي ياد تازي ٿي ويئي.

جيئن هر ڪنهن کي معلوم آهي، پاڪستان جو اولاهون سمورو حصو ان

جي ندين تي مدار رکي ٿو، جي ان جيڪي آباديءَ لائق زمين جي هرهڪ ايڪڙ جي آبپاشي ڪن ٿيون. انهيءَ پاڻيءَ کان سواءِ، اولهه پاڪستان جو اهڙو زرخيز علائقو بنهه بيابان ٿي ويندو. ڀارت، ڪشمير تي پنهنجي غيرقانوني فوجي قبضي ذريعي، انهيءَ پاڻيءَ کي بند ڪرڻ جي طاقت حاصل ڪئي آهي. اهڙيءَ طرح، ان جي توشاخاني ۾ پاڪستان خلاف جارحانه ڪارروائي ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي خطرناڪ هٿيار جو اضافو ٿيو آهي.

ٻيا انيڪ رواجي معاملا، انهن مکيه مسئلن کان جدا آهن جهڙوڪ: پاڪستان جي اوڀر ۽ اولهه سرحدن تي مختلف قسمن جون جهڙپون ۽ مداخلتون ۽ اوڀر پاڪستان جي ندين سان ڇيڙڇاڙ جون ڪوششون. انهيءَ عداوت کي عروج تي پهچائڻ لاءِ، ڀارت بار بار هي اعلان پڻ ڪيو آهي ته پاڪستان ان جو "پهرئين نمبر دشمن" آهي، ۽ پنهنجين هٿياربند فوجن جي ٻه ڀاڱي ٽي حصي کان به وڌيڪ فوجون هن پاڪستان خلاف مصروف رکيون آهن.

اسين ڀارت جي سياسي، اقتصادي ۽ فوجي گڏيل طاقت جو شڪار رهيا آهيون. تنهن کان سواءِ، پنهنجن زبردست پروپئگنڊا وسيلن ۽ عالمي حلقن ۾ پنهنجي پُرفريب حڪمت عمليءَ ذريعي، پنهنجي اهنسا واري دوکيباز پاليسي ۽ پنهنجي امن ۽ شانتي جي ميراث واري ڏندڪٿا جي آڙ ۾، ڀارت هميشه پاڪستان کي دنيا جي نظرن ۾ غلط ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهڙيءَ طرح، هڪڙو ملڪ جو درحقيقت ڀارت جي جارحانه ڪارروائين جو شڪار آهي، تنهن کي ڀارت پنهنجي خلاف انتهائي بدخواهيءَ جي هلت ڪندڙ ملڪ ڪري مشهور ڪيو آهي. بين الاقوامي تعلقات جي تاريخ ۾ هن قسم جي وحشيانه ڪوشش جو ٻيو ڪو به مثال ڪونهي.

پاڪ-ڀارت مسئلن جو بنيا آهي ڪشمير جو تڪرار، ۽ ان کي نبيرڻ لاءِ ڀارت جو انڪاري ضد. ڀارت هر اُن معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي، جيڪو هن ڪشمير بابت ڪيو آهي. پاڪستان فيصلي لاءِ سيني موقعن تي ناهه وارين تجويزن تي راضي ٿيو آهي، پر ڀارت هرهڪ تجويز نڪرائي ڇڏي آهي. هڪ ڀيري، جڏهن مسٽر لياقت علي خان وزيراعظم هو، لنڊن ۾ منعقد ڪيل ڪامن ويلٿ ڪانفرنس ۾ رٿ ڏني ويئي، ته ڪامن ويلٿ جون فوجون ڪشمير ۾ رکيون وڃن ته

جيئن اتي جي ماڻهن جي خواهش پٽاندر آزاد راءِ شماري ڪرائي سگهجي. ڀارت انهيءَ رٿ کي هن بهاني سان ٿڏي ڇڏيو، ته ڪشمير جي سرزمين تي ڌارين فوجن جي موجودگي اهو تصور پيدا ڪندي، ته برصغير ۾ سامراجيت واپس اچي ويئي آهي. ڇا، هيءَ حرفتبازي نه آهي، جو ڀارت هن وقت چين سان پنهنجي سرحدي تڪرار ۾ مدد لاءِ پنهنجيءَ سرزمين تي ڌارين فوجن ۽ ڌارين هٿيارن جي ضرورت کي جائز ٺهرائڻ لاءِ واقعي پرچار ڪري رهيو آهي.

سمجهيو وڃي ٿو ته آمريڪا ۽ برطانيا جي فوجي وفدن "نيفا" واريءَ سرحد جو دورو ڪيو آهي، ۽ هن وقت هو ڀارتي فوجن جي جنرل هيڊڪوارٽر جا ماهر صلاحڪار بنجي ويا آهن. ڀارت ۾ انهن جي موجودگيءَ ۽ مشوري جو خيرمقدم ڪيو ويو آهي، ۽ چيو وڃي ٿو ته هنن اُن ملڪ ۾ حفاظت جو احساس پيدا ڪيو آهي. ڀارت جي منطق مطابق انهيءَ کي 'سامراجيت جي واپسي' نه ڪري سمجهيو آهي، باقي ڪشمير جي تڪراري علائقي ۾ ڪامن ويلٿ جي فوجن رکڻ واريءَ رٿ کي نامنظور ڪرڻ لاءِ اهو بهانو گهڙيو ويو هو.

ڪشمير جو تڪرار، جو سيني امن جي مقصد سان محبت رکڻ وارن لاءِ ڏکوئيندڙ آهي، اسان جي زماني جو عظيم ترين المناڪ واقعو آهي. ڀارت هن تنازعي کي عام راءِ شماريءَ ذريعي حل ڪرڻ بنسبت پنهنجن سيني واعدن جي بيحرمتي ڪئي آهي. پر معاملو اِتي ئي ختم نٿو ٿئي. هن ايوان جي اڳواڻ، مسٽر محمد علي بوگرا، جي تازي بيان مطابق، ڀارت پنهنجو بنياد "Clausa Rebus Sic Stantibus" جي اصول تي ٻڌو آهي. هي اصول ۽ ٻيو "Pactas unt Servanda" وارو اصول، بين الاقوامي قانون ۾ اهم آهن. پويون اصول سختيءَ سان عهدنامن جي پابنديءَ جي تقاضا ڪري ٿو. انهيءَ موجب، سيني صلح پسند ملڪن کي تاڪيد ڪيو ويو آهي، ته پنهنجن واعدن جي تعميل ڪن. پهريون اصول، ديده دلير ملڪن کي پنهنجن رضاڪارانه طور قبول ڪيل واعدن تان ڦري وڃڻ جي واٽ ڏسي ٿو. ڪشمير بابت پنهنجي واعدي تان ڦري وڃڻ سان، ڀارت اهائي واٽ اختيار ڪئي آهي، ۽ پنهنجي صفائيءَ لاءِ هن مشڪوڪ اخلاقي قدر جي اصول جو سهارو ورتو آهي. بهرحال، هرهڪ ملڪ کي جدا جدا نموني سان اهو اختيار ڪونه آهي، ته ڪنهن عهدنامي يا ان جي حصي کي رد ڪرڻ جي

صفائيءَ ۾، انفرادي طرح فيصلو ڪن، ته حالتون بدلجي ويون آهن يا اهي ڪيتريقدر بدليون آهن. ظاهر آهي ته ڪا ٽيا ڪڙ ڌر ئي فيصلو ڪري سگهي ٿي، ته حالتون واقعي بدليون آهن، ۽ جي ها، ته ڪيتريءَ حد تائين. ڀارت جي اڳوڻي دفاعي وزير، مسٽر ڪرشنا مينن، سلامتي ڪائونسل ۾ چيو ته حالتون انهيءَ ڪري بدلجي ويون جو پاڪستان آمريڪا جي امداد قبول ڪئي ۽ انهن بدليل حالتن راءِ شماريءَ جي عهدنامي کي بي اثر بنائي ڇڏيو. ڀارت پنهنجي مقدمي ۾ پاڻ ئي منصف بڻجڻ ٿو گهري.

مان ويجهڙائيءَ ۾ ڀارت ۽ چين جي وچ ۾ ٿيل لڙائيءَ جو اشاري طور ذڪر ڪرڻ چاهيان ٿو. اسان کي معلوم آهي، ته اها فقط سرحدي جهڙپ هئي، ۽ اسان جي انهيءَ راءِ کي پوءِ جي واقعن مان تقويت ملي ٿي ۽ چين طرفان يڪطرفي جنگبندي ۽ فوجن هٽائي ونڻ جي قدمن مان ان جي تصديق ٿئي ٿي. عداوتن جو خاتمو ٿي چڪو آهي، ۽ چين پنهنجي ڪاميابيءَ جي عروج وقت پاڻمرادو جنگ بند ڪري ڇڏي آهي. سچ پچ ته يڪطرفي نموني جنگ بند ڪري، جنهن بهتر ۽ مؤثر طريقي سان هن پنهنجيءَ صلح پسنديءَ جو مظاهرو ڪيو آهي، تنهن کان مٿي هو ٻئي ڪنهن به طريقي سان نه ڪري سگهي ها. هي اهڙو مظاهرو آهي، جنهن جو مثال ملڻ مشڪل آهي.

چين جي عوامي جمهوريت، اهڙيءَ طرح، تڪرار کي طاقت جي استعمال بدران صلح پسند طريقي سان حل ڪرڻ جي خواهش ڏيکاري آهي. اقوام متحده جو منشور تاڪيد ٿو ڪري، ته سڀني تڪرارن جو فيصلو صلح پسند طريقن سان ڪيو وڃي. اهڙيءَ طرح چين، جيڪو اقوام متحده جو ميمبر به نه آهي، تنهن ان جي منشور جو احترام ڪيو آهي. ڀارت، جيڪو اقوام متحده جو هڪ مکيه ميمبر آهي، تنهن ان کي نظرانداز ڪيو آهي.

هن تڪرار ۾ ڀارت جو رويو غير يقيني رهيو آهي. ڇا به هجي، پر موجوده صورتحال مان هن گهٽي کان گهٽي فائدي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ورتي آهي. ڀارتي حڪومت خاص طور ٻن مقصدن لاءِ جنگي جنون جي فضا پيدا ڪئي آهي: (الف) پنهنجي ملڪ کي، جيڪو تيزيءَ سان تباهه ٿي رهيو هو، منظم ڪرڻ، ڇاڪاڻ ته ٻاهرئين خطري جي حالت ۾ ماٺهو يڪمشتيءَ ڏانهن لڙندا آهن؛ ۽

(ب) ڪثير انداز ۾ ٻاهرين فوجي امداد حاصل ڪرڻ. اهي ٻئي اهم مقصد آهن ۽ انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڀارت جي ڪنڊڪڙڇ ۾ جنگ جا طبل وڄي رهيا آهن.

جيئن مون شروعات ۾ چيو آهي، هيءَ هڪڙي محتاجيءَ واري مقصد لاءِ خيالي جنگ آهي. هيءَ هڪڙي مصنوعي ۽ نمائشي جنگ آهي، ايتريقدر جو وزيراعظم نهروءَ پاڻ، 21-آڪٽوبر تي، پنهنجيءَ قوم کي هڪ نشري تقرير ۾ چيو:

"اسين پنهنجي ٽئين پنج-سالي منصوبي جي وچ تي آهيون. ان کي ترڪ ڪرڻ يا ان جي ڪنهن اهم جزي ۾ تخفيف ڪرڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي، البت اسين ان ۾ نين ضرورتن آهر ڪي قدر ڦيرگهير جي گنجائش پيدا ڪري سگهون ٿا. خاص طور منصوبي جي مکيه رٿن جي تڪميل ڪرڻ ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته انهيءَ ئي طريقي سان اسين پنهنجي ملڪ کي نه رڳو موجوده نازڪ دور ۾ پر ايندڙ سالن لاءِ به مضبوط ڪندا سين."

جڏهن ڀارت جو ٽيون پنجن سالن وارو منصوبو رٿيو ويو هو، ته ان جو سڄوئي زور امن جي زماني واريءَ اقتصادي ترقيءَ تي ۽ انهيءَ اندازي تي هو ته ڀارت جنگ يا تڪرار جي خطري کان آزاد رهندو. انهيءَ جو بنياد هن قياس تي هو ته ڀارت کي ڪنهن به فوجي ڪشمڪش کي منهن ڏيڻو نه پوندو. منصوبي جو بنياد شروع کان "غير جنگي" حالتن تي ٻڌل هوندو، اهو سمجهڻ مشڪل آهي ته ڪيئن جنگي حالتن ۾ منصوبي جي بنيادي اصولن ۽ مقصدن کي بدلائڻ جنگي صورتحال جي تقاضا مطابق نه آهي. اهو صرف انهيءَ ڪري آهي، جو ڀارت جي چين سان نام نهاد جنگ، پنهنجي محدود دائري ۽ مقصد جي لحاظ کان، هڪ سرحدي تڪرار کان وڌيڪ نه آهي، ۽ انهيءَ ڪري ئي منصوبي ۾ وڏيون تبديليون ڪرڻ بنا، "ڪي قدر" ڦيرگهير سان اهو عمل هيٺ اچي سگهي ٿو.

پهرين نومبر سن 1962ع تي ڀارت سرڪار، تمام گهٽي سوچ ويچار کان پوءِ، اناج ۽ ٻين ضروري جنسن جي قيمتن کي ضابطي ۾ آڻڻ لاءِ نيٺ ڪنهن سخت قدم نه کڻڻ جو فيصلو ڪيو. ڀارت سرڪار، "پنهنجيءَ اعليٰ ترين سطح تي"، "موجوده پاليسين تي بيدڙڪ عمل ڪرڻ" مناسب سمجهيو. کاڌ خوراڪ واريءَ وزارت جي راءِ هئي ته "هن وقت اناج جي فراهميءَ يا ان جي قيمتن بابت پريشان

ٿيڻ جي ضرورت ناهي." هن اهم فيصلي جو اعلان ڀارت سرڪار 2-نومبر تي ڪيو، ۽ ساڳئي ئي ڏينهن اهو سڀني اخبارن ۾ پڌرو ٿيو.

هيءُ ٻيو اشارو آهي، انهيءَ حقيقت ڏانهن ته ڀارتي حڪومت پاڻ کي ڪنهن بئي ملڪ سان جنگ جي حالت ۾ ورتل نٿي سمجهي. جيڪڏهن سچ پچ ڀارت جنگ ۾ ورتل هجي ها، يا ان لاءِ ڪيس تياريون ڪرٽيون هجن ها، ته ڀارت جهڙي غير متوازن اقتصادي حالتن واري ملڪ لاءِ قيمتن کي ضابطي ۾ آڻڻ جا سخت اُپاءَ وٺڻ لازمي ٿي پون ها، خاص طرح کاڌي، ڪپڙي ۽ ٻين ضروري جنسن جي معاملي ۾. ڀارت جي غير هنگامي پاليسيءَ تي عمل ڪرڻ واري انهيءَ فيصلي ۽ چين جي يڪطرفي جنگبنديءَ مان صاف ظاهر آهي. ته ڀارت ۽ چين جو جهڳڙو صرف سرحدي مسئلي تائين محدود آهي.

مسٽر ڪرشنامينن کي صدقي جو ٻڪر بنايو ويو آهي. پاڪستان خلاف ڀارت جا تاثرات بيان ڪرڻ ۾ هن بيشڪ بي تڪلفيءَ کان ڪم ورتو، جنهن لاءِ سندس قدر ڪرڻ گهرجي. هن پاڪستان خلاف ڀارت جي ماڻهن ۾ پکڙيل سچي پچي عداوتي تاثر ۽ سندن انهيءَ احساس جي شدت جو عڪس پيش ڪيو. مسٽر ڪرشنامينن ۾ ڊاڪٽر جيڪل يا مسٽر هائيڊ جو روح موجود نه هو. بهرحال، سندس برخواست ٿي وڃڻ کان پوءِ به گهٽ جو خيال آهي، ته ڀارتي سياست تي پردي پٺيان هن جو اثر رسوخ قائم آهي. مون کي انديشو آهي ته مسٽر ڪرشنامينن پاڪستان خلاف ڀارت جي رويي تي پنهنجو تسلط قائم رکندو ايندو.

نئون دفاعي وزير مهاراشٽر جو رهاڪو آهي. انهيءَ آساميءَ لاءِ هن جو انتخاب ان مقصد لاءِ ڪيو ويو آهي، ته هو ڀارتي حڪومت ۾ دليريءَ جو روح ڦوڪي. هو جديد شيواجي آهي. اڳئين ڏينهن هن لباڙ هنئي:

"پنهنجي ڄمار ۾ ڪڏهن به مون شڪست جو منهن نه ڏٺو آهي؛ نه وري هن کان پوءِ ڏسڻو اٿم. چين کي وسارڻ نه گهرجي، ته مهاتما ٻڌ ۽ مهاوير سان گڏ، ڀارت راڻي پرتاب ۽ شيواجيءَ کي به جنم ڏنو هو."

ڀارت جي نئين دفاعي وزير، چين کي چتاءُ ڏنو:

"دشمن جي بيشمار لشڪرن ڀارت جي ميدانن ۾ جنگيون جيتيون هيون،

پر انهن کي دکن جي پهاڙي علائقي ۾ شڪست فاش نصيب ٿي."

هي گهمنڊ وارا ڪلما شايد انهيءَ ملڪ کي همٿائڻ لاءِ هئا، جنهن کي چين واري تازي سرحدي جهڳڙي ۾ بريءَ طرح سان ڪچلجڻو ۽ ذليل ٿيڻو پيو. اسان کي پارٽي حڪومت جي اندروني تبديلين سان ڪا به دلچسپي ڪانهي، سواءِ انهيءَ جي ته اسان کان اها اميد نه رکي سگهبي، ته ڪو اسين هن نئين شيوا جيءَ سان گلي ملي، افضل خان وارو حشر حاصل ڪندا سين. ڪيترين ئي ڳالهين ڪري، اسان ڏانهن پريل پستول تاڻي بيٺل هڪڙو ڪرشنا مينن، ڪنهن شيوا جيءَ جي مڪر ۽ فريب سان لڪايل چنبن کان بهتر آهي. اسان کي اڳي هڪڙو شيوا جي گلي ملي چڪو آهي، ۽ اسان کي معلوم آهي ته ان جو ڪهڙو نتيجو نڪتو.

پارت جون سيئي تازيون ڪارروايون، وزارتي تبديلين سميت، هڪ سوچيل سمجهيل منصوبي جو حصو آهن، جنهن جو مقصد آمريڪا کي نڳڻ ۽ ان جي بين الاقوامي ڪميونزم جي انديشن مان فائدي وٺڻ جو آهي. هن صورتحال پيدا ڪرڻ جي ڪاميابيءَ نهروءَ جي قابليت ۾ اضافو ڪيو آهي، پر ائنگلو-آمريڪن حڪمت عمليءَ لاءِ اها ڪا گهٽيءَ خوشيءَ جو باعث نه آهي.

اهو ظاهر آهي ته نهروءَ چين واري تڪرار کي صلح پسند طريقن رستي نبيرڻ کان انهيءَ ڪري انڪار ڪيو آهي، ته جيئن هو ان مان وڌ کان وڌ فائدو حاصل ڪري، ۽ پارت کي مغربي طاقتن وٽان بي انداز هٿيار امداد جي صورت ۾ ڏڙا ڏڙ موڪليا وڃن. انهن هٿيارن کي حاصل ڪرڻ لاءِ، نهروءَ کي پنهنجي ظاهرداري به ڊاهڻي پيئي، ۽ عام جام ڍنڍوري سان مشهور ڪيل پنهنجي 'پنچ شيلا' واري عقيدي جي انحرافي به ڪرڻي پيئي. هاڻي غير جانبداريءَ جو مغروريءَ وارو آواز ختم ٿي چڪو آهي. ظاهرداريءَ جو بُت پڃي پيو آهي، ۽ اُهو عقيدو به پرزا پرزا ٿي ويو آهي. پارت، جيڪو پاڪستان ڪانسواءِ سڀني جو دوست هو، سو پاڻ کي اڪيلو ۽ علحدو ڏسي رهيو آهي. يقين ۽ خوداعتماديءَ جي جاءِ خطري ۽ مايوسيءَ اچي ورتي آهي، ڇاڪاڻ ته هاڻي اهو پول پڌرو ٿي پيو آهي، ته پارتي ديو دراصل هڪ ننڍڙي ماٿوءَ جو پاڇولو هو.

هن حقيقت کي افسوس سان تسليم ڪرڻ گهرجي، ته مغربي طاقتون پارت کي برغلائي پنهنجي بلاڪ ۾ آڻڻ ۽ چين سان ان جي جهڳڙي کي پڙڪائڻ چاهين

ٿيون. هو ڀارت جي ظاهرظهور پريشانيءَ جو فائدو وٺڻ چاهين ٿيون، ۽ گهرن ٿيون ته ڀارت انهن جي تابع رهي. سياسي حڪمت عمليءَ ۾ اها ڪا غير رواجي ڳالهه نه آهي، ته موقعي جي نزاڪت مان فائدو وٺجي، پر تنهن هوندي به ڪن اصولن جو دستور موجب خيال ڪرڻو آهي. موجوده حالت ۾، ڀارت کي پنهنجي اثر جي دائري اندر آڻڻ لاءِ، مغربي طاقتن ان کي ورسائڻ ۾ ڪنهن به رسمي پابنديءَ جو لحاظ نه رکيو آهي. ڀارت مسئلي جي پرامن نبيري کان انڪار ڪري رهيو آهي، جيتوڻيڪ گذريل سيني سالن ۾ پنڊت جواهر لال نهرو سڀني ملڪن کي مسئلن جي پرامن نبيري جا اُپديش ڏيندو رهيو آهي.

چين جي عوامي جمهوريت هڪ پرامن پيشڪش ڪئي آهي، ۽ دوستاڻي فيصلي جي لحاظ خاطر، لڙائيءَ جو يڪطرفو خاتمو آندو آهي. ڀارت، بهرحال، ان پيشڪش کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي. اهو انڪار بين الاقوامي معاملن ۾ ڀارت جي پرامن وضع توڙي مسئلن کي پرامن طريقن سان نبيرڻ ڪرڻ جي خوبين بابت نهروءَ جي پرچار کي رد ڪري ڇڏي.

پاڪستان کي ڀارت جي وڌندڙ فوجي طاقت ۽ پاڪستان جي مغربي اتحادين وٽان ڪيس بي انداز فوجي امداد ملڻ تي پريشان ٿيڻ لاءِ معقول سبب آهي. پنهنجن انديشن کي الڳ رکي، دنيا جي امن ۽ خاص طرح هن علائقي جي امن جي مفاد خاطر، اسين ڀارتي حڪومت کي چئون ٿا، ته هوءَ چين سان پنهنجي جهڳڙي کي باوقار ۽ منصفانه بنياد تي، پرامن ڳالهين ذريعي طيءِ ڪري.

ڀارت ۽ چين جي موجوده جهڳڙي ۾ اهڙي ڪا به رڪاوٽ ڪانهي، جا پرامن طريقي سان طيءِ نٿي ٿي سگهي. چين جو چوڻ آهي ته ان کي پنهنجيءَ سرحد کي، جا انگريزن جي بينڪي راج واري زماني جي بگڙيل آهي، درست ڪرڻو آهي، اها ڳالهه نهروءَ گهڻا سال اڳ، پنهنجي ڪتاب Glimpses of World History (دنيا جي تاريخ جون جهلڪيون) ۾، تسليم ڪئي هئي. انهيءَ ڪتاب ۾ نهروءَ چيو آهي، ته سامراجيت چين جون وسيع ايراضيون غصب ڪري ويئي آهي. 'مئڪموهن لائين' جي درستي، بينڪي طاقتن طرفان ڪيل زيادتين کي نيڪ ڪرڻ جي سلسلي ۾ چين جي جدوجهد جو هڪ حصو آهي.

ڪتاب "دنيا جي تاريخ جون جهلڪيون" ۾، نهروءَ چيو آهي:

"اهو معلوم ڪرڻ کان پوءِ ته اوڻهين صديءَ ۾ ڪيئن برطانوي صنعتڪارن ۽ سرمائيدارن ڀارت کي ڪتب آندو، اچو ته هاڻي ايشيا جي ٻئي وڏي ملڪ، ڀارت جي قديمي دوست، دنيا جي هڪ قديم قوم جي وطن، چين جو مطالعو ڪريون. هتي اسان کي مغرب جي حڪمت عملي بدليل روپ ۾ نظر ايندي." (ص 457).

"منچو جي عظيم چيني سلطنت، جا ارڙهينءَ صديءَ جي آخر ڌاري ايشيا جي اڌ جيتري حصي تي پکڙيل ۽ قابض هئي، تنهن کي هاڻي ذليل ۽ حقير ڪيو ويو. ڏورانهين يورپ جي مغربي حڪومتن ان کي شڪست ڏيئي ۽ ذليل ڪيو." (ص 465).

"هيءَ شرمناڪ دست درازي، خلاف دستور هئي. بيشڪ چين پنهنجن علائقن تان دستبردار ٿيڻ ۽ محتاج بنجڻ ۾ راضي نه هو. هر موقعي تي بحري طاقت جي مظاهرن ۽ بمباريءَ جي ڌمڪين وسيلي ان کي مجبور ڪيو ويو. اسين هن شرانگيز هلت کي ڇا ڪوٺيون؟ راهزني؟ ڌاڙو؟ اهوئي سامراجيت جو دستور آهي. ڪڏهن هوءَ ڳجهيءَ طرح ڪم ڪندي آهي، ته ڪڏهن پنهنجين ظلمي ڪارروائين کي پارسائيءَ جي جذبن ۽ خيرخواهيءَ جي مڪر آميز بهانن جي چوغي سان ڍڪيندي آهي. پر، سن 1898ع ۾، چين لاءِ اهڙي قسم جو ڪوبه چوغو استعمال نه ڪيو ويو. هي ننگو مظاهرو، پنهنجيءَ مڪمل بيحيائيءَ سان نروار هو." (ص 474).

برطانوي سامراج جي موڪلائي وڃڻ کان پوءِ، ڀارت انهن جي ناهيل سرحد جو وارث بڻيو. ان کي درست ڪرڻ لاءِ چين جي خواهش قدرتي آهي. انهيءَ سرحدي جهڳڙي کي حل ڪرڻ لاءِ، ڀارت لاءِ مناسب رستو رڳو اهوئي آهي، ته هو عوامي چين جي آڇ قبولي ۽ سواءِ ڪنهن وڏيڪ وقت وڃائڻ جي، دوبدو گفتگو شروع ڪري.

جنهن صورت ۾ اصلي ويڙهه بند ٿي ويئي آهي، تڏهن ڀارت کي اهو وقت ۽ وجهه مليو آهي، ته هو پنهنجي بي تعلقيءَ واري ناڪام پاليسيءَ تي غور ڪري. پريزيڊنٽ نهروءَ انهيءَ معاملي ۾ پنهنجي مخصوص هلت جو مظاهرو ڪيو آهي. ڀارت تي جڏهن نازڪ وقت آيو، ته هن ذري گهٽ غيرجانبداريءَ کي ترڪ ڪري

چڙيو. پر جڏهن ان کي مغرب کان هٿيارن جي طلب جو ترت ۽ زبردست، خواهش موجب جواب مليو، تہ هن وري موٽ کاڌي، ۽ وڃايل ميدان کي وري حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

گهانا جي پريزيڊنٽ، جيڪو هڪ اهم غيرجانبدار ملڪ جو سربراهہ آهي، ڀارت کي فوجي امداد ڏيڻ جي انهيءَ سبب کان مخالفت ڪئي، تہ اها صورتحال کي وڌيڪ خراب ڪري ڇڏيندي. حقيقت جي لحاظ کان هيءُ هڪ صحيح نقطہ نظر هو. بهرحال، ڀارت جي مزاج کي اها ڳالهہ نہ آئڙي تہ هو هڪ صحيح نقطہ نظر کي قبول ڪري. پريزيڊنٽ نڪروماهہ انگلنڊ جي وزيراعظم کي هڪ خط ۾ لکيو هو، تہ هو "اهو اطلاع ٻڌي بيچين ۽ مايوس ٿي ويو تہ برطانيہ سرڪار ڀارت کي چين خلاف لڙائيءَ ۾ هر قسم جي مدد ڪندي." هڪ غيرجانبدار ملڪ جي انهيءَ رد عمل ڀارت ۾ گهٻراهٽ پيدا ڪري ڇڏي.

پريزيڊنٽ نڪروماهہ طرفان صورتحال جي اها ترجماني، هن جي غير جانبداريءَ جو ايماندارانہ عڪس هو. جيڪڏهن هي تڪرار ڪن ٻين ٻن ملڪن وچ ۾ هجي ها، تہ ڀارت جو رد عمل بہ هوند ساڳيوئي هجي ها. موجوده حالت ۾، بهرحال، ڀارت ئي انهيءَ آزمائش هيٺ هو، نہ رڳو هڪ غيرجانبدار ملڪ جي حيثيت ۾، بلڪ هڪ حڪومت جي حيثيت ۾ پڻ. هڪ ڀيرو، ڀارت کي انهن ملڪن کان مشوري ملڻ جو سڌيءَ طرح تجربو ٿيو، جيڪي انهيءَ جهيڙي کان ٻاهر هئا.

بين الاقوامي حڪمت عمليءَ ۾ وڏي ناڪاميءَ جي باوجود، پنڊت نهرو اهو ميدان گهٽي قدر حاصل ڪري، جو هن پنهنجي ڪوڙي غيرجانبداريءَ جو ڍونگ رچائيندي هارايو هو، ڪافي مطمئن ٿيو. انهيءَ ڪوشش ۾، هن جو مکيہ ارادو هو روس سان پنهنجي ملڪ جا دوستاڻا ناتا قائم رکڻ. ائين ڪرڻ لاءِ حڪمت عمليءَ جي ڪنهن خاص فن جي ضرورت نہ هئي، ڇاڪاڻ تہ مغربي ڏاتائن پنهنجيءَ امداد جي قيمت طور، هن کان سندس پاليسيءَ ۾ ڪنهن اهم تبديليءَ جي تقاضا نہ ڪئي هئي. جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن هو غيرجانبداريءَ کي ترڪ ڪري ها، تہ ڪيس روس جي حمايت کان هٿ ڌوئڻا پون ها. روس جو مسئلو پنڊت نهروءَ جي غيرجانبداريءَ واري پردي کي قائم رکڻ جي

ڪوشش پنهنجي پنيان مڪيه سبب هو. ساڳئي وقت، ڀارتي حڪومت روس ۽ عوامي چين جي غلط فهميءَ کي وڌائڻ لاءِ به ڏاڍي سرگرميءَ سان ڪم ڪيو. 8-نومبر سن 1962ع تي، پنڊت نهروءَ چيو:

"روس اسان سان پنهنجي دوستيءَ کي قائم رکندو، ۽ مان ڀانيان ٿو ته هو ڪو به اهڙو قدم نه کڻندو، جو اسان لاءِ نقصانڪار هجي. روسي ماڻهن جي دلين ۾ اسان لاءِ دوستاڻا جذبا آهن."

انهيءَ جي نتيجي ۾، ڏهين نومبر تي، پنڊت نهروءَ پنهنجي علحدگيءَ واري پاليسيءَ جي دعوا وري دهرائي، ۽ چيو ته ڀارت ڏپ وچان يا انهن مفاد رکڻ وارن کي خوش ڪرڻ لاءِ، جيڪي ان جي مخالفت ڪن ٿا، پنهنجي اها پاليسي ترڪ نه ڪندو.

ڀارت جي عوام ۾ سندن حڪومت جي علحدگيءَ واري پاليسيءَ تي اڃا به چئمگوئيون ٿي رهيون آهن. هيءَ ڪيفيت انهيءَ ڪري زور وٺي ويئي آهي، جو بيون غيرجانبدار حڪومتون ڀارت جي حمايت ڪرڻ لاءِ ڪنهن مؤثر انداز ۾ قدم وڌائڻ لاءِ رضامند نه آهن. بهرحال، ڀارتي وزيراعظم ٽن سببن جي ڪري غيرجانبداريءَ واري پردي کي قائم رکڻ لاءِ ضد پڪڙي بيٺو آهي:

(1) اهو ڏيکاريو ويو آهي، ته مغربي طاقتون ڀارت کي ڪنهن به شرط شروط بنا گهڻي امداد ڏيڻ لاءِ تيار آهن؛

(2) روس سان دوستاڻا ناتا قائم ڪرڻ ممڪن ٿي پيو آهي، جو مغربي طاقتن سان سوديبازي ڪرڻ لاءِ هڪ اهم عنصر آهي؛ ۽

(3) نهرو پنهنجي طرز عمل جي موجوده منزل تي انهيءَ پاليسيءَ کي ترڪ ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي، جنهن سان سندس بين الاقوامي تاثر قائم ٿيو آهي.

اهڙيءَ طرح ڀارت پاڻ کي اڪيلو سمجهي رهيو آهي، ۽ انهيءَ اڪيلائيءَ کيس خوفزده ڪيو آهي. اينتريقدر جو ڀارت جي صدر، ڊاڪٽر راڌا ڪرشنن جهڙي جليل القدر شخص به، چيو وڃي ٿو ته اهو اظهار ڪيو ته "ڀارت ماضي قريب تائين خوشفهميءَ جي دنيا ۾ رهيل هو." تنهن هوندي به مسٽر نهرو پنهنجي غيرجانبداريءَ واري دعوا تان دستبردار نه ٿيو آهي. گهٽ ۾ گهٽ، ته به هن جي غيرجانبداريءَ جي قِسم لاءِ ڪٿي ائين چئجي، ته اڳي اها ڪا بي پاسي هئي، سا

هاٿي ساڃي پاسي ڏانهن جهڪي آهي.

پتوئي نٿو پوي، ته مسٽر نهروءَ جي پرڏيهي پاليسي پاڪيزگيءَ جي رخ تي آهي، يا انتقامي صفائيءَ جيءرخ تي. جيڪڏهن اها پاڪيزگي آهي، ته يقيناً هو پنهنجي شهرت يا فتح طرز عمل جي عظيم ترين سياسي ڪاميابي حاصل ڪندو. ان جي ابتڙ، جيڪڏهن اها انتقامي صفائي آهي، ته پوءِ تاريخ ۾ مسٽر نهروءَ جي قدر قيمت هڪڙي پڳل بُت جهڙي ٿيندي. آخرڪار اها ڪهڙي صورت وجي اختيار ڪندي، تنهن جو مڪمل اختيار ڀارت جي هٿ ۾ ڪونهي؛ گهڻي ڀاڱي ان جو دارومدار مغربي طاقتن جي روش تي رهندو.

ڀارت ڏانهن هٿيارن جي پرمار، 'هارورڊ' جي دانشورن جي انهيءَ زور شور سان مشهور ڪيل اصول جي ابتڙ آهي، جنهن موجب بين الاقوامي معاملن جي موجوده صورتحال ۾ ۽ فوجي سائنس جي موجوده ترقيءَ جي ڪري، ڪنهن به ملڪ کي فوجي سامان ڏيڻ کي امداد جو پراڻو طريقو سڏيو ويو آهي. هن گروهه جي خيال موجب، سمورو زور اقتصادي امداد تي ڏيڻ گهرجي. گذريل صدارتي چونڊن جي مهم دوران ۽ ڪئنيڊيءَ جي حڪومت جي برسرِ اقتدار اچڻ کان پوءِ هن اصول کي تمام گهڻي شهرت ملي. انهيءَ اصول کي تسليم ڪندي، ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي آزاد خيال گروهه آمريڪا جي دانشور طبقي جي ذهنيت ۾ خوشگوار تبديلي آندي. ليڪن پاليسين جي جوڙجڪ ۾ صرف اصولن کي ئي نه، بلڪ زندگيءَ جي ٺوس حقيقتن کي خيال ۾ آڻڻو پوندو آهي. ڪئنيڊي حڪومت کي هڪ صحيح قسم جي نازڪ وقت ۾ هارورڊ اصولن جي معقوليت جو وري جائزو وٺڻو پيو. فوجي امداد جي اهميت کي دوباره تسليم ڪيو ويو آهي، ۽ پاڪستان جهڙي اتحاديءَ سان غداري ڪري به، ڀارت کي هٿيارن جي مدد ڏني ويئي آهي. نتيجي طور، ڀارت توڙي پاڪستان، ٻيئي اهو محسوس ٿا ڪن، ته سندن دوست ڪو به ڪونهي. ڀارت انهيءَ ڪري جو هو غير جانبدار رهيو آهي، ۽ پاڪستان انهيءَ ڪري جو هو دفاعي معاهدن ۾ شامل آهي. تاريخ جي ڦيٿي اڳي ڪڏهن به اهڙي قسم جي مڪمل انتقامي گردش نه ڪئي آهي.

چا، اها قسمت جي بيرحم ٺٺولي نه آهي، ته برصغير جون به قومون، جن هيترن سالن کان وني بلڪل مخالف پاليسين جي پيروي پئي ڪئي آهي، اڄ اهڙي

رخ تي اچي بيٺيون آهن، جو ڀارت ۾ مغرب سان نسبت جي حمايت ڪئي ويئي وجي، تہ غير جانبداريت پاڪستان جو نعرو ٿي ويئي آهي. ذهنيت جو اهو لاڙو، حالتن جي غيرمعمولي ۽ غير متوازن پيدائش جو نتيجو آهي. ۾ جيستائين اسان جو تعلق آهي، اسين پنهنجين قومي پاليسين جو بنياد ناگهاني واقعن سان وجود ۾ ايندڙ حالتن تي نہ ٻڌندا سين، انهن جو بنياد مضبوط ۽ معقول هجڻ کپي. اسان کي جذباتيت کان الڳ هئي، پنهنجي اچ تائين جي اختيار ڪيل پاليسيءَ جي بنيادي جزن کان ابهري ۽ اڻ ويچاريل انحراف ۾ پوشيده خطرن کي محسوس ڪرڻ گهرجي.

هي مسئلو ڪو ايترو آسان آهي ڇا، جو صرف دوستن بدلائڻ سان، اسين، يعني ڀارت ۽ پاڪستان، پنهنجن پنهنجن مسئلن جا دلپسند حل حاصل ڪندا سين؟ ڪشمير جو سوال، هڪٻئي جي مرضيءَ مطابق، رڳو سود ڀبازيءَ سان حل ٿي سگهندو ڇا؟ ڇا، صورتحال ۾ ڪو بنيادي نقص نہ آهي، جو آزاديءَ جي پندرهن سالن کان پوءِ بہ ٻيئي ملڪ پنهنجي پاليسيءَ جي بنيادي پهلوئن جي باري ۾ خود فريبيءَ ۽ انتشار سان همڪنار آهن، ايتريقدر جو اڄ اسين هڪٻئي جا قائم مقام ٿيڻ چاهيون ٿا؟ هن عجيب روئداد جو سبب، لازمي طور، ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ پيدا ٿيل ڇڪتاڻ آهي.

بهرحال، جهڙيءَ طرح اسان کي نون دوستن بنائڻ ۾ وڌيڪ محتاط ٿيڻ گهرجي، شايد اهڙيءَ ئي طرح اسان جي دوستن کي بہ نون رابطن پيدا ڪرڻ ۾ خبردار ٿيڻ جي ضرورت آهي. سڄيءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ اڌ کي ڇڏي ڏيڻ مناسب نہ آهي. اعتماد قائم ٿيڻ ۾ ڪافي وقت لڳندو آهي، ۽ هڪٻئي جي پرک سان، تعلقات جي پختگيءَ سان ايندي آهي، ۽ نہ وقتي مصلحتن جي ڪري.

اسان پنهنجن دوستن تي دوڪيبازيءَ جو الزام لڳايو آهي، موجوده بين الاقوامي معاملن جي تمام وڏيءَ دوڪيبازيءَ جو. هڪ ملڪ جي ٻئي ملڪ سان لاڳاپن واري دوستي، سا ڪو ذاتي معاملو نہ آهي؛ اهو بلڪل غير ذاتي معاملو آهي. روس جي، پنهنجن دوستن سان ثابت قدم رهڻ ڪري اڪثر تعريف ڪئي ويئي آهي. روس پنهنجي اها ساک گهٽي زماني کان قائم رکي آهي. بهرحال، آئون حيران آهيان تہ 'ايوان' ۾ ڪنهن بہ شخص ڪيوبا جي موجوده

صورتحال تي نہ غور ڪيو ۽ نہ ان جو ذڪر ڪيو آهي، تہ ڪهڙيءَ ريت دلير ۽ جوان انقلابي، فيڊل ڪاسترو، کي روس جهڙي سندس عظيم دوست گمراهہ ڪيو ۽ ساڻس دغا ڪئي.

ڪيوبا کي بريءَ طرح دوکو ڏنو ويو آهي. روس، پنهنجيءَ سرزمين کان تمام پري، انهيءَ ننڍڙي ملڪ ۾ ميزائيل لڳايا ، ۽ فدل ڪاسترو کي سلامتيءَ جو هڪ ڪوڙو احساس ڏياريو. پر جڏهن حالتن ڦيرو کاڌو، تہ خروشيف ميزائل موٽائي ورتا ۽ ان جي بدران مسٽر مڪويان کي موڪلي ڏنو!

اسين پنهنجي تاريخ جي هڪ تمام مشڪل دور مان لنگهي رهيا آهيون. موجوده نازڪ صورتحال ۾ ، ڪنهن صحيح ۽ غلط قدم جي وچ ۾ فرق جو مطلب، اسان جي قوم لاءِ زندگيءَ ۽ موت جي وچ ۾ فرق ٿي سگهي ٿو.

انهيءَ صورتحال کي اسان جي پرڏيهي معاملن واري وزير، مسٽر محمدعلي نہ صرف هتي، پر اقوام متحده ۾ بہ قابليت ۽ همت سان سنڀاليو آهي. هن صاحب اهڙي مشڪل ڪم جي سرانجامي جنهن طريقي سان ڪئي آهي، تنهن لاءِ مان کيس مبارڪباد ڏيڻ چاهيان ٿو. سچ پچ تہ هي هڪ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي، ۽ جيڪڏهن "**سند جا اُٺ**" سڀ مون اڪيلي کي عيوضي ۾ ڏنا وڃن، تہ بہ آئون هوند سندس جڳهہ والارڻ پسند نہ ڪريان.

ڪنهن بہ قوم جو گڏيل عزم ، ان جو سڀ کان طاقتور هٿيار آهي. انهيءَ عزم جو امتحان نازڪ وقتن ۾ ٿيندو آهي، ۽ نازڪ وقتن ۾ ئي قومن جو ڪمال يا زوال ٿيندو آهي. مون کي خاطري آهي تہ جڏهن بہ اها امتحان جي گهڙي ايندي، تڏهن اسين ثابت قدم رهي سگهنداسين، ۽ هيءَ ڏهن ڪروڙن جي قوم پنهنجي فرض جي سڏ تي پوري جوش ۽ خروش سان لبيڪ چوندي. پاڪستان جي عوام طرفان ۽ سنڌ جي عوام طرفان، جنهن جي نمائندگي آئون پاڪستان جي حڪومت ۾ ڪري رهيو آهيان. مان ساريءَ دنيا کي ٻڌايان ٿو، تہ پنهنجي ملڪ جي دفاع لاءِ، موقعي جي تقاضا تي، اسين هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويندا سين، بلڪ پنهنجون جانيون بہ حاضر ڪنداسين. جنگجو ۽ غير جنگجو قومن جي ناجائز علاقائي جماعتبنديءَ کي ريتينديءَ، مان چوان ٿو، تہ جيڪڏهن اسان کي پاڪستان جي آزاديءَ جي حفاظت لاءِ لڙڻو آهي، تہ پاڪستان جو هرهڪ فرد ،

عورت توڙي مرد ، سپاهي بنجي ويندو. سموري قوم هٿيار بند ٿي ويندي. اسين جيڪڏهن غير مغلوب جوش ۽ مضبوطيءَ سان وڙهيا سين ته ڪاميابي اسان جا قدم چمندي.

جيڪڏهن اسين پنهنجي نصب العين جي قوت ۽ ثابت قدميءَ جي ساڳئي انداز سان جدوجهد ڪندا رهندا سين، ته ضرور ڪشمير کي به آزاد ڪرائي سگهندا سين. مون کي يقين آهي، ته قوم پنهنجي اڳواڻ ۽ پنهنجي جهنڊي جي چوگرد جمع ٿي ويندي. هوءَ اسان جي حفاظتي عالم - پناهن جو بچاءُ ڪندي، ۽ جيڪڏهن ضرورت پيئي ته جبلن کي اڪيڙي ڇڏيندي.

پاڪستان جي حڪومت ڀارت جي حڪومت کي اپيل ٿي ڪري، ته هوءَ سرحدي جهڳڙي جي پرامن فيصلي لاءِ، عوامي چين جي مرڪزي حڪومت طرفان ڳالهين ڪرڻ جي فياضانه پيشڪش کي قبول ڪري. واسطيدار ٻنهي ڌرين تي، ۽ دنيا جي امن لاءِ ثالث هجڻ جي حيثيت ۾ اقوام متحده تي لازم آهي ته چين-ڀارت تڪرار جي نبيري لاءِ هو دلجوئيءَ سان ڪوشش ونن، ورنه انڌي تقدير انهن قومن کي خود بربادي‌ءَ جي اوڙاهه ڏانهن گهلي ويندي.

جن عظيم شخصن کي پنهنجن قومن جي تقديرن تي اختيار حاصل آهي، تن تي ئي اهو فرض عائد ٿئي ٿو، ته هو هن توڙي ٻين سمورن اهم جهڳڙن کي انصاف ۽ مساوات جي اصولن پٽاندر فيصل ڪرائين، ته جيئن سڄيءَ دنيا جا انسان نادر موقعن واري دور جو مڪمل فائدو حاصل ڪري سگهن.

# [ 3 ]

## صدر ايوب ۽ وزيراعظم نهروءَ جي 29- ڊسمبر سن 1962ع تي گڏيل پڌرائي

(1- ڊسمبر، سن 1962ع)

ڀارت جي وزيراعظم، مسٽر جواهر لال نهرو ۽ فيلڊ مارشل محمد ايوب خان، صدر پاڪستان جي صحيح ڪيل، 29- نومبر سن 1962ع جي شام واريءَ گڏيل پڌرائيءَ تي، جيڪا جناب عالي اوهان هن ايوان جي ميمبر صاحبن ڪلهه صبح واريءَ اخبار ۾ ضرور پڙهي هوندي، مان ان تي مختصر تبصري ڪرڻ جي اجازت چاهيان ٿو.

ماضي قريب ۾ حالتون اهڙي ڊرامائي انداز ۽ تيزيءَ سان حرڪت ۾ آيون آهن، جو ڪنهن ڪنهن موقعي تي انهن سان قدم ملائڻ ناممڪن ٿي پيو آهي. حالتن جي تازين تبديلين جي باري ۾ اسين بيحد فڪرمند آهيون، ڇاڪاڻ ته اهي نه رڳو پاڙيسري ملڪن سان اسان جي تعلقات تي اثرانداز ٿين ٿيون، بلڪ انهن ٻين ملڪن جي تعلقات تي به، جن سان اسان جا لاڳاپا تمام گهرا آهن.

قومي اسيمبليءَ جو هي اجلاس چين-ڀارت جهڳڙي مان پيدا ٿيل صورتحال جي ڪري سڏايو ويو آهي. اسانجين سرحدن لاءِ به يڪايڪ خطرو پيدا ٿي پيو آهي، ۽ سڄو ملڪ شديد طرح ان ڪان متاثر ٿيو. انهيءَ ڪري، ضروري سمجهيو ويو ته هن اسيمبليءَ جي ميمبرن کي، جيڪي پاڪستان جي باشندن جا چونڊيل عيوضي آهن، اعتماد ۾ ورتو وڃي.

اسيمبليءَ ۾ اسان ڪارآمد تعميري بحث ڪيو آهي، ۽ ميمبرن جي ظاهر ڪيل مختلف رائين ۽ ويچارن مان حڪومت ڪافي پرايو آهي. اسين خوش آهيون ته ڪشمير جي سوال ۽ ان جي بنا دير، باعزت ۽ انصاف پريي فيصلي جي باري ۾ اسين پنهنجي ملڪ جي عام تاثرات جو اندازو لڳائي سگهيا آهيون.

اسان پنهنجيءَ پر ۾ ڪوشش ورتي آهي، ته 'ايوان' کي سيني پيدا ٿيندڙ حالتن کان، انتظام ۽ مصلحت جي حدن اندر، آگاهه رکيو وڃي، پر حالتون اهڙيءَ تيزيءَ سان حرڪت ۾ آيون آهن، جو عملي طرح اسان لاءِ هرهڪ کي پوريءَ ريت باخبر رکڻ ممڪن نه ٿيو آهي. تنهن هوندي به، اسان جي اها خواهش رهي آهي، ته عوا جي ذميدار عيوضين ۽ خاص ڪري مختلف گروپن جي اڳواڻن سان قريبي رابطو قائم رهي.

جناب اعليٰ، جيستائين هن گڏيل پڌرائيءَ جو تعلق آهي، اها 29-نومبر تي، شام جي ستين بجي کان پوءِ جاري ٿي هئي. حڪومت جو ارادو هو ته ايوان کي انهيءَ پڌرائيءَ جي پس منظر کان ڪلهه صبح جو آگاهه ڪيو وڃي. پر مختلف گروپن جي اڳواڻن سان مشوري ڪرڻ کان پوءِ، يڪراءِ اها صلاح بيٺي ته هيءَ پڌرائي چاڪاڻ ته هڪ تمام اهم دستاويز آهي، تنهنڪري ان تي ۽ ان جي پيچيدگين تي غور ڪرڻ لاءِ پارٽي-اڳواڻن کي وقت کپي. ڪالهوڪي نشست، انهيءَ ڪري اڄ لاءِ ملتوي ڪئي ويئي. جيئن مان ٻڌائي چڪو آهيان، واقعن جي تيزي رفتاريءَ ڪري اهو ممڪن نه هو ته ايوان کي مسلسل تبديلين کان باخبر رکيو وڃي. سيڪو چاڻي ٿو ته جڏهن ملڪن جي وچ ۾ هلندڙ ڳالهيون ڪنهن نازڪ يا تيز ڪڙيءَ تي هونديون آهن، ته انهن جي هرهڪ گوشي کي ظاهر ڪرڻ حڪومت لاءِ ممڪن نه هوندو آهي. پارت ۾ به، باوجود هنگامي صورتحال جي، ۽ جڏهن واقعي لوڪ-سڀا جا اجلاس به هلي رهيا هئا، پارتي حڪومت ان کي هن گڏيل پڌرائيءَ جي تفصيل کان آگاهه نه ڪيو. اهڙين حالتن ۾ ڪيترن ئي معاملن تي خاموشي اختيار ڪرڻي پوندي آهي. مون کي اميد آهي ته ايوان انهيءَ صفائيءَ تي مطمئن ٿيندو. حڪومت جي اها ايماندارانه خواهش آهي ته قوم کي اعتماد ۾ ورتو وڃي، ۽ انهيءَ ئي سبب ڪري قومي اسيمبليءَ جو هي هنگامي اجلاس سڏايو ويو آهي. اسان جو ارادو، هن ايوان جي ذريعي، پنهنجيءَ انهيءَ خواهش کي هرممڪن حد تائين جاري رکڻ جو آهي.

مان هاڻي ايوان کي اها پڌرائي پڙهي ٻڌائيندس. اوهان جي اجازت سان، مان ان جو متن پيش ڪريان ٿو:

"پاڪستان جو صدر ۽ پارت جو وزيراعظم انهيءَ تي متفق ٿيا آهن، ته

ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ڪشمير توڙي ٻين واسطيدار معاملن جي اهم اختلافن کي حل ڪرڻ لاءِ نئين سر ڪوشش ڪرڻ گهرجن، ته جيئن پاڪستان ۽ ڀارت پهلو بپهلو امن ۽ دوستيءَ ۾ رهي سگهن. انهيءَ خيال کان هنن فيصلو ڪيو آهي، ته ڪنهن ويجهڙائيءَ واريءَ تاريخ تي، ڪنهن عزت ڀرئي ۽ انصاف جوڳي نتيجي تي پهچڻ لاءِ ڳالهيون ڪيون وڃن. شروعات ۾ اهي ڳالهيون وزارتي سطح تي هلايون وينديون. موزون موقعي تي، مسٽر نهرو ۽ صدر ايوب جي وچ ۾ سڌيون ڳالهيون ٿينديون.

-- صحيح (جواهر لال نهرو)

29- نومبر 1962ع

-- صحيح (محمدايوب خان)

29- نومبر 1962ع."

هيءَ پڌرائي ساڳئي ئي وقت تي راولپنڊي ۽ نئين دهليءَ مان جاري ڪئي ويئي.

پڌرائي جاري ٿيڻ کان پوءِ ڪي نيون تبديليون ظهور ۾ آيون، جن اصل ڳالهه کي ڪنهن قدر منجهائي ڇڏيو آهي. ڇيو وڃي تو ته ڀارت جي وزيراعظم، لوڪ-سڀا اڳيان پنهنجي ڏنل بيان ۾، پنهنجي پڌرائيءَ واري واعدي کي مروڙڻ يا موافق بنائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مون کي يقين آهي، ته ايوان سندس اهو بيان پڙهيو آهي. مون کي قبول ڪرڻ گهرجي، ته پاڪستان ۾ ان بيان جو نه فقط حڪومت تي، پر سڄيءَ قوم تي اشتعال انگيز ردعمل پيدا ٿيو آهي. ٻين ملڪن جي نمائندن، جن اسان جي تڪرار کي حل ڪرڻ لاءِ اسان کي هڪٻئي جي ويجهو آڻڻ جي ڪوشش ورتي آهي، ۽ جي پاڪستان ۾ موجود هئا، سي ڀارتي وزيراعظم جي هن اظهار جي ڪري البت تيزيءَ سان پنهنجي هٽيا آهن. مسٽر ائويرل هئريمن (Averell Harriman)، آمريڪا جي اسسٽنٽ سيڪريٽري آف اسٽيٽ ۽ پاڪستان ۾ صدر ڪئينيڊيءَ پاران خاص ايلچيءَ جي بيان ۾ اها ڳالهه ظاهر آهي. مسٽر هئريمن، مسٽر نهروءَ جي پڌرائي پڙهڻ کان پوءِ، فوراً، 30-نومبر جي رات جو، هيٺيون اظهار ڪيو:

"وزيراعظم نهروءَ، مسٽر ڊنڪن سنڊيز کي ۽ مون کي صاف طور ٻڌايو ته

هو ڀارت ۽ پاڪستان وچ ۾ تڪرارن کي نبيرڻ لاءِ بنا ڪنهن شرط شروط جي ڪشمير بابت ڳالهين ڪرڻ لاءِ تيار آهي. مون کي پڪ آهي، ته هو پنهنجي انهيءَ وعدي تي قائم رهڻ گهري ٿو."

انگلنڊ جي هاءِ ڪميشن بہ گذريل رات هڪ بيان جاري ڪيو، جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي:

"اڄ رات، 30-نومبر، ڏهين بجي، مسٽر ڊنڪن سنڊيز جي ڪراچيءَ ۾ اچڻ تي، هن کي مسٽر نهروءَ جي لوڪ-سڀا ۾ ڏنل بيان جي رپورٽ ڏيکاري وئي. پاڪستان ۾ ان بيان جي شديد ردعمل کي نظر ۾ رکي، مسٽر سنڊيز دهليءَ ڏانهن ترت هوائي سفر جو خيال ڪيو آهي، تہ جيئن انهيءَ غلط فهميءَ کي دور ڪيو وڃي، جا جيڪڏهن قائم رهڻ ڏني وئي، تہ ڀارت ۽ پاڪستان وچ ۾ ايندڙ ڳالهين تي شايد گهڻو نقصانڪار اثر پوندو."

جيئن هي بيان ڏيکاري ٿو. جيتوڻيڪ مسٽر سنڊيز، يونائيٽيڊ ڪنگڊم ۾ دولتِ مشترڪہ تعلقات جو سيڪريٽري، لنڊن ڏانهن روانو ٿيڻ وارو هو، پر هو پنهنجي پروگرام کي بدلائي، نئين دهليءَ ڏانهن واپس وريو. اُتي اڄ صبح جو سوير پهچڻ تي هڪ بيان جاري ڪيو آهي، جيڪو اڄا اسانجين اخبارن ۾ نہ ڇپيو آهي. مان ايوان جو ڌيان انهيءَ بيان ڏانهن ڇڪائڻ چاهيان ٿو، جيڪو ٽيهين نومبر ۽ پهرين- ڊسمبر 1962ع جي رات جو پڙهيو ويو. جنهن ۾ چيل آهي:

"اڄ شام جو جڏهن مان لنڊن ڏانهن واپس ويندي ڪراچيءَ پهتس، تہ مون کي مسٽر نهروءَ جي لوڪ-سڀا ۾ ڀارت ۽ پاڪستان وچ ۾ ايندڙ ڳالهين بابت ڏنل بيان جي رپورٽ ڏيکاري وئي. ساڳئي وقت مون کي پاڪستان ۾ ان بيان سان پيدا ٿيل سنگين صورتحال کان واقف ڪيو ويو. مون کي يقين هو، تہ اها ڳالهہ غلط فهميءَ جي ڪري پيدا ٿي آهي، تنهنڪري مون مناسب سمجهيو تہ ان کي دور ڪرڻ لاءِ، هڪدم دهليءَ وڃي، مسٽر نهروءَ سان ملجي. جهڙيءَ طرح مون کي اميد هئي، مسٽر نهروءَ، سواءِ پس و پيش جي، مون کي خاطري ڏياري، تہ ائين سمجهڻ غلط آهي تہ هن جي بيان ۾ مذاڪرات جي دائري کي محدود ڪرڻ يا ڪنهن بہ ڌر طرفان ڪنهن تجويز

ڪيل حل جي غور کي خارج ڪرڻ جو ڪو ارادو ڏيکاريل هو."

اڄ صبح جو اطلاع مليو آهي تہ مسٽر ڊنڪن سنڊيز جو، ڀارتي وزيراعظم سان ڳالهين ڪرڻ کان پوءِ، ٻيو بيان شايع ٿيڻو آهي، جو هن ريت آهي:

"مسٽر نهروءَ کي جڏهن مسٽر هئريمن ۽ مسٽر سنڊيز جي بيان تي اظهار راءِ ڪرڻ لاءِ چيو ويو، تہ هن چيو:

" 'اهي بيان ڀارتي حڪومت جي رويي جي صحيح ترجماني ڪن ٿا. ڳالهين جي دائري تي، جن جو ٻنهي حڪومتن آغاز ڪري رهيون آهن، ڪڏهن بہ اوائلي شرطن جو سوال پيدا نہ ٿيو آهي، جيئن مون ڪالهہ لوڪ-سڀا ۾ ظاهر ڪيو، ڪشمير جو مسئلو پيچيدو ۽ مشڪل آهي؛ پر مون کي يقين آهي تہ ٻنهي ڌرين طرفان خيرخواهيءَ جي جذبي سان، هن تُوڙي ٻين مسئلن جو ڪو عزت ۽ انصاف وارو حل ڳولڻ ممڪن ٿي پوندو.' "

هي آهي بيان جو اطلاع مطابق، ڀارتي وزيراعظم اڄ صبح جو جاري ڪيو آهي.

هاڻي، جناب والا! اهم حقيقت هيءَ آهي تہ ڀارتي وزيراعظم انهيءَ پڌرائيءَ تي دستخط ڪيو آهي، جا هاڻي دنيا جي ڏسڻ ۽ مطالعي ڪرڻ لاءِ هڪ عام دستاويز آهي، ۽ جنهن مطابق هو ڪشمير جي مسئلي بابت ڳالهين هلائڻ ۽ ڪنهن باعزت ۽ منصفانہ فيصلي تي پهچڻ لاءِ رضامند ٿيو آهي. اهائي اهم ڳالهہ آهي، ۽ سموريءَ لهہ وچڙ جو اهم نقطو اهوئي آهي. مون لاءِ هت اهو سمجهائڻ ضروري نہ آهي، تہ جڏهن ڪا مقرر پاليسي بدلبي آهي، تڏهن گهٽو ڪري تبديليءَ کي يڪدم تسليم نہ ڪبو آهي؛ عام راءِ تي بہ غور ڪرڻو پوندو آهي. اسان کي معلوم آهي تہ هن سوال تي ٻنهي ملڪن جا تاثرات ڪيتريقدر مضبوط آهن. انهيءَ ڪري، حضور والا، مان اوهان جي ذريعي ايوان کي عرض ڪريان ٿو، تہ صورتحال جي دشوارين کي سمجهندي، مسٽر نهروءَ لوڪ-سڀا ۾ جيڪي ڪجهہ چيو آهي، تنهن جو ڪو گهڻو اثر نہ ورتو وڃي.

جناب عالي! ماضيءَ ۾ اسان کي ڦنديءَ ۾ ڦاسايو ويو آهي. هي لفظ ڪو اهڙو فصيح نہ آهي، پر ان مان اسان جو مطلب واضح ٿئي ٿو. ماضيءَ ۾ اسان کي برغلايو بہ ويو آهي. اسين هڪ ڏکويل ڌر آهيون، هڪ آزاريل ڌر آهيون، ۽ انتهائي

خبرداريءَ سان قدم کڻي رهيا آهيون. اسان کي صورتحال مان حد کان وڌيڪ مفهوم نه ڪڍڻ کپي؛ نه وري پنهنجيءَ قوم طرفان به انهيءَ ڳالهه کي پسند ڪرڻ کپي. اسان ماضيءَ ۾ ايمانداريءَ سان ڪشمير جي تڪرار کي ڳالهين رستي نبيرڻ جي ڪوشش ورتي؛ پر وريو ڪجهه ڪونه. هن وقت ڪيترائي مسلسل واقعا رونما ٿي چڪا آهن، جن جي مخصوص ميلاپ سان صورتحال ۾ هڪ نمايان تبديلي آئي آهي، تڏهن عوام کي ان جو اثر قبول ڪرڻو آهي، ڇاڪاڻ ته ڪا به اهڙي طاقت يا ڪو به اهڙو دليل ڪونهي، جنهن ۾ حالتن جي دباءُ کان وڌيڪ زور هجي. انهيءَ ڪري، اڄو ته برداشتيءَ ۽ احتياط کان ڪم وٺون؛ پر، ساڳئي وقت، اڄو ته مسئلي کي حقيقت پسنديءَ جي انداز سان منهن ڏيڻ جو عزم ڪريون.

اسان جي احتياط سبب، اهو فيصلو ڪيو ويو آهي، ته ڀارت جي وزيراعظم ۽ اسان جي صدر جي وچ ۾ اعليٰ ڪانفرنس کان اڳ، وزارتي سطح تي ڳالهيون هلائجن. انهيءَ مان ئي ظاهر آهي ته اسين جلدبازي نه ڪري رهيا آهيون. اسان جي حڪومت تجويز ڏني، ۽ ڀارتي حڪومت اها قبول ڪئي، ته پهريائين وزارتي سطح تي ڳالهيون ٿين، ته جيئن ٻنهي ڌرين جي نقطه نظر جي ان حد تائين ڇنڊڇاڻ ٿي وڃي، جنهن سان اصل ڳالهه ٻولهه جي پختي بنياد لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ڪو ابتدائي اصول وجود ۾ اچي وڃي. اِها حقيقت اسان جي احتياط جو ثبوت آهي. جيستائين اسان کي اها خاطري نه ٿي آهي، ته ڀارت جي منورتيءَ ۾ ڦيرو آيو آهي ۽ سندس رغبت سچيءَ دل سان اِن پاسي آهي، تيستائين چوٽيءَ جي ڪانفرنس نه ڪوٺائي ويندي.

هاڻي، جناب والا! مان ايوان کي وري به يقين ڏيارڻ چاهيان ٿو، ته گڏيل پڌرائيءَ ۾ ڏيکاريل ڳالهيون، ٻين ملڪن سان اسان جي لاڳاپن کي ڪنهن خطري يا نقصان ۾ نه وجهنديون. ڀارت ۽ پاڪستان جنهن ڳالهه تي اتفاق ڏيکاريو آهي، سا اِهائي آهي ته هو پنهنجن تڪرارن کي صلح پسنديءَ سان حل ڪرڻ لاءِ ڳالهيون هلائيندا. عوامي چين جيڪا ڀارت کي آڇ ڪئي آهي، سا به بلڪل اهڙي ئي آهي.

جناب والا! مان اوهان جو تمام شڪرگذار آهيان جو مون کي ايوان کي مخاطب ٿيڻ جو موقعو ڏنو ويو.

★

# [4]

## چين -ڀارت جهڳڙو - ڀارت لاءِ مغربي هٿيار - مغرب سان معاهدا - ڀارت سان ڳالهيون - چين ۽ روس سان لاڳاپا

(4-ڊسمبر، 1962ع)

پاڪستان جي قومي اسيمبليءَ جو هي هنگامي اجلاس تڏهن سڏايو ويو هو، جڏهن اسان جي علائقي ۾ پيدا ٿيل خطرناڪ حالتون نازڪ ڪڙيءَ تي پهچي ويون هيون. هن اجلاس سڏائڻ ۾ حڪومت جو مقصد ملڪ جي مختلف حصن ۽ مختلف پارٽين سان تعلق رکندڙ، قوم جي نمائندن جي راءِ کي معلوم ڪرڻ هو.

اسان بحث دوران پيش ڪيل تعميري تجويزن کي ٻڌي، گهڻو سود حاصل ڪيو آهي. ڪشمير جي سوال تي، جنهن کي اسين پاڪستان لاءِ سڀ کان اهم سوال ٿا سمجهون، ملڪ ۾ قائم ٿيل شديد تاثرات کان اسين هميشه باخبر ٿي رهيا آهيون. چين-ڀارت سرحدي جهڳڙي جي نتيجي ۾ جيڪا ڀارت کي ڳري فوجي امداد ملي آهي، تنهن بابت هتي ظاهر ڪيل راين اسان کي ڪافي متاثر ڪيو آهي.

جيئن مون پنهنجي 29- نومبر واريءَ تقرير ۾ چيو هو، ڪنهن قوم جي پرڏيهي پاليسي ان جي اقتدار جو اعليٰ نشان ۽ ان جي آزاديءَ جي علامت آهي. حقيقت ۾ اهو ڪنهن ملڪ جي پاليسيءَ جو سڀ کان اهم ۽ سڀ کان نازڪ پهلو آهي. پرڏيهي پاليسيءَ کي عام انبوهه جي رحم ۽ ڪرم تي ڇڏي نٿو سگهجي. نه وري ان کي بازاري هنگامي جي حوالي ڪري ٿو سگهجي. پرڏيهي پاليسيءَ جي جوڙجڪ لاءِ حڪومت کي نه رڳو ملڪ جي ترت مفادن کي خيال ۾ رکڻو آهي، بلڪ ڊگهي عرصي وارن مفادن کي به. تنهن کان سواءِ، حالتن جي بين الاقوامي رخ ۽ انهن جي ڦيرگهير سان تعلق رکندڙ هر قسم جي لاهه ۽ چاڙهه جون سموريون حقيقتون فقط حڪومت وٽ ئي هونديون آهن. ملڪ جي پرڏيهي پاليسي جوڙڻ

لاءِ، اهي سبب ٻڌالهيون آهن، جن تي احتياط سان غور ڪرڻو آهي. هن ويهين صديءَ ۾ حالتون ايترو تيزيءَ سان حرڪت پذير آهن، جو غير رواجي حالتن ۾ ته خير، رواجي حالتن ۾ سيني معزز ميمبرن کي اعتماد ۾ وٺڻ هميشه ممڪن نه آهي. هيءَ هڪ مجيل حقيقت آهي، جنهن جي وضاحت ڪرڻ ضروري نه آهي؛ 'ايوان' ان جي صداقت جو قدر ڪندو رهيو آهي. ڪنهن نازڪ موقعي تي، جيئن هن وقت آهي، هن پاسي يا هُن پاسي، ڪوبه فيصلو اسان جي قوم ۽ اسان جي ملڪ جي تقدير کي سنواري يا بگاڙي سگهي ٿو. جن جي مٿان ذميداريءَ جو بوجهه آهي، تن کي هميشه اها ڳالهه ڌيان ۾ رکڻي آهي. قومي اسيمبليءَ جي هنگامي اجلاس طلب ٿيڻ تي، مان معزز ميمبرن کي يقين ٿو ڏياريان ته جيتريقدر ممڪن ٿيو آهي، ۽ جيتريقدر ضروري سمجهيو ويو آهي، حڪومت کين اعتماد ۾ ورتو آهي. اسين سندن تعاون جو قدر ٿا ڪريون، جو سياٽب ۾ پنهنجائپ وارو پئي رهيو آهي.

برصغير جي چوڌاري هڪ سنگين صورتحال وجود ۾ آئي آهي. اها ڪجهه هفتا اڳ، اچ کان وڌيڪ سنگين هئي؛ پر اسان لاءِ اجا به نازڪ وقت آهي، ۽ ان جا پري تائين پکڙيل ڪڪر اجا به اسان جي اُفق تي ڪارا پاچولا وجهي رهيا آهن. بهرحال، اجلاس سڏائڻ وقت اسين ڪن حالتن جي پيشبيني نه ڪري سگهيا سين، جي انهيءَ عرصي اندر ظهور ۾ آيون آهن. مثال طور: اسين عوامي چين طرفان جنگبنديءَ واري يڪطرفي اعلان جو اندازو نه لڳائي سگهيا سين، جو خيرخواهيءَ ۽ امن جي اعليٰ ترين مقصدن خاطر نه رڳو هن علائقي بلڪ سڄي دنيا جي سلامتيءَ خاطر عمل ۾ آيو. اسين ٻين به اهڙن واقعن جو اڳواٽ اندازو لڳائي نه سگهيا سين، جي منطقي طور انهيءَ جنگبنديءَ جي نتيجي ۾ ظاهر ٿيا.

جنهن وقت چين جي سرحد تي جهڳڙو شروع ٿيو، پاڪستان جي حڪومت انهيءَ بابت پنهنجيءَ پوزيشن کي بلڪل واضح ڪري ڇڏيو. اسان کي يقين هو ته هيءَ لڙائي سرحدي جهڳڙي کان وڌيڪ حقيقت نٿي رکي. وڌ ۾ وڌ اها هڪ خيالي جنگ آهي، ۽ ان جو سبب رڳو سرحد جي ردوبدل جو سوال آهي، جنهن بابت خود ڀارت جي اڳواڻن به ڪجهه سال اڳ تسليم ڪيو هو، ته سرحد جي اها ترتيب عوامي چين مٿان مڙهي ويئي آهي.

جناب والا! عوامي چين طرفان جنگبنديءَ جو يڪطرفو اعلان ۽ چين جي وزيراعظم طرفان ڀارت جي وزيراعظم کي صلح جي آڇ، پاڪستاني حڪومت جي اختيار ڪيل رويي کي صحيح ثابت ڪن ٿا.

اسان پنهنجيءَ طاقت آهر ضبط کان ڪم ورتو آهي. اسان ٻين ملڪن کي به خبردار ڪيو آهي، ته اهي هن معاملي ۾ احتياط سان قدم وڌائين، ته جيئن عداوتون ٻيهر اُسري نه سگهن، ۽ تڪرار جو دائرو وڌيڪ ڦهلجي نه سگهي. ليڪن باوجود اسان جي احتياط واري مشوري جي، ڪن ملڪن، پنهنجن ذاتي مقصدن خاطر، ڀارت کي بي انداز هٿيارن جو تحفو ڏيڻ مناسب سمجهيو، انهيءَ لاءِ جيئن هو عوامي چين سان پنهنجي جنگ جاري رکي سگهي.

ڪن مغربي ملڪن وٽان ڀارت کي هٿيارن جي امداد، اسان لاءِ خطرو پيدا ڪري وڌو آهي. هي اهڙو مسئلو آهي، جنهن پاڪستاني باشندن کي بيچين ڪري ڇڏيو آهي. جيڪڏهن ڀارت کي هيءَ هٿيارن جي فراهمي موجوده پيماني تي جاري رهي، ته اها لازمي طرح چين-ڀارت جهڳڙي کي پڙڪائيندي، ۽ شايد اجا به وڌيڪ سنگين صورت اختيار ڪري، ائتمي تباهيءَ جي حد تائين پهچي ويندي. اسين پنهنجيءَ پر ۾ مطمئن آهيون، ته اسان مغربي ملڪن کي خبردار ڪرڻ ۾ ڪا به ڪسر ڪانه ڇڏي آهي. اسان جي احتجاجن جي باوجود، هنن ملڪن پنهنجي عالمگير مفادن خاطر، پڙ ٻڌي، ڀارت کي فوجي امداد جي آڇ ڪئي آهي. بدقسمتيءَ سان، ڀارت وڏي پيماني تي هٿيارن هٿ ڪرڻ لاءِ، ان جي نتيجن کان بيپرواهه ٿي، موقعي جو فائدو وٺي رهيو آهي. ان جا نتيجا ڏاڍا خطرناڪ ثابت ٿيندا، نه فقط ڀارت لاءِ بلڪ هن ساري علائقي لاءِ. هن ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته آمريڪي ۽ برطانوي هٿيارن لاءِ پنهنجا دروازا کولي، ڀارت پنهنجي ۽ چيني عوام جي وچ ۾ صورتحال کي بگاڙي رهيو آهي.

اسان کي ٻڌايو ويو آهي، ته ڀارت کي پنهنجين هٿياربند فوجن جي موجوده طاقت ۾ گهٽ ۾ گهٽ چاليهه سيڪڙو اضافي ڪرڻ جو خيال آهي. ڀلي ته ڪو به معقول ۽ غيرجانبدار مبصر هن ڳالهه تي ويچار ڪري پنهنجو فيصلو ڏئي، ته فوجي طاقت ۾ اهو اضافو ڀارت جي اقتصادي وسيلن، ان جي سياسي تدبر ۽ حقيقي دفاعي ضرورتن مطابق آهي يا نه؟ ڀارت لاءِ اهو اندازو لڳائڻ ته هو ايتري

مقدار ۾ فوج جو بار برداشت ڪري سگھندو، حقيقت جي بلڪل ابتڙ آهي. ڀارت جي اهڙي ڪوشش نه رڳو ڀارت جي چين سان تعلقات ۾ پيچيدگيون پيدا ڪندي، بلڪ پاڪستان توڙي ٻين پاڙيسري ملڪن سان تعلقات ۾ به.

اسان کي ٻڌايو ويو آهي، ته ڀارت کي هٿيارن جي مدد جي ضرورت، چينين کي هڪلي ڪڍڻ جي مراد سان آهي. هي هڪ ٻيو خطرناڪ خيال آهي. جيڪڏهن ڀارت چينين کي اُنهيءَ هنڌ ڏانهن واپس پچائڻ جي ڪوشش ڪندو، جتي تازو جهڳڙو ٿيو هو، ۽ جتي آمد ورفت جا وسيلا حد درجي بيڪار آهن، ته پوءِ ان جي ڪري اهڙي صورتحال پيدا ٿيندي، جيڪا برصغير ۽ ساري ايشيا لاءِ هڪ تمام سنگين خطرو بنجي ويندي.

اڄوڪي ويهين صديءَ جي زماني ۾ ڪنهن کي طاقت جي وسيلي پسپا ڪرڻ جي خيال جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. سيني سنجيده ماڻهن جي دلين ۾ هر وقت ائٽمي تباهڪاريءَ جي خطري موجود هجڻ ڪري، جهڳڙن کي حل ڪرڻ جو فقط هڪ ئي اُپاءُ آهي، ۽ اهو آهي باهمي گفتگو جو ذريعو.

سلامتيءَ جو مدار بين الاقوامي قانون جي دائري ۾، شائسته طريقن سان عمل ڪرڻ ۾ ئي آهي، ۽ نه هڪ نئين آزاد ٿيل قوم جي وقتي جذبي، غرور يا جوش تي. ڀارت طرفان چينين کي پنهنجي هٽائڻ جي ڪوشش نه فقط ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ مڪمل جنگ جو رخ اختيار ڪندي، بلڪ پوءِ اهو جهڳڙو شايد اڃا به گھڻو وسيع ٿي وڃي.

اسين چاهيون ٿا، ته نه رڳو ڀارت جا باشندا، پر اهي مغربي طاقتون پڻ، جي ابهرائيءَ سان ڀارت جي هٿن ۾ ڪيڏي رهيون آهن، اهو محسوس ڪن ته سندن اختيار ڪيل غلط رستو، برصغير ۽ ايشيا جي سموري عوام تي بي انداز مصيبتون نازل ڪري سگھي ٿو. ڀارت کي اينتري مان ئي سبق سکڻ کپي، ته عوامي چين جهڙيءَ عظيم طاقت سان هٿيارن وسيلي زورآزمائي ڪرڻ، خودڪشيءَ جي برابر آهي.

گويا انگر، عوامي چين کي ڀارت جي منهن تي موهيڙي واري خسيس حيثيت نٿو رکي. اهو هڪ ديوُ آهي. اهو هڪ وسيع ۽ لافاني، پنجهٺ ڪروڙ باشندن جو ملڪ آهي، جي هڪ ساڳئي مقصد ۽ ساڳين عقيدن لاءِ پاڻ ۾ متحد

آهن، جنهن مقصد ۽ جن عقيدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هو خوشيءَ سان پنهنجيون جانيون به قربان ڪري ڇڏيندا. اهو ڀارت جي باشندن، برصغير جي باشندن ۽ اسان جي سموري علائقي جي باشندن جي مفاد وٽان آهي، ته ڀارت، چين جي وزيراعظم جي آڇ قبول ڪري، باهمي گفتگو لاءِ تيار ٿي وڃي، ته جيئن هيءُ جهڳڙو چين توڙي ڀارت، ٻنهي جي حق ۾ خيرخوبيءَ سان طيءِ ٿي وڃي.

ڀارت جو پنهنجيءَ فوج کي ٻيڻ ڏيڻ سان وڌائڻ جي خواهش جو اصلي مقصد اهو هو، ته ٻن محاذن لاءِ لشڪر تيار ٿئي، جيئن اهو عوامي چين ۽ پاڪستان سان مقابلو ڪري. بي انداز امداد جي طلب سان، دراصل ڀارت جو اهوئي مقصد آهي. ڀارت پنهنجين هٿيار بند فوجن کي مضبوط ڪرڻ جو انهيءَ ئي مقصد سان خطرناڪ داءُ لڳائي رهيو آهي. اسين انهيءَ صورتحال کي صبر سان قبول نه ڪري سگهندا سين. هن ايوان ۾ توڙي ٻاهر، هن ڳالهه جو چڱيءَ طرح اظهار ڪيو ويو آهي، ته پاڪستان جا باشندا هن معاملي ۾ فڪرمند آهن. مان وري به مغرب جي جمهوريت پسند ملڪن اڳيان هيءَ ڳالهه زوردار نموني ۾ دهرائڻ چاهيان ٿو، ته هن خطرناڪ مهم ۾ جلدبازيءَ سان ٽپي نه پون. ڇاڪاڻ ته ڪير ٿو چائي ته انهيءَ ئي سبب ڪان انتهي تباهڪاريءَ واري عالمگير جنگ ڇڙي پوي!

ضرورت انهيءَ جي آهي، ته نه رڳو چين ۽ ڀارت جي وچ ۾ صلح ٿئي، پر ڀارت ۽ پاڪستان جي وچ مان به فوجون هٽايون وڃن. فوجن کي هٽائڻ انهيءَ حالت ۾ ٿي سگهي ٿو، جڏهن ڪشمير جي بارودي سوال کي باعزت ۽ انصاف پسند بنياد تي حل ڪيو وڃي. جيستائين پاڪستان جو تعلق آهي، اسان هميشه اهڙي فيصلي لاءِ رضامندي پئي ڏيکاري آهي.

تازين حيرت انگيز ۽ نازڪ حالتن جي نتيجي ۾، ڀارت جي وزيراعظم ۽ پاڪستان جي صدر طرفان هڪ گڏيل پڌرائي اچي چڪي آهي. ٿورا ڏينهن ٿيا ته مون ان باري ۾ هڪ بيان ڏنو هو. مان ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته اسان سڀني کي معلوم آهي، ته ڪشمير جو مسئلو هڪ منجهائيندڙ مسئلو آهي، ۽ ان ۾ هن برصغير جي ٻن قومن جو وقار ۽ جذبو سمايل آهي. پر هن پيچيدي مسئلي کي سلجهائڻ لاءِ، جنهن گڏيل تڪليف وارن پندرهن سالن جي عرصي ۾ فيصلي کان ڪناره ڪشي پئي ڪئي آهي، اسان لاءِ ضروري آهي ته جذباتيت کي پاليسيءَ کان الڳ ڪريون ۽

وقار کي حل جي تلاش کان پاسيرو رکون. گڏيل پڌرائيءَ هن ايذائيندڙ پيچيدگيءَ کي پورپور ڪري ڇڏيو آهي.

انهيءَ گڏيل پڌرائيءَ بابت چيو ويو آهي، ته اها دراصل هڪ سازش هئي، جنهن جو اسين شڪار ٿيا آهيون، ۽ ڀارت ان طرح سان وڌيڪ وقت حاصل ڪرڻ ٿي گهريو، يا هيءَ ڳالهه ته ڀارت ڪشمير جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ خواهان نه آهي، ۽ ڪشمير جي قبضي کي ڀارت هڪ طيءِ شده ڳالهه سمجهي ٿو، يا وري قانوني ۽ سياسي طور ڪشمير کي ڀارت جو مڪمل ۽ الڳ نه ٿيڻ جهڙو حصو سمجهي ٿو. هن ايوان ۾ اهي سڀ دليل پيش ڪيا ويا آهن. جيڪڏهن انهن کي قبول ڪيو وڃي، ته انهيءَ جو اهو مطلب نڪرندو ته گڏيل ڳالهه قبول نه ڪرڻ ڪپندي هئي. درحقيقت اهي دليل گڏيل پڌرائيءَ جي اهميت کي ظاهر ڪن ٿا، ڇاڪاڻ ته اها پڌرائي انهيءَ نقطه نظر جي ترديد جو هڪ واضح دليل آهي، ته ڪشمير ڪو هڪ مرده مسئلو آهي، ۽ ثابت ڪري ٿي، ته اهو هڪ زنده مسئلو آهي، ۽ ڀارت جي وزيراعظم ان جي اهڙيءَ حيثيت کي پندرهن سالن جي مخالفت کان پوءِ تسليم ڪيو آهي.

هاڻي اچو ته حقيقت معلوم ڪريون. اسان کي معلوم آهي، ته هي مسئلو دٻيل رهيو آهي، يا ان کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. اچو ته اهو به تسليم ڪريون ته ان باري ۾ ٻنهي ملڪن جو رويو سخت رهيو آهي. گڏيل پڌرائيءَ سان ٻيو نه، ته گهٽ ۾ گهٽ اها صورتحال ضرور تبديل ٿي ويئي آهي. انهيءَ لحاظ کان ڏسبو ته اسان اڳتي قدم وڌايو آهي.

جيئن مون ڪلهه چيو هو، جڏهن سخت حالتن مان پار پوڻ جو وقت آيو آهي، تڏهن اسان کي ڪي قدر بردبار ٿيڻو آهي ۽ انصاف لاءِ اسان کي هڪ نئون ماحول پيدا ڪرڻو آهي، ته جيئن ٻنهي ڌرين ۾ خيرخواهي پيدا ٿئي. جيستائين ائين نه ڪبو، تيستائين حالتن جي ڪيتري به سخت مجبوري، يا انهيءَ باري ۾ حالتن جي تقاضا يا ڪن ٻين معقول سببن جي باوجود، هڪٻئي سان ڳالهين هلائڻ جي ڪا به سچي ڪوشش ٿي ئي ڪا نه سگهندي. انهيءَ ڪري، ڳالهين ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ باقاعدي گفتگو شروع ڪرڻ کان اڳ، اسان کي فرض ڪرڻو آهي، ته هن مسئلي جي حل ڪرڻ لاءِ ٻيءَ ڌر طرفان به خيرخواهي ۽ خواهش موجود آهي.

ٻئي طرف، جيڪڏهن اسين شڪي آهيون ۽ شڪست ڪاڌل انداز سان ابتدا ڪندا سين، تہ تہ ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيندو، هڪڙو قدم بہ اڳتي نہ وڌندو، ۽ جيڪڏهن قدم اڳتي نہ وڌيو، تہ مون کي انديشو آهي تہ ڪا بہ حڪومت هي مسئلي کي طيءُ نہ ڪري سگهندي.

اسين ڪي بہ ڪرامتون نٿا ڏيکاري سگهون. اسين اهڙائي حب الوطن آهيون، جهڙا مخالف ڌر وارا آهن. هن ايوان اندر، اسان جي وچ ۾ فقط هڪڙيءَ ليڪ جو ويڇو آهي. اهو چوڻ صحيح ۽ انصاف وارو نہ آهي تہ ڪو اسين حب الوطنيءَ کان خالي آهيون، ۽ هن مسئلي تي اسان جو رخ اهڙو سخت نہ آهي، جهڙو هنن جو. جيئن مون چيو آهي، فقط هڪڙي ليڪ آهي، جيڪا هنن کي اسان کان الڳ ڪري ٿي-- اها الڳ ڪرڻ واري ليڪ هنن کي ڪو حب الوطنيءَ جو پروانو نٿي ڏئي. نہ وري فقط هوئي سڄيءَ دنيا ۾ دانائيءَ جو گنجينو آهن. هو اقليت ۾ آهن، پر اڪثريت جي پيچيدگين سان. ڪين محسوس ڪرڻ گهرجي تہ اسين بہ انهن وانگر ڪشمير جي مسئلي کي ٻچاٽيءَ تي پهچائڻ لاءِ اهڙائي فڪرمند ۽ ارادي جا پڪا آهيون.

اسين خوش آهيون تہ اذيتناڪ پيچيدگي پاش پاش ٿي چڪي آهي، قدم ڪجهہ اڳتي وڌيا آهن. ٿي سگهي ٿو تہ ڪا فريبڪاري اسان جو انتظار ڪندي هجي. مان تسليم ڪريان ٿو، تہ ماضيءَ ۾ اسان سان دوکو ڪيو ويو آهي. پاڪستان جو ٻچو ٻچو ڄاڻي ٿو، تہ اسان ڪيتريقدر ڪشاده دليءَ کان ڪم ڪندا رهيا آهيون، ۽ ڪيتريقدر اسان کي هر موقعي تي ٺڳيو ويو آهي. اسان کي اهو سڀ معلوم آهي. پر مان ڀانيان ٿو، تہ انهيءَ تجربي سان، باوجود ماضيءَ جي تلخيءَ جي، اسين انهن ڳالهين ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ بهتر حالت ۾ هوندا سين. تنهن ڪان سواءِ، ڳالهين ۾ شريڪ ٿيڻ سان اسين ڪجهہ بہ نہ وڃائيندا سين. برخلاف ان جي، اسين ڪجهہ نفعي ۾ ئي رهندا سين.

هاڻي مان گڏيل پڌرائيءَ تي اچان ٿو. ان ۾ چيل آهي: "پاڪستان جو صدر ۽ ڀارت جو وزيراعظم انهيءَ تي متفق آهن، تہ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ڪشمير ۽ ٻين لاڳاپو رکندڙ مسئلن جي باري ۾ رهيل اختلافن کي سلجهائڻ لاءِ، نئين سر ڪوشش ونڻ گهرجي." "لاڳاپو رکندڙ مسئلا" وارا لفظ خاص طور تي اهم آهن.

مان انهن جي تفصيل ۾ وڃڻ نٿو چاهيان، ڇو ته جيڪو ماحول اسين پيدا ڪرڻ چاهيون ٿا، تنهن تي متان ڪو اثر پوي-- اهو ماحول، جو نفرت ۽ ماضيءَ جي تلخيءَ کان بي نياز هجي. انهيءَ سبب کان، مان "بين لاڳاپي رکندڙ مسئلن" جي سمجهاڻيءَ ۾ وڃڻ نه چاهيندس. پر انهن لفظن جي مفهوم تي ضرور غور ڪرڻ فرمائيندا. جڏهن مخالف ڌر مطالبو ڪري ٿي، ته اسان کي پڌرائيءَ ۾ هي يا هو شرط شامل ڪرڻ کپي ها، ته هنن کي "بين لاڳاپي رکندڙ مسئلن" جي لفظن تي به ڌيان ڏيڻ گهرجي.

مخالف ڌر جي نقطہ نظر ۾ ڪي قدر تضاد آهي. هڪ طرف هنن جو مطالبو آهي: باقاعدي وقت ۽ ميعاد جي حد مقرر ڪريو، جيئن ڀارت ڪا تاخير نه ڪري ۽ ڪشمير ۾ پنهنجيءَ پوزيشن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ مهلت حاصل نه ڪري سگهي. ٻئي طرف، "بين لاڳاپي رکندڙ مسئلن" بدران، هنن "بين مسئلن" جي فهرست مذاڪرات لاءِ تجويز ڪري پيش ڪئي آهي، جنهن لاءِ حد کان زياده وقت درڪار ٿيندو. سندن تجويز ڪيل ٻيا مسئلا بيشڪ اهم آهن، پر ڪشمير جي مقابلي ۾ انهن جي اهميت گهٽ آهي. مخالف ڌر جا ميمبر ڪشمير بابت ڳالهين جي تڪڙي پڄاڻيءَ جي تقاضا ڪري رهيا آهن، تنهن هوندي به هنن بين مسئلن جي فهرست پيش ڪئي آهي، ۽ چاهين ٿا، ته انهن کي به بحث جي دائري اندر آندو وڃي. جناب والا، هو ڪنهن ڳالهه کي حيرت انگيز حد تائين ناموافقيت ۽ تيزيءَ سان منظور ۽ رد ڪرڻ جو طريقو هلي رهيا آهن.

مان هر ايوان توڙي پاڪستان جي سموري عوام جي غور لاءِ گذارش ڪريان ٿو، ته اسان کي اُلٽي روش اختيار نه ڪرڻ گهرجي. اسان جون ڪوششون پنهنجيءَ حاصلات جي خلاف نه هئڻ گهرجن. آخرين طور جيڪا صورتحال هن وقت پيدا ٿي چڪي آهي، تنهن جي خيرمقدم ڪرڻ ۾ اسان جو ڪو به نقصان ڪونهي. ائين ڪرڻ سان اسين ٻين ملڪن سان پنهنجن لاڳاپن کي خطري ۾ نٿا وجهون-- هن معاملي جو ذڪر آئون اڳتي هلي ڪندس. ڀارت سان اسان جي پراڻن ناتن ختم ٿيڻ کي نظر ۾ رکي، اسان کي موجوده صورتحال جو خيرمقدم ڪرڻ گهرجي.

مخالف ڌر جي ميمبرن اهو به چيو آهي، ته اسين ڪشمير جي باشندن جي

مفادن ۽ خواهشن جي سوديبازي نٿا ڪري سگهون، ۽ ڪشمير جي باشندن سان نه رڳو مشورو ڪرڻ گهرجي ها، بلڪ انهن کي ڳالهين ۾ شريڪ به ڪجي ها. مان سندن خوش تدبيريءَ کي اپيل ڪندي، پڇان ٿو ته قانوني طرح اهو انتظام ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ها؟ ڪشمير جو سوال، جنهن کي مون "پاڪستان لاءِ سوالن جو سوال" سڏيو آهي، سوئي پارت ۽ پاڪستان جي خوشگوار ۽ دوستاڻن ناتن ۾ رڪاوٽ آهي-- ۽ اها حقيقت ڏيکاري ٿي، ته ڪشمير جي باشندن لاءِ اسين ڪيتريقدر نه فڪرمند آهيون. اسين ڪشمير بابت بي توجهيءَ سان نٿا ڳالهائي سگهون. اسان جي طرفان ڪشمير جي فيصلي جي تقاضا جو اهوئي مطلب آهي، ته اسين ڪشمير جي عظيم ۽ بهادر باشندن جي جائز تمنائن ۽ مصيبتن کي ڌيان ۾ رکي رهيا آهيون.

اهو به چيو ويو آهي، ته اسان کي پارت سان اهي ڳالهيون نه هلائڻ کپن، ڇاڪاڻ ته ائين ڪرڻ سان ڪنهن نه ڪنهن نموني ۾ اقوام متحده کان روگرداني ٿئي ٿي، يا اقوام متحده ۾ اسان جي پوزيشن ڪمزور ٿئي ٿي. هيءُ اهڙو دليل آهي، جو منهنجي سمجهه کان ٻاهر آهي. مان اوهان جو ڌيان اقوام متحده جي پڌرنامي جي هڪ قلم، يعني باب ڇهين جي ٽيٽيهين قلم، ڏانهن ڇڪائڻ گهران ٿو، جنهن ۾ چيل آهي:

"(1) ڪنهن به اهڙي تڪرار سان لاڳاپو رکندڙ ڌريون، جنهن تڪرار جي جاري رهڻ سان بين الاقوامي امن ۽ سلامتيءَ جي برقراريءَ لاءِ خطري جو امڪان هجي، سڀ کان اول گفت و شنيد، تحقيق، وساطت، مصالحت، ثالثي، عدالتي نبيري، علاقائي وسيلن يا نظام مان مدد وٺڻ يا پنهنجن منتخب ڪيل پُرامن طريقن سان حل ڪرڻ جي ڪوشش ونديون.

"(2) سلامتي ڪائونسل، جڏهن به ضرورت محسوس ڪندي، ڌرين کي انهن طريقن سان پنهنجن تڪرارن کي حل ڪرڻ لاءِ پابند بڻائيندي."

هاڻي جيڪڏهن ڪو اقوام متحده جي اهم ٺهرائن ۽ ان جي نمائندن جي سفارشن جو مطالعو ڪندو، ته اهو معلوم ٿيندو ته باربار تڪرار سان تعلق رکندڙ ڌرين، يعني پاڪستان ۽ پارت کي "گفت و شنيد" جي طريقي اختيار ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي آهي. ڊاڪٽر فرئنڪ گرهام جي ۽ ٻين انهن جي، جن جو ڪشمير

جي مسئلي سان واسطو رهيو آهي، اهائي سفارش هئي. اچو ته انهن انتهائي بدنام مغربي جمهوريتن کي، جن هميشه سلامتي ڪائونسل ۾ اسان جي مڪمل حمايت پئي ڪئي آهي، هڪ پاسي رکون. اچو ته انهن کي هڪ گهڙيءَ لاءِ پاسيرو ڪري رکون. روس به پاڪستان ۽ ڀارت کي هيءُ مشورو ڏنو آهي، ته ڪشمير جي مسئلي کي ڳالهين وسيلي طيءِ ڪرڻ جو طريقو بهترين آهي. هن قسم جي هڪ طرفين ڳالهين جو مشورو نه رڳو روس ڏنو آهي، بلڪ ٻين سڀني مکيه ڪميونسٽ ملڪن به. غيرجانبدار ملڪن به اهڙائي مشورا ڏنا آهن. ڪشمير بابت پڇاڙيءَ واري سلامتي ڪائونسل جي ميٽنگ کان ڪجهه عرصو اڳ، جڏهن مان قاهره ويس، ته صدر جمال ناصر به مون کي چيو، ته ڪشمير جي تڪرار کي حل ڪرڻ جو بهترين طريقو اهوئي ٿيندو، ته اول ڀارت ۽ پاڪستان جي وچ ۾ هڪطرفي ڳالهه ٻولهه جا سمورا امڪان هلائي پورا ڪجن. ساڳيو مشورو گهانا ۽ آئرلينڊ ۽ اقوام متحده جي ٻين ڪيترن ميمبرن به ڏنو.

انهيءَ ڪري، ڀارت سان سڌيءَ طرح ڳالهين هلائڻ سان اسين ڪنهن به طرح اقوام متحده ۾ پنهنجيءَ پوزيشن کي خطري ۾ نه وجهي رهيا آهيون، اسين اقوام متحده ۾ ڪنهن به نموني پنهنجي اصول تان هٽي نه رهيا آهيون؛ نه وري اسين هن عالمي عدالت ۾ پنهنجيءَ پوزيشن کي ڪو نقصان يا ضرر پهچائي رهيا آهيون. جيڪڏهن ڪنهن به وقت ڳالهيون بيسود ثابت ٿيون، ته اسين اقوام متحده ڏانهن وڃڻ لاءِ آزاد هونداسين، ۽ انهيءَ جماعت ڏانهن مضبوط هٿن سان ويندا سين. اسين پوءِ اقوام متحده کي چئي سگهنداسين، ته اسان پڌرنامي جي ٽيٽيهين آرٽيڪل جي شرطن جي پوئواريءَ کان به ڪجهه وڌيڪ ڪيو آهي. مان وري به چوان ٿو، ته موجوده حالتون اقوام متحده ۾ اسان جي پوزيشن کي ڪمزور ڪرڻ بجاءِ مضبوط ڪن ٿيون.

مان اقوام متحده جو هميشه پڪو معتقد رهيو آهيان، ۽ منهنجو اڃا به اهو ايمان آهي، ته اهو ادارو دنيا جي امن لاءِ هڪ اهم ۽ قطعي ڪردار ادا ڪرڻ جو هڪ وسيلو آهي. خاص طور اسان ننڍن ملڪن جي باشندن کي اقوام متحده جا هٿ مضبوط ڪرڻ کپن. پاڪستان جي پاليسي هميشه اها پئي رهي آهي، ته اقوام متحده جي سڀني فيصلن جي پوري حمايت ڪجي، ۽ اقوام متحده ۽ ان جي

سيني ذريعن کي طاقتور بنايو وڃي. پر ڪشمير جي معاملي ۾ اقوام متحده ڏانهن اسان جي رجوع ٿيڻ تي اختلاف آهي. اسين جڏهن به اقوام متحده ڏانهن وڃون ٿا، ته ترشروئي جو مظاهرو ٿئي ٿو. اسان کان پڇيو وڃي ٿو: اقوام متحده ڇا ڪندي؟ اقوام متحده ڇا ڪيو آهي؟ ان ۾ ڀروسو ڇو ٿو رکيو وڃي؟ اوهين هن مسئلي کي اقوام متحده ڏانهن رجوع ڪري، ڪيستائين التوا ۾ رکندا؟ اهڙيءَ طرح، جڏهن حڪومت اقوام متحده ۾ هن مسئلي تي تيزي ڏيکاري ٿي، ته ملڪ ۾ مايوسيءَ جو احساس پيدا ٿئي ٿو. ماڻهو سمجهن ٿا، ته اقوام متحده وڏين طاقتن جي دٻاءَ هيٺ آهي، ۽ ويٽو جي استعمال ڪري ان مان ڪو به فائديمند نتيجو ڪونه نڪرندو. اها آهي صورتحال، جڏهن اسين اقوام متحده ڏانهن رجوع ٿيون ٿا.

جڏهن اسين هڪ طرفين ڳالهين لاءِ راضي ٿيون ٿا، تڏهن وري زورآوريءَ سان اسان کي ائين چيو وڃي ٿو، ته جنهن صورت ۾ هي معاملو اقوام متحده وٽ پهچايو ويو آهي، تنهن صورت ۾ هن قسم جون ڳالهيون اقوام متحده ۾ اسان جي پوزيشن کي خطري ۾ وجهي ڇڏينديون. پوءِ، حڪومت ڀلا ڇا ڪري؟ مان گذارش ڪرڻ چاهيندس، ته جڏهن اقوام متحده ۾ بحث ڪرڻ بعد ويٽو استعمال ٿئي ٿو، ته ان جو انجام لازماً ذرين درميان مذاڪرات جو ٿيڻو آهي. جڏهن ذرين ۾ اختلاف راءِ آهي، ته ويٽو سڌين ڪوشش جي آڏو اچي ٿو. ڪي ملڪ ڀارت جي حمايت ڪن ٿا، ته ڪي پاڪستان جي. اهڙيءَ حالت ۾ هرڪا پيش ڪيل رٿ ويٽو جي ماتحت آهي. جيڪڏهن ويٽو وساطت يا ثالثيءَ کي خارج ڪري ڇڏي، ته اسان لاءِ هڪطرفين ڳالهين جي طريقي کي توڙ تائين پهچائڻ کان سواءِ ٻيو ڪو به رستو نٿو رهي.

اسان جو ڌيان ڀارت ۽ پاڪستان جي باري ۾ اقوام متحده جي ڪميشن جي ٻن ٺهرائن، 13- آگسٽ 1948ع ۽ 5- جنوري 1949ع وارن، ڏانهن ڇڪايو ويو آهي. اهي ٺهراءَ موجود آهن. انهن جو مقصد فوجن کي هٽائڻ بعد راءِ شماري ڪرائڻ جو آهي. ڪيترن ئي سالن تائين اسان انهن ٺهرائن جي عمل هيٺ اچڻ جي سوال تي بحث ڪيو آهي. جڏهن به انهن کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ ڪا رٿ ڏجي ٿي، ته انهيءَ تي ويٽو استعمال ٿئي ٿو.

جيتوڻيڪ تڪرار جي ڪنهن حد تي ۽ ڪنهن دور ۾، سڌيءَ طرح ڳالهيون هلائڻ ئي هڪڙو موزون طريقو آهي، پر اسين ڏسون ٿا، ته اهو مشڪوڪ بنجي پيو آهي، ۽ ان کي خطرناڪ سمجهيو وڃي ٿو. ڳالهين هلائڻ لاءِ اسان جي رضامنديءَ ۾ ڪهڙي شيءِ سچ پچ غيررواجي آهي؟ اقوام متحده توڙي ٻين انيڪ ميدانن جي باوجود، جتي مختلف ملڪن لاءِ گڏجڻ جا موقعا آهن، آمريڪا ۽ روس به ڪيترن ئي اهم موقعن تي سڌيءَ طرح ڳالهيون هلايون آهن، ۽ انهن مان بنهه تازو موقعو اهو هو، جڏهن آمريڪي صدر ڪئنيڊي، پنهنجي صدر چونڊجڻ بعد، روسي وزيراعظم خروشيف سان وائنا ۾ مليو هو. ڪنهن کي اميد ڪانه هئي، ته ڪو انهن جي ذريعي دنيا جا سيئي مسئلا حل ڪيا ويندا: هٿياربنديءَ تي مڪمل ۽ عام بندش وڌي ويندي، برلن جو سوال فيصل ٿيندو، ۽ روس ۽ آمريڪا جي دائمي دوستيءَ جو آغاز ٿيندو. ڪنهن کي به اهڙن نتيجن جي اميد ڪانه هئي، پر تنهن هوندي به حڪومتن جا ٻه سربراهه پاڻ ۾ گڏجڻ کان محروم نه رهيا.

ڪنهن به ذميدار حڪومت طرفان ٻين ملڪن سان پنهنجن اختلافن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش کي روڪڻ نه کپي. ڳالهين ڪرڻ سان ڪنهن کي به ڪو نقصان نٿو رسي. اڄ غير قانوني نموني سڌي قدم کڻڻ سان اسانجن شهرن، اسان جن گهرن ۽ مسجدن جي مڪمل تباهيءَ جو انديشو آهي. اسان کي پنهنجي ملڪ کي خطري ۾ وجهڻ نه گهرجي. منهنجو پاڪستان جي باشندن ۾ اعتماد آهي، ۽ مون کي معلوم آهي، ته هو عظيم همت ۽ عظيم قربانين جا اهل آهن. پر ايندڙ نسلن طرفان اسان تي هيءَ ميار نه اچڻ کپي، ته اسين غير ذميدار هئا سين ۽ اسان بي سبب پنهنجي ملڪ کي اهڙي قسم جي قدم کڻڻ لاءِ گهليو، جيڪو شايد ڪو چنگيز خان ئي کڻي ها. غير قانوني قدم کڻڻ جو اهوئي نتيجو نڪرندو!

ائين به چيو ويو آهي، ته ڳالهين هلائڻ لاءِ ڪي اوائلي شرط هجن ها. اوائلي شرط ڇو هجن. اسان جو معاملو سڄيءَ دنيا کي معلوم آهي، ۽ پاڪستان جي هر گهر، هر ڳوٺ ۽ هر شهر کي معلوم آهي. اسان ان کي بار بار ۽ سنجيدگيءَ سان بيان ڪيو آهي. ٻيءَ ڌر کي به اسان جو معاملو اهڙيءَ ئي ريت معلوم آهي، جهڙيءَ ريت هنن جو معاملو اسان کي معلوم آهي. اسين ساريءَ دنيا کي پنهنجو مسئلو

پذائي ۽ سمجهائي، پوءِ دوبدو ڳالهين ۾ شريڪ ٿيون ٿا.

تڪرار جي معنيٰ ڇا آهي؟ تڪرار جي وصف ڇا آهي؟ تڪرار ۾ آمهان سامهان مطالبا هوندا آهن. اوهين جيڪڏهن ڪنهن تڪرار جي فيصلي لاءِ ڳالهين ۾ شريڪ ٿيو، ته اوهان جو مطالبو ٻيءَ ڌر کي معلوم آهي، ۽ ٻيءَ ڌر جو مطالبو اوهان کي معلوم آهي. اهڙيءَ طرح، ڌرين کي معلوم هوندو آهي، ته ڳالهين جو مضمون ڪهڙو آهي؟ انهيءَ ڪري اوائلي شرطن جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي.

گذيل پذرائيءَ جي باري ۾ آئون وڌيڪ ٻيو ڪجهه به نه چوندس. اسين هڪ دشوار ۽ خطرناڪ دور مان گذري رهيا آهيون. ايندڙ نازڪ دور ۾ اسان کي هڪ يڪي آواز سان ڳالهائڻ گهرجي. اسان جي ڪوشش خيرخواهيءَ ۽ مفاهمت واري اهڙي ماحول کي پيدا ڪرڻ لاءِ هجڻ کپي، جيڪو فيصلي لاءِ مفيد ثابت ٿئي. اسين ڳالهين ۾ پنهنجي گذريل تجربي جي مڪمل واقفيت سان شريڪ ٿيندا سين. شروعات ۾ وزارتي سطح تي گفت و شنيد جو ڪهڙو مطلب آهي؟ جيڪڏهن اسان کي معلوم ٿي وڃي، ته ٻيءَ ڌر ۾ خيرخواهيءَ جو جذبو عدم موجود آهي، ۽ انڪي ايمانداريءَ سان مسئلي طيءِ ڪرڻ جو ڪو ارادو ڪونهي، ته پوءِ، منهنجي خيال ۾، چوٽيءَ جي ڪانفرنس جي ڪا به ضرورت ڪانه رهندي. انهيءَ وچ ۾ اسان کي اکيون کليل رکڻيون پونديون، ۽ اسان کي سڀني اتفاقن لاءِ تيار رهڻ گهرجي.

ماضيءَ ۾ جيتوڻيڪ حالتون اسان لاءِ ناسازگار رهيون آهن، ۽ ڀارت جو ملڪ اسان کان وڏو ۽ ان جا وسيلا اسان کان وڌيڪ آهن، پر تنهن هوندي به اسين ڏيکاري چڪا آهيون، ته اسين انهن مڙني حالتن کي منهن ڏيڻ جي اهليت ۽ همت رکون ٿا، جيڪي اسان جي قومي زندگي ۽ ملڪي سلامتيءَ لاءِ نقصانڪار ٿي سگهن ٿيون. جيڪڏهن مان چوان ٿو، ته اسان کي احتياط ڪرڻ گهرجي، ته منهنجو مطلب پاڪستان جي هرهڪ حصي لاءِ احتياط آهي. اوڀر پاڪستان جي سرحد به اسان لاءِ اهڙي ئي مقدس آهي. جهڙي اولهه پاڪستان جي سرحد. پاڪستان جو صحيح معنيٰ ۾ دفاع ٽيستائين نه ٿي سگهندو، جيستائين اوڀر پاڪستان جي سرحدن جو موزون بچاءُ نه ڪيو ويو آهي. هڪ خيال کان، اوڀر پاڪستان جو دفاع اولهه پاڪستان جي دفاع کان وڌيڪ اهم آهي. اوڀر پاڪستان

جي دفاعي فوجن ڪي، خاص طور موجوده حالتن جي روشنيءَ ۾، وڌائڻو ۽ وڌيڪ مضبوط ڪرڻو آهي. مان ايوان کي پڌائڻ چاهيان ٿو، ته اوپر پاڪستان جي مسئلن ۽ ان جي دفاعي ضرورتن کي جديد انداز سان مڪمل ڪيو پيو وڃي.

ايوان توڙي عوام کي، دفاعي معاهدن ۾ اسان جي شراڪت بنسبت جيڪا مايوسي ٿي آهي، تنهن کي حڪومت بخوبي محسوس ڪري ٿي. اسان سمجهيو هو ته معاهدا ڪارآمد ثابت ٿيندا. پر بين الاقوامي سياست جي ناسازگار ماحول ۾، اسين ڪوبه مڪمل نموني جو موزون اتحادي معاهدو نٿا لهي سگهون، ۽ نه وري باهمي لاڳاپن جي ڪا اهڙي صورت اسان کي نظر ايندي، جيڪا فقط اسان جي ئي نقطه نظر سان موافقت رکندي هجي. اهڙي قسم جي اميد، حقيقت کان عاري هوندي. تنهن هوندي به، مان تسليم ڪريان ٿو، ته اسين انهن دفاعي معاهدن جي ميمبرن وٽان اڌوري ۽ بيدليءَ سان مليل مدد جي ڪري مايوس ٿيا آهيون، جن سان اسين شامل آهيون، ۽ جن وٽان اسان کي پنهنجيءَ مشڪلات ۾ ڪافي مدد ملڻ جي اميد هئي.

مون کي هيءَ ڳالهه ضرور پڌائڻي آهي، ته جنهن به وقت پاڪستان جا مفاد تقاضا ڪندا، اسين انهن معاهدن مان نڪرڻ ۾ هڪ گهڙيءَ لاءِ به نه هبڪندا سين. اسين انهن معاهدن ۾ پاڪستان ۽ ان جي باشندن جي مفاد خاطر شامل ٿيا هئاسين. جيڪڏهن انهن مفادن جي حوصله افزائي نه ڪئي ويئي، جيڪڏهن معاهدا انهن جو بچاءُ نه ڪري سگهيا، ته پوءِ اسين انهن کان لاتعلق ٿي ويندا سين، ۽ اُها پاليسي اختيار ڪندا سين، جيڪا پاڪستان جي باشندن جي عظيم ترين مفادن ۽ ان جي سالميت جو بچاءُ ڪندي. هن بحث دوران معاهدن تي جيڪا تنقيد ڪئي ويئي آهي، سا مون کي سقراط جي انهيءَ جواب جي يادگيري ڏياري ٿي، جيڪو هن پنهنجي هڪ شاگرد کي ڏنو هو. جڏهن هن کيس پڌايو هو، ته ڪو شخص سندس باري ۾ بدڪلامي ڪري رهيو آهي. سقراط جواب ڏنو، ته هو ان ڳالهه تي اعتبار نٿو ڪري سگهي، ۽ چيو هئائين: "ائين ناممڪن آهي، ته جنهن شخص جو نالو تون وٺي رهيو آهين، سو مون لاءِ بدڪلامي ڪندو. مون هن تي ڪوبه احسان ڪونه ڪيو آهي. آئون هن سان ڪڏهن به مهربانيءَ سان پيش نه آيو

آهيان. پوءِ هو ڇو مون مان عيب ڪيندو؟" معاهدا پنهنجيءَ جاءِ تي آهن. اسين انهن تي تنقيد ڪري رهيا آهيون.

حقيقت هيءَ آهي، تہ دفاعي لحاظ کان اهي معاهدا اسان لاءِ بلڪل بيڪار نہ آهن. وڏن منصوبن جي سلسلي ۾ انهن پنهنجو مقصد پورو ڪيو آهي. موجوده صورتحال ۾، ۽ حالتن جي موجوده نتيجي ۾، مان پاڪستان جي باشندن ۽ انهن جي اڳواڻن کي ٻڌائڻ چاهيندس، تہ اسين- علحدگيءَ جي غنودگيءَ ۾ رهڻ جي پاڻ کي اجازت نٿا ڏيئي سگهون. اهو اهڙيءَ ئي علحدگيءَ جو نتيجو هو، جو اسين اڳرائيءَ جو شڪار ٿيا هئا سين. اڳرائيءَ جي ڪري ئي اسان کان جوناڳڙهہ، ماناوادر ۽ ڪشمير کسيا ويا.

مان ڪنهن بہ شڪ شبهي کان سواءِ، واضح ڪرڻ چاهيندس، تہ اسان جا عوامي چين سان دوستاڻا ناتا آهن، ۽ انهن ناتن کي ڪنهن بہ قسم جي نقصان پهچائڻ جي اجازت نہ ڏني ويندي. چين سان اسان جا ناتا اسان جي پرڏيهي پاليسيءَ جو هڪ خودمختيار عمل آهن، ۽ ڪنهن بہ نقطہ نگاهہ کان اهو عمل عارضي نہ آهي: ايوان جي اڳيان اهو بلڪل واضح ڪيو ويو آهي. اسين ڏسندا سين تہ جيئن جيئن حالتون پڌريون ٿينديون وينديون، چيني حڪومت تي اسين پنهنجو نقطہ نظر ۽ پنهنجي پوزيشن واضح ڪندا رهندا سين. هي اسان جو فرض آهي، ۽ اسين اهو پورو ڪندا سين. پاڪستان جي بهترين مفاد خاطر، اسين چين جي عظيم عوامي جمهوريت سان خيرخواهيءَ جي جذبي، دوستيءَ ۽ دلي محبت کي قائم رکندا سين.

ساڳيءَ طرح، اسان جي اها بہ ڪوشش رهندي، تہ روس سان اسان جا لاڳاپا خوشگوار رهن. موجوده حڪومت ۽ سابق حڪومت انهيءَ ملڪ سان تيل جو معاهدو ڪري، روس سان پنهنجن ناتن کي ڪنهن حد تائين معمول تي آندو. اسين ان سان اقتصادي ۽ ٻين ڪارآمد ميدانن ۾ وڌيڪ سهڪار جو خيرمقدم ڪندا سين-- اهو سهڪار، جو روس ۽ پاڪستان جي باهمي مفاد خاطر هجي.

آخر ۾ مان وري بہ چوندس، تہ هن ايوان ۾ جيڪو بحث ٿيو آهي، ان مان

حڪومت گهٽو پرايو آهي. اسان مختلف خيال رکندڙ ميمبرن طرفان ظاهر ڪيل نظرين کي زير غور آندو آهي. پنهنجيءَ پر ۾ جيترېقدر ممڪن ٿي سگهيو آهي، اسان کي سڀني حالتن جي باري ۾ پنهنجي اعتماد ۾ ورتو آهي.

مان ايوان جي مختلف گروهن جي جذبي جي يڪسوئيءَ جو اظهار ڪندس. جڏهن مان چوان ٿو، ته هن بحث جي گرد ۽ غبار جي ٿمجڻ بعد اهو معلوم ٿيندو، ته اسين گهٽ نئي مسئلن تي متفق آهيون.

اسان جو ايمان آهي، ته ڀارت ۽ عوامي چين کي پنهنجو جهڳڙو پُرامن طريقي سان حل ڪرڻ کپي. اهوئي هڪڙو باعزت طريقو آهي، جنهن موجب هو ناهر تي اچي سگهن ٿا. چين جي وزيراعظم جي ڪيل آڇ، ڀارت کي قبول ڪرڻ گهرجي. اسان جو ايمان آهي، ته پاڪستان جي چين سان دوستي اسان جي پرڏيهي پاليسيءَ جو هڪ ترقي پذير عنصر آهي، جو ٻئي ڪنهن به عنصر تي مدار نٿو رکي. اسان جو ايمان آهي، ته روس ۽ ٻين ملڪن سان، خاص طرح اسلامي ملڪن ۽ غيرجانبدار ملڪن سان، اسان جا تعلقات هموار ٿيڻ کپن. انهن مان گهٽ نئي ملڪن سان اسان جا گهاٽا ناتا آهن. اسين ترڪيءَ ۽ ٻين انهن ملڪن جا احسانمند آهيون، جن موجوده چين- ڀارت تڪرار ۾ تعميري رويو اختيار ڪيو آهي. اسين محسوس ٿا ڪريون، ته مغربي طاقتن اسان کي مايوس ڪيو آهي. ڇاڪاڻ ته ڀارت ڏانهن سندن هٿيارن جي پرمار اسان کي تمام فڪرمند ڪيو آهي. تنهن هوندي به، اسين ڪين يقين ٿا ڏياريون، ته ساٿن اسان جا تعلقات مستحڪم رهندا، بشرطيڪ هو پاڪستان جي پوزيشن جو اندازو لڳائين، ۽ ان جي نظريي کي تسليم ڪن ته ڀارت جي امداد نيٺ سڄي برصغير لاءِ هڪ عظيم خطرو پيدا ڪندي.

آخر ۾، اسان جو ايمان آهي ته اسين ڪنهن به خساري ۾ نه ويندا سين، جيڪڏهن اسين مستعديءَ سان ڀارت سان ڳالهين ۾ شريڪ ٿيندا سين. اسان کي بهرحال تمام سجاڳ رهڻ گهرجي، ۽ ماضيءَ ۾ جن دشوارين سان اسان جو واسطو پيو آهي، انهن کي ڌيان ۾ رکڻ گهرجي. اچو ته هيءَ آخري ڪوشش ڪريون. انهيءَ مان ئي اسين اندازو لڳائي سگهندا سين، ته آيا واقعي ڀارت ۾

اسان لاءِ ڪو خيرخواهيءَ جو جذبو پيدا ٿيو آهي، ۽ آيا حالتن ان کي اهو محسوس ڪرايو آهي، ته سنا تعلقات ٻنهي ملڪن لاءِ تمام فائديمند آهن.

ڪنهن به طرح سان، ڀارت سان اسان جي ڳالهين هلائڻ ڪري، اقوام متحده ۾ اسان جو طرز عمل نڪي تعصب جي دائري ۾، ۽ نڪي نقصان هيٺ ايندو. منهنجي خيال ۾، انهيءَ سوال تي اسان ۾ اختلاف راءِ نٿو ٿي سگهي. هي فردن جي ذاتي رضامنديءَ جو سوال نه آهي، هي سوال اسان جي قوم جي مستقبل جو آهي.

پاڪستان کي هڪ عظيم هستيءَ وجود ۾ آندو. ان جي حفاظت لاءِ، جهڙيءَ طرح پاڪستانين جي قرباني عالم آشڪار آهي، اسين هرڪا قرباني ڏيندا سين. مان سيني کي اپيل ٿو ڪريان، ته گڏيل آواز سان دنيا کي آگاهه ڪن، ته پاڪستان يڪمشت آهي، ۽ ڪنهن به اهم مسئلي تان دستبردار نه ٿيندو. مان واعدو ٿو ڪريان، ته اسين ڪشمير لاءِ پنهنجيءَ جدوجهد کي جاري رکندا سين، ۽ ڪڏهن به ان تان دستبردار نه ٿيندا سين. اسان کي سيني تڪرارن جو پرامن حل گهرجي، اسين انهيءَ اصول تي قائم رهندا سين.

## [5]

# پرڏيهي پاليسيءَ جو نئين سر جائزو - ڀارت لاءِ مغربي هٿيار - ڪشمير بابت ڀارت سان ڳالهيون - چين سان سرحدي ناهه

(17- جولاءِ 1963ع)

تمام ڏکيءَ ساعت ۾ جنم ورتل هن قوم، پنهنجن گذريل پندرهن سالن جي زندگيءَ ۾ گهڻيئي لاها چاڙها ڏٺا آهن، پر مان گذارش ڪريان ٿو، ته جنهن نازڪ دور مان اها هاڻي لنگهي رهي آهي، سو شايد سنگين ترين آهي، بنسبت اُن دور جي، جنهن جو هيل تائين ان مقابلو ڪيو آهي.

اڄ اسان جي پرڏيهي پاليسيءَ جو نئين سر تجزيو ۽ اندازو ڪيو پيو وڃي. انهيءَ جا سبب، ملڪ جي سياسي زندگيءَ جون ڪي اندروني تبديليون، ۽ ڪي ٻاهريون حالتون آهن، جن ڪي وڏين طاقتن طرفان برصغير جي باري ۾ ڪيل ڪن اهم فيصلن وجود ۾ آندو آهي.

گذريل سالن ۾ ڪي اهڙا موقعا آيا آهن، جڏهن اسان جي پرڏيهي پاليسيءَ کي نئين سر مرتب ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو هو. جيئن سڀني کي ڄاڻ آهي، پاڪستان ۾ ڪي سياسي جماعتون ۽ سياسي مبصر ملڪ جي لاءِ اختيار ڪيل پرڏيهي پاليسيءَ سان موافق نه هئا. بهرحال، انهن موقعن تي حالتن جي مجبور ڪندڙ طاقت، جنهن بابت مون ذڪر ڪيو آهي، عدم موجود هئي، جنهن جي نتيجي ۾ پاليسيءَ ۾ ڪا به تبديلي ظهور ۾ نه آئي. اڄ اسين پنهنجي پرڏيهي پاليسيءَ تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ نه رڳو مخالفن جي دليلن سان، جن ڪي اسان جن گذريل تجربن تقويت پهچائي آهي، منهن مقابل آهيون، بلڪ گذريل چند مهينن ۾ پيش آيل واقعن جي تصادم جي ڪري به. اسين انهيءَ ڪري، بين الاقوامي معاملن ۾ پاڪستان جي بنيادي پوزيشن تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ مجبور آهيون.

جنهن نموني جي باريڪ چڪاس هن وقت اسين ڪري رهيا آهيون، سا شايد قومي زندگيءَ جي ڪايا پلٽ ڪري ڇڏيندي. انهيءَ سبب ڪري، مان ايوان کي التجا ڪندس، ته پنهنجي بحث کي اسان جي پرڏيهي پاليسيءَ جي اهم مسئلن تائين محدود رکن، ۽ ان جي مختلف مسئلن جي تفصيلن ۾ نه وڃن. حڪومت في الحال انهن مسئلن جي تحقيقات ڪري. دوباره جائزو وٺي رهي آهي. گذريل نومبر ۾ اسان هن ايوان ۾ پرڏيهي معاملن تي طويل ۽ مفصل بحث ڪيو هو، ۽ انهن جي هر پهلوءَ جي ڇنڊڇاڻ ڪئي ويئي هئي. ڍاڪا واري اجلاس ۾ ايوان کي پرڏيهي معاملن ۾ بحث ڪرڻ جو اجا به هڪ ٻيو موقعو مليو هو. موجوده صورتحال، گذريل آڪٽوبر واري نازڪ دور جو فقط هڪ سلسلو آهي. ان بعد جيڪي واقعا ظهور ۾ آيا آهن، سي برصغير ۾ چين- ڀارت جهڳڙي جي ڪري نازڪ صورت پيدا ٿيڻ ۽ مغربي طاقتن طرفان ڀارت ڏانهن زبردست فوجي امداد موڪلڻ واري فيصلي جو هڪ منطقي نتيجو آهن. اهڙيءَ طرح، جيڪا صورتحال اڄ اسان کي درپيش آهي، سا بنيادي طرح ساڳي آهي، جيڪا اسان کي آڪٽوبر ۽ نومبر 1962ع ۾ پيش آئي هئي. ازانسواءِ، ان بعد جيڪي واقعا سامهون آيا آهن، ايوان انهن کان باخبر آهي. جيڪا ناگهاني صورت ان وقت موجود هئي، تنهن تي هڪ خفيه اجلاس ۾ بحث ڪيو ويو هو. ايوان کي پاڪستان جي صدر کي به ٻڌڻ جو موقعو مليو هو. انهيءَ ڪري، اسيمبليءَ جا ميمبر حڪومت جي خيالن کان ڪافي باخبر آهن، ۽ ساڳيءَ طرح حڪومت پڻ عوام جي خيالن کان آگاهه آهي. اهو ڪو ضروري نه آهي، ته پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ جي فائدي يا مخالفت ۾ جيڪي به دليل آهن، تن سڀني کي دهرايو وڃي.

جيئن مون پنهنجي تمهيدي تبصري ۾ چيو آهي، پاڪستان جي علاقائي تحفظ ۽ قومي سلامتيءَ کي موجوده خطرو ان جي زندگيءَ ۾ ڪو پهريون دفعو لاحق نه ٿيو آهي. جنهن وقت کان وٺي اسان جو ملڪ وجود ۾ آيو آهي، ڀارت جي افسوسناڪ مخالفت سبب، اسان کي نازڪ مرحلن کي هڪٻئي پٺيان منهن ڏيڻو پيو آهي. دراصل ڀارت جي فوجي قوت ۾ مغربي طاقتن طرفان زبردست اضافي ڪرڻ سبب، صورتحال وڌيڪ پريشان ڪندڙ ۽ خطرناڪ بنجي ويئي آهي. هيءُ اضافو خاص طور آمريڪا ۽ برطانيا جي دستگيريءَ ذريعي عمل ۾ اچي

رهيو آهي، جي ٻيئي اسان سان دفاعي معاهدن ۾ شريڪ آهن. هي هڪ نئون عنصر آهي، جو صورتحال ۾ داخل ڪيو ويو آهي، ۽ جو صورتحال کي پيڙڪائي رهيو آهي.

گذريل پندرهن سالن جي عرصي ۾ ڀارت ڪمٽ ۾ گهٽ پنجن موقعن تي اڳرائيءَ جو طريقو اختيار ڪيو آهي. دنيا جي تاريخ ۾ هي يقيناً هڪ اهڙو مثال آهي، جنهن تي ڪوبه جارحيت پسند ملڪ رشڪ ڪري سگهي ٿو. انيڪ موقعن تي ڀارت جي وزيراعظم، سندس وزارتي ساٿين، صوبائي حڪومتن جي وزيرن ۽ ملڪ جي سياسي اڳواڻن، پنهنجن بيانن ۾ پاڪستان کي "ڀارت جو اول نمبر دشمن" قرار ڏنو آهي. چين- ڀارت لڙائيءَ جي زماني ۾ به ڀارتي حڪومت جي آفيسرن ۽ ذميدار نمائندن طرفان هن عداوتي اعلان کي بار بار دهرايو ويو آهي. ڀارت طرفان پاڪستان جي باري ۾ اهڙوئي رويو اختيار ڪيو ويو آهي.

بهرحال، ڀارت جي امن پسند ارادن ۽ پاليسيءَ جي باوجود، حقيقت ۾ ڀارت هڪ اڳرائي ڪندڙ ملڪ آهي. تنهنڪري جڏهن ڀارت پاڻ کي تيزيءَ سان هٿيار بند بنائي رهيو آهي، جيئن موجوده صورتحال مان ظاهر آهي، تڏهن اسين خاموش تماشائي بڻجي نٿا سگهون. جيڪا صورتحال پيدا ڪئي ويئي آهي، سا سنگين آهي. اها اسان لاءِ اهڙي ته خطرناڪ آهي، جنهن جي مقابلي لاءِ اسان کي سڀني ذريعن ۽ ساريءَ طاقت جي ضرورت آهي.

هيءَ صورتحال اسان جي ايجاد ڪيل نه آهي. ان جي برعڪس، جن سببن جي ڪري هيءَ صورتحال پيدا ٿي آهي، تن کي روڪڻ لاءِ اسان پنهنجيءَ طاقت آهر سڀ اُپاءَ ورتا آهن. بهرحال، انهن کي روڪڻ اسان جي وس کان ٻاهر هو. چين- ڀارت جهڳڙي ۾ مشرق جا ٻه عظيم ملڪ ڳنڍيل آهن. انهن جي جهڳڙي کي ختم ڪرڻ ته پري رهيو، اسين انهن جي طريقه ڪار تي به اثرانداز ٿي نٿا سگهون.

اسان مغربي طاقتن کي بار بار ٻڌايو آهي، ته ڀارت جي فوجي طاقت ۾ اضافي جو مقصد خاص طور پاڪستان جي خلاف آهي، جنهن کي هڪ جداگانه قوم جي حيثيت سان تسليم ڪرڻ ۾ ڀارت دراصل مطمئن نه آهي. هن حقيقت جي ثابتيءَ ۾ اسان ڀارت جو ماضيءَ جو ڪردار، هڪ اڳرائي ڪندڙ ملڪ جي حيثيت ۾، ۽ ذميدار ڀارتي اڳواڻن جا بيان، جن مان اسان جي ملڪ خلاف هنن جا

جارحانہ ارادا ظاهر هئا، حوالي طور پيش ڪيا آهن. اسان مغربي طاقتن جو ڌيان هن حقيقت ڏانهن ڇڪايو آهي، تہ هن برصغير جي انن صدين کان بہ وڌيڪ زماني جي تاريخ ٻن وڏين قومن درميان تصادم جي تاريخ آهي. اهو تصادم، جنهن بعضي لڙائيءَ جي صورت بہ اختيار ڪئي، ورهاڱي کان پوءِ بہ جاري رهيو آهي. ڪشمير جي جهڳڙي انهيءَ کي وڌايو آهي، ۽ باهمي شڪن ۽ انديشن کي پڙڪايو آهي، جنهنڪري پاڪستان ۽ ڀارت جي ناتن ۾ ڪشيدگي پيدا ٿي آهي.

بدقسمتيءَ سان اسين ۽ مغربي طاقتون مختلف بنيادي مفروضن تي هلي رهيا آهيون. هنن جو خيال آهي، تہ ويهينءَ صديءَ ۾ ڀارت جهڙو ملڪ پاڪستان جي خلاف اڱرائي نٿو ڪري سگهي، ۽ دنيا جي ڪنهن بہ حصي ۾ اڱرائيءَ جي ارادن کي روڪڻ ۽ جنگي ڇڪتاڻ جي مقابلي ڪرڻ لاءِ اقوام متحده موجود آهي. مغربي طاقتون هيءَ دعوا بہ ڪن ٿيون، تہ اهي پاڻ بہ ڀارت کي ڏنل هٿيارن جي استعمال تي ضابطو رکي سگهن ٿيون، جيئن اهي پاڪستان جي خلاف استعمال نہ ٿين. تنهن ڪانسواءِ هنن اسان کي خاطري ڏني آهي، تہ جيڪڏهن ڀارت اسان جي خلاف اڱرائي شروع ڪئي، تہ هو اسان جي واهر ۾ ايندا. هو سمجهن ٿا تہ پاڪستان جي حڪومت توڙي عوام کي، پنهنجي ملڪ جي امن ۽ آزاديءَ کي برقرار رکڻ لاءِ، هن خاطريءَ تي مطمئن ٿيڻ گهرجي. اسان جو خيال مختلف آهي. اول تہ تاريخ ۾ ان حقيقت تي بي انداز مواد موجود آهي، تہ ڪنهن بہ پيدا ڪيل صورتحال ۾ اهو ثابت ڪرڻ مشڪل آهي، تہ اڱرائي ڪندڙ ڪير آهي؟ جديد هٿيار ڪتب آڻڻ ڪري، اهو ثابت ڪرڻ اجا بہ مشڪل ٿيندو. اهو ثابت ڪرڻ ممڪن نہ ٿيندو، تہ ڪهڙيءَ ڌر پهريون قدم کنيو، جنهن تي ان کي اڱرائي ڪندڙ قرار ڏنو وڃي: ڪهڙيءَ ڌر پهرين گولي هلائي، ۽ آيا اها گولي اڱرائيءَ طور هلائي ويئي يا پنهنجي بچاءَ ۾. "اقوام متحده"، ۽ "بين الاقوامي قانون ساز ڪميشن"، ۽ انهن کان اڳ "ليگ آف نيشنس"، اڱرائيءَ جي تشريح جي مسئلي تي غور ڪيو هو، پر اجا تائين ان جي تشريح نہ ٿي سگهي آهي. هڪ خود مختيار حڪومت لاءِ ان کان وڌيڪ ڪا بہ اهم ڳالهہ ڪانهي، تہ عملي طور پنهنجي خلاف اڱرائيءَ جو سدباب ڪري، ڇاڪاڻ تہ گهرن ۽ شهرن جي تباهيءَ کان پوءِ ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهبو. آمريڪا ۽ برطانيا وٽان ڀارت جي فوجي قوت کي وڌائڻ واري امداد هڪ اهڙي

صورتحال پيدا ڪئي آهي، جنهن اسان جي ملڪي سلامتيءَ کي شديد ۽ مسلسل خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي.

تنهن کان سواءِ، ڀارت انهيءَ حيثيت ۾ آهي، ته پنهنجيءَ پيداوار کي وڪٽي ناٽو حاصل ڪري، ۽ انهيءَ ناٽي مان، آمريڪا ۽ برطانيا کان علاوه، ٻين ملڪن مان به هٿيار خريد ڪري- پاڪستان لاءِ اهو به هڪ خطري جو سبب آهي. ان سان گڏ، ڀارت وٽ هٿيارن لاءِ نه فقط پنهنجا ذريعا آهن، بلڪ روس کان به ان کي ڪافي مقدار ۾ فوجي امداد ملي آهي. اهڙيءَ حالت ۾، اها هڪ سگهي آئت آهي، جڏهن چيو وڃي ٿو، ته جيڪڏهن ڀارت پاڪستان خلاف اڳرائي ڪئي، ته آمريڪا پاڪستان جي مدد ڪندو. پر اڳرائي ٿيڻ کان پوءِ، حياتين جي زيان ۽ ملڪيتن جي تباهيءَ بعد، اها جي معنيٰ ٿيندي.

ڀارت کي به ساڳي خاطري ڏني ويئي هئي، جڏهن آمريڪا پاڪستان کي هٿيارن جي امداد ڏيڻ جو پروگرام رٿيو هو. هتي هيءَ ڳالهه ياد ڪرڻ کپي، ته ان وقت اعتراض ڪرڻ جو موقعو ڀارت کي هو، ۽ ڀارت آمريڪا طرفان ڏنل انهيءَ خاطريءَ خلاف، ته جيڪڏهن پاڪستان ڀارت تي حملو ڪيو، ته آمريڪا ڀارت جي مدد ڪندو، ساڳيائي دليل ڏنا هئا. پر جا خاطري پاڪستان کي ڏني ويئي آهي، سا هڪ طرح سان مختلف آهي. هي فرق انهيءَ حقيقت مان پيدا ٿئي ٿو، ته ڀارت جي مقابلي ۾ پاڪستان هڪ ننڍو ملڪ آهي. اسين جيڪڏهن هر قرباني ڏيون، پنهنجا سڀ وسيلا ۽ ٻاهران مليل امداد استعمال ڪريون، تڏهن به اسين ڀارت جي ذريعن ۽ ان جي حقيقي طاقت جو مقابلو نه ڪري سگهندا سين. زياده ۾ زياده اسين ڪنهن طرح سان هڪ غير اختياري توازن برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪري سگهندا سين. انهيءَ جو سبب هي آهي، ته ڀارت پاڪستان جي مقابلي ۾ آباديءَ جي لحاظ کان، ايراضيءَ جي لحاظ کان، اقتصادي دولت جي لحاظ کان، ۽ فني برتريءَ جي لحاظ کان، چؤڻو آهي. انهيءَ ڪري، ڀارت کي آمريڪا طرفان ڏنل خاطري جيڪڏهن بي معنيٰ هئي، ته پوءِ پاڪستان کي ڏنل خاطري ڪا وقعت ئي نٿي رکي. جڏهن اسان جي سلامتي خطري ۾ اچي چڪي آهي.

هن نقطه نظر کان، جيڪو اسان جي ما في الضمير جي صحيح نمائندگي ڪري ٿو، آمريڪا توڙي برطانيا، پنهي کي باخبر ڪيو ويو آهي. بهرحال، هو

سمجهن ٿا ته سندن عالمي مفادن ۽ پاليسين جي تقاضا آهي، ته بين الاقوامي ڪميونزم کي روڪيو وڃي. هو اهو دليل پيش ڪن ٿا، ته پاڪستان کي به مغرب ڪان اقتصادي ۽ فوجي مدد ڏيڻ جو بنيادي مقصد اهوئي هو. پنهنجي عالمي پاليسيءَ موجب، ۽ ڀارت کي حقيقي خطري هجڻ جي خاطريءَ سبب، هو ڀارت کي فوجي امداد ڏيڻ ضروري ٿا سمجهن. هو اها به دعوا ڪن ٿا، ته جيڪڏهن پاڪستان طرفان اعتراض ۽ انديشا نه اُڀاريا وڃن ها، ته ڀارت کي هنن جي مدد اڃا به وڌيڪ وسيع پيماني تي هجي ها. هو چون ٿا، ته هن وقت ڀارت کي ڏنل امداد محدود ۽ بچاءَ جي حدتائين مخصوص آهي.

'ناسا' (Nassau) جي معاهدي موجب، ڀارت کي آمريڪا ۽ برطانيا طرفان هڪ سؤ ويهه ملين ڊالرن جي فوجي امداد جي آڇ ڪرڻي هئي. چند مهينن بعد، 30-جون تي، صدر ڪينيڊي ۽ وزيراعظم مئڪلن جي هڪ گڏيل پڌرائي جاري ٿي، جنهن موجب ڀارت کي ڊگهي عرصي واري فوجي امداد ڏيڻ جي فيصلي جو اعلان ڪيو ويو، جا ناسا معاهدي مطابق رٿيل امداد کان جدا هئي. اسين اڃا ايوان کي انهيءَ تازي معاهدي جو مڪمل تفصيل ۽ نوعيت نٿا ٻڌائي سگهون، ڇاڪاڻ ته ان جي شرطن کان اسان کي آگاهه نه ڪيو ويو آهي. جڏهن اهي ظاهر ڪيا ويندا، ته ضرورت ۽ موقعي مطابق، ايوان ۾ ان جو اعلان ڪيو ويندو، يا اخبارن ذريعي قوم کي ٻڌايو ويندو.

مان ٻڌائي چڪو آهيان، ته اسان جي بهترين ڪوشش جي باوجود اسين آمريڪا ۽ برطانيا کي، ڀارت کي ڊگهي عرصي واري فوجي امداد ڏيڻ واري فيصلي کان، روڪي نه سگهيا آهيون. ممڪن آهي ته انهيءَ فيصلي مطابق اها امداد مقدار ۾ محدود يا بچاءَ جي شرط سان هجي. بهرحال، مان ٻڌائڻ چاهيان ٿو، ته انهيءَ خاطريءَ کان اسين مطمئن نه آهيون، ته اها امداد محدود، ضابطي اندر ۽ بچاءَ جي صورت ۾ هوندي. ڇاڪاڻ ته اسان کي معلوم آهي ته، اهي ڪمزور وصفون آهن: عملي اصطلاحن ۾، اهي بي معنيٰ آهن.

اهڙيءَ حالت ۾، پاڪستان پنهنجي خودمختياريءَ ۽ علاقائي سلامتيءَ کي ڪيئن بحال رکي سگهندو؟ اسان کي ٻڌايو ويو آهي، ته ويهينءَ صديءَ ۾ ڪنهن به ملڪ لاءِ اهو ممڪن نه آهي، ته ڪنهن به ٻئي ملڪ تي، جهڙو اسان جو ڏهن

ڪروڙن جي آباديءَ وارو ملڪ آهي، ڪلم ڪلا، چڙهائي ڪري. جواب ۾ اسان چيو آهي، ته اهو دليل مستحڪم نه آهي. جيڪڏهن اهو تسليم به ڪجي، ته ڀارت جي اهڙي حيثيت ڪانه ٿيندي، جو پاڪستان خلاف مڪمل اڳرائي ڪري. تڏهن به ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ تعلقات اجا به بدتر ٿي ويندا، ڇاڪاڻ ته ڀارت ڪي اهڙيءَ حيثيت ۾ آڻي ڇڏيو ويندو، جو هو پنهنجي پاڙيسري ملڪ کي، پنهنجيءَ طاقت جي اثر هيٺ، هيسائي ۽ ڏمڪائي سگهندو.

اهڙيءَ طرح ڀارت جي سوديبازيءَ واري حيثيت ۾ ايتريقدر ته اضافو ٿي ويندو، جو ڪنهن نه ڪنهن نا هه تي سندس رضامند ٿيڻ جا امڪان هميشه لاءِ ختم ٿي ويندا، سواءِ ان جي جو هو پاڻ کان فوجي نقطه نظر کان ڪمتر ملڪ کان غير منصفانه شرط طيءِ ڪرائيندو رهندو. انهيءَ ڪري، مسئلو رڳو اهو نه آهي ته ڀارت کي فوجي امداد ملي رهي آهي، جا پاڪستان جي خلاف ڪتب آندي ويندي، پر اهو مسئلو به آهي ته ڀارت جي فوجي طاقت ۾ اضافي اچڻ ڪري، ان کي اها خطرناڪ طاقت ملي ويندي، جو ٻين ملڪن سان پنهنجن تڪرارن ۾ به هو پنهنجي مرضيءَ مطابق شرط مڃرائيندو. هيءُ به هڪ مسئلو آهي، جنهن تي گهرائيءَ سان غور ڪرڻ گهرجي. وقت ختم ٿي رهيو آهي. وقت جي روانيءَ سان، جيئن جيئن ڀارت جي فوجي ۽ اقتصادي طاقت ۾ اضافو ايندو ويندو، تيئن تيئن اسان جي اهم تڪرارن جي معقول فيصلن جا امڪان به انهيءَ ئي مناسبت سان گهٽبا ويندا.

مون انهن اهم تبديلين جو ذڪر ڪيو آهي، جي نومبر واري نازڪ دور کان پوءِ ظاهر ٿيون. اسين جڏهن ڀارت سان ڪشمير جي مسئلي تي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ لاءِ رضامند ٿيا سين، تڏهن اسان چيو هو ته مغربي طاقتن لاءِ اهو ضروري آهي، ته هو ڀارت جي فوجي امداد کي ڪشمير بابت ڪنهن شانائتي فيصلي سان لاڳو ڪن. هاڻي انهيءَ بابت ڪا به غلط فهمي نه ٿيڻ گهرجي. ائين ڪونه هو، ته ڪو اسين ڀارت لاءِ پيدا ٿيل صورتحال مان اجائي فائدي وٺڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا سين. سياسي حقيقت پسندي ۽ اخلاقي لحاظ کان اسان جو نقطه نظر صحيح ۽ انصاف تي مبني هو. اسين هڪ التجا ڪري رهيا هئا سين، جا جيڪڏهن قبول پوي ها، ته ان مان مفيد ۽ پختا نتيجا نڪرن ها. اسين پنهنجن مسئلن يا تڪرارن

ڪي ڀارت يا ڪنهن ٻئي ملڪ جي مسئلن يا تڪرارن سان الجهائي نه رهيا هئا سين. اسين وڌ ۾ وڌ ڪشمير جي باشندن جي ڏک ۽ سک جي سنگين مسئلن کي پنهنجي ملڪ جي امن يا جنگ جي مسئلن سان ڳنڍي رهيا هئا سين، جيئن تاريخ انهن کي اڳي به ڳنڍيو هو. جيڪڏهن ڪشمير جي مسئلي جو فيصلو ڪنهن شانائتي ۽ انصاف پسند بنياد تي ٿئي ها، ته ساري برصغير ۾ صلح ڪن پاليسين جي جدوجهد لاءِ هڪ عظيم موقعو ملي ها.

اهڙي قسم جو فيصلو نيون قوتون پيدا ڪري ها ۽ ڀارت ۽ پاڪستان جي وچ ۾ سهڪار جا نوان رستا کولي ها. بدقسمتيءَ سان ڀارت ڪشمير جي فيصلي لاءِ سنجيدو نه هو.

درحقيقت ڀارت کي چين جي اڳرائيءَ جو خطرو نه هو، ڇاڪاڻ ته ان کي معلوم هو، جيئن اسان سڀني کي معلوم آهي، ته چين سان تڪرار صرف هڪ سرحدي جهڳڙي جي نوعيت جو هو، جنهن کي ڀارت پنهنجي تيز مزاجيءَ سان وجود ۾ آندو. اهڙي حالت ۾، ڀارت جو پنهنجي فوجي طاقت ۽ رسوخ کي وڌائڻ جو اصل مقصد، چين کان وڌيڪ، ان کي پاڪستان جي خلاف استعمال ڪرڻ جو هو، جنهن کي هن پنهنجو "اول نمبر دشمن" ظاهر ڪيو هو. اڄ اسين هڪ نازڪ صورتحال سان دوچار آهيون، جا شايد اسان کي پنهنجي قومي تاريخ جي هڪ نئين موڙ ڏانهن وٺي وڃي. هن صورتحال تي حڪومت انتهائي سنجيدگيءَ سان غور ڪري رهي آهي. اينترو ته اسين ڄاڻون ٿا ۽ چئي سگهون ٿا، ته خدانخواسته جيڪڏهن اسين ڀارت سان لڙائيءَ جي لپيٽ ۾ اچي ويا سين. منهنجو مطلب آهي ته جيڪڏهن مايوسيءَ وچان ڀارت پنهنجين توبن جا منهن پاڪستان طرف موڙي ڇڏيا، ته موجوده بين الاقوامي صورتحال مطابق، پاڪستان اڪيلو نه هوندو.

لڙائي فقط پاڪستان کي ئي لپيٽ ۾ نه آڻيندي. پاڪستان تي ڀارت جو حملو فقط پاڪستان جي خودمختياريءَ ۽ علائقائي سالميت کي خطري ۾ آڻڻ تائين محدود نه هوندو. پاڪستان تي ڀارت جو حملو ايشيا جي سڀ کان وڏي ملڪ جي خودمختياريءَ ۽ علائقائي سالميت کي به لپيٽ ۾ آڻيندو. هي جيڪو نئون عنصر اُڀريو آهي، سو تمام اهميت وارو آهي. هن منزل تي مان ان کي وڌيڪ واضح ڪرڻ نٿو چاهيان. اينترو چوڻ ڪافي ٿيندو، ته پاڪستان تي ڀارت جو حملو

ٻئي ملڪ جي قومي مفادن تي به اثرانداز ٿيندو. ڇا ڪاڻ ته اهو ٻيا ملڪ ڀارت جي جارحانه ارادن کان باخبر آهن، ۽ انهن کي معلوم آهي، ته ڀارت ٻين ملڪن خلاف اڳرائي ڪري سگهي ٿو. انهيءَ ڪري، پاڪستان کي شڪست ڏيڻ يا پاڪستان کي مطيع بنائڻ جو مطلب صرف اسان لاءِ تباهيءَ جو نه هوندو، بلڪ ايشيا جي ٻين ملڪن ۽ خاص طرح ايشيا جي سڀ کان وڏي ملڪ لاءِ به هڪ زبردست خطري جو سبب بڻبو. انهيءَ نقطه نظر کان، ۽ تازو حرڪت ۾ آيل ٻين بين الاقوامي عنصرن جي نتيجي تي نظر رکندي، مان ڀانيان ٿو ته هيءَ ڳالهه مان خاطريءَ سان چئي سگهان ٿو، ته حڪومت اسان جي قومي مفادن ۽ علائقائي سالميت جي برقراريءَ ۽ بچاءَ لاءِ سڀ ڪجهه ڪري رهي آهي.

ساڳئي وقت، مان اهو به ٻڌائڻ گهرندس، ته جنهن سنگين صورتحال مان اسين گذري رهيا آهيون، تنهن جي باوجود، اسان کي ايتريقدر ڊڄڻ نه گهرجي، جو اسين پنهنجي قومي زندگيءَ جو اخلاقي توازن وڃائي ويهون. اسان جي عوام جيئن ماضيءَ ۾ سينني نازڪ حالتن جو مقابلو پئي ڪيو آهي، تيئن هو موجوده صورتحال جو به صبر ۽ شان سان مقابلو ڪندو.

آمريڪا اعلان ڪيو آهي، ته پاڪستان کي جيڪا ان وٽان فوجي امداد ملي آهي، سا ڀارت خلاف ڪتب نه آڻي آهي، ۽ ساڳيءَ طرح ڀارت کي به جيڪا ان وٽان فوجي امداد ملي رهي آهي، سا پاڪستان جي خلاف ڪتب نه آڻي آهي. آمريڪا کي اها دعوا آهي، ته جيئن پاڪستان کي ان وٽان مليل فوجي امداد اهڙيءَ طرح ضابطي هيٺ آهي، جو پاڪستان ان کي ڀارت خلاف استعمال نٿو ڪري سگهي، تيئن ئي اهو به انتظام ڪيو ويندو، ته ڀارت کي ان وٽان مليل فوجي امداد پاڪستان جي خلاف استعمال نه ڪئي وڃي. هيءَ ڳالهه ڪيتريقدر ڪارگر ۽ ڀروسي جوڳي آهي، تنهن بابت جيتوڻيڪ مون پنهنجا شڪ شبها ظاهر ڪيا آهن، پر هيءَ خاطري پنهنجيءَ جاءِ تي آهي. موجوده صورتحال جي روشنيءَ ۾ هيءَ حقيقت اهميت کان خالي نه آهي.

هن وقت سوال آهي ڀارت ۽ پاڪستان جي وچ ۾ فوجي توازن قائم رکڻ جو، ته جيئن برصغير ۾ ڇڪتاڻ کي روڪي سگهجي. ڀارت ۾ هٿيار بنديءَ جي سرگرمين ڪري، پاڪستان لاءِ اهو ضروري ٿي پيو آهي، ته پنهنجي فوجي طاقت

ڪي وڏائي. هاڻي اهو دليل درست نه آهي، ته آمريڪا پاڪستان کي انهيءَ لاءِ فوجي امداد نٿو ڏئي، ته اها ڀارت خلاف استعمال ٿئي. جيڪڏهن ڀارت کي ملندڙ فوجي امداد اهڙيءَ طرح ضابطي ۾ آهي جو اها پاڪستان خلاف ڪتب نٿي آڻي سگهجي، ته به توازن کي قائم رکڻ لاءِ پاڪستان جي فوجي امداد ۾ وڌيڪ اضافي جو مطلب ڪو ڀارت جي خلاف نه سمجهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته پاڪستان جي وڌيڪ فوجي امداد کي به ضابطي ۾ رکي سگهجي ٿو. امن جي مفاد خاطر، اهو ضروري آهي، ته ڀارت ۽ پاڪستان جي وچ ۾ فوجي توازن هجي، ۽ اها به خاطري ڏني وڃي، ته توازن کي بگيڙيو نه ويندو، ته جيئن ڪنهن به ملڪ کي ٻئي ملڪ خلاف جارحانه ڪارروائي ڪرڻ جي سگهه نه ٿي سگهي.

ماضيءَ ۾ اسان مغربي طاقتن سان پنهنجن لاڳاپن ۾ ڪيترائي لاها چاڙها ڏنا آهن. اُنهن سان اسان جي لاڳاپن جي موجوده ابتريءَ لاءِ اسين ذميدار نه آهيون، ۽ ساڳيءَ طرح انهن سڀني جا به ذميدار نه آهيون، جن هيءَ صورتحال پيدا ڪئي آهي. اها هاڻي مغربي طاقتن جي جوابداري آهي، ته هن ابتريءَ جو خاتمو آڻين: اهو انهن جو ئي فرض آهي، ته اهڙو رويو اختيار ڪن، جيئن پاڪستان جي سالميت ۽ ان جي سياسي، اقتصادي ۽ سماجي سرشتن جي تنظيم قائم رهي.

ايوان خاص طرح ڪشمير تي ڀارت سان اسان جي ڳالهه ٻولهه جي سوال بابت ٻڌڻ چاهي ٿو. هن موقعي تي مان انهن ڳالهين بابت اختصار سان بيان ڪرڻ چاهيندس. راولپنڊيءَ ۾ اسان جي پهرين گڏجاڻي ڀارت ۽ پاڪستان جي نظرين جي ابتدائي چندڇاڻ تائين محدود هئي، ۽ خاص طرح جهڳڙي سان واسطو رکندڙ معاملن بابت ڀارتي نقطه نظر کي چڪاسيو ويو. ڳالهين جو ٻيو دور دهليءَ ۾ ٿيو، جتي اسان پنهنجي نقطه نظر تي زور لڳايو، ته ڪشمير جي مسئلي کي حل ڪرڻ جو شائانئو طريقو اهوئي ٿيندو، ته ڪشمير جا باشندا پنهنجي مستقبل بابت پاڻ فيصلو ڪن. ڳالهين جي ٽئين دور ۾ اسان اقوام متحده جي نگرانيءَ ۾ راءِشماري ڪرائڻ تي پنهنجي اصرار کي جاري رکيو. ڀارت راءِ شماريءَ جي طريقه ڪار تي ڪيترائي اعتراض ورتا، ته آيا اها راءِ شماري مڪمل طريقي جي هجي يا محدود. ڳالهين جي انهيءَ ٽئين دور ۾ ئي ڀارت وارن اسان کي پنهنجي تجويز پيش ڪئي، جا ماضيءَ جي تجويز کان مختلف نه هئي: اها صرف جنگبندي لائين جي نئين سر

ترتيب جي باري ۾ هئي. ڪين ياد ڏياريو ويو ته راولپنڊيءَ ۾ ڳالهين جي پهرئين دور جي ابتدا ۾ ئي اسان هنن کي چيو هو ته جيڪڏهن هنن جنگبندي لائين جي بنياد تي فيصلي لاءِ ڪا تجويز پيش ڪئي، ته اها ڪنهن به صورت ۾ اسان لاءِ قابل قبول نه هوندي، ۽ انهيءَ ڪري اهڙي قسم جي ڪا به تجويز ڳالهين جو شروعاتي موضوع بڻ بنجي ڪانه سگهندي. تنهن هوندي به ڀارت وارن اهائي تجويز پيش ڪئي. قدرتي طور، پاڪستان ان کي رد ڪري ڇڏيو. اها حقيقت آهي ته اسان کي مشورو ڏنو ويو ته هن تجويز کي صرف هڪ شروعاتي موضوع ڪري سمجهيو وڃي ۽ ان کي ڀارت جي طيء شده پوزيشن نه سمجهيو وڃي، ۽ انهيءَ ڪري اسان کي ڳالهيون جاري رکڻ گهرجن.

ڳالهين جي چوٿين دور جو ڪشمير سان ڪو به واسطو ڪونه هو، پر چين سان اسان جي سرحدي ناهه جي سوال سان هو. ڪراچيءَ واري، ڳالهين جي پنجين دور ۾، بدمزگي پيدا ٿي وئي، ۽ اهو ظاهر هو ته ڀارت اڳتي قدم نه وڌائيندو، ۽ ان بعد، ڳالهين جي ڇهين ۽ آخري دور ۾، اسان ڀارتي وفد کي ٻڌايو ته اسان جي خيال موجب صرف راءِ شماري ئي ڪشمير جي مسئلي کي حل ڪرڻ جو هڪ شانائتو، ڪارآمد ۽ موزون طريقو آهي. اسين بلڪل آماده هئاسين ته تقريباً هڪ سال لاءِ ڪشمير جي ماتري بين الاقوامي ضابطي هيٺ هن شرط سان رکي وڃي ته انهيءَ مدت گذرڻ بعد، اُتي جي باشندن جي خواهش حاصل ڪرڻ لاءِ، راءِ شماري ڪئي وڃي، يا ڪو ٻيو طريقو اختيار ڪري، انهيءَ مطابق سندن مستقبل جو فيصلو ڪيو وڃي. انهيءَ تجويز کي، جيڪا اسان جي خيال موجب ڪشمير جي جهڳڙي کي شانائتي ۽ انصاف پسند طريقي سان حل ڪرڻ لاءِ موزون هئي، ڀارت رد ڪري ڇڏيو.

هتي مان اهو به ٻڌائي ڇڏيان ته محدود راءِ شماريءَ جي تجويز جيڪا شروعات ۾ جنرل مئڪناٽن (Gerneral M Naughton) ۽ ان بعد سر اوون ڊڪسن (Sir Owen Dixon) به ڏني هئي، تنهن تي اسان جي ماضيءَ جي حڪومت پسنديدگيءَ سان غور ڪيو هو. اسان ان ۾ صرف هيءَ تبديلي ڪئي هئي ته راءِ شماريءَ کي ماتريءَ تائين محدود رکيو وڃي، ڇاڪاڻ ته ان جو ئي مستقبل هن مسئلي جو اهم نقطو آهي. رياست جي باشندن جي اڪثريت ماتريءَ ۾ ئي رهي ٿي.

اسان تجويز ڏني هئي تہ اٽڪل روءِ هڪ سال تائين، مان چوندس تہ وڌ ۾ وڌ هڪ سال يا پندرهن مهينن تائين، هڪ ايجنسي هئڻ گهرجي- هڪ غيرجانبدار بين الاقوامي ايجنسي- جيڪا ماتريءَ جي نظام کي سنڀالي ۽ ضابطي هيٺ رکي، ۽ انهيءَ ايجنسيءَ کي وقت گذرڻ کان پوءِ راءِ شماري ڪرائڻ جا اختيار ڏنا وڃن. هن تجويز کي ڀارت نڪرائي ڇڏيو، ڇاڪاڻ تہ اها بنيادي طرح اهڙي ئي تجويز هئي، جنهن جي ماضيءَ ۾ پاڪستان حمايت ڪندو رهيو آهي.

اهو اڪثر پڇيو ويو آهي تہ ڀارت سان ڳالهين هلائڻ مان ڪو فائدو حاصل ٿيو آهي يا نہ. منهنجي خيال ۾، تاريخ ئي هن سوال جو فيصلو ڪري سگهندي. پر اسان جي نقطہ نگاهہ موجب، پاڪستان کي يقيناً انهن ڳالهين ۾ شريڪ ٿيڻ تي فائدو رسيو آهي. مان انهيءَ نقطہ نگاهہ لاءِ اختصار سان دليل پيش ڪندس. پهريون، جيتريقدر اقوام متحده جو تعلق هو، ڪشمير جو مسئلو پنهنجي اهميت وڃائي چڪو هو. ازانسواءِ، جڏهن بہ سلامتي ڪائونسل کي ڪشمير بابت ڪنهن اثرائتي ٺهراءَ کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ آماده ڪرڻ جي ڪوشش ورتي ويندي هئي، تہ روس هميشہ ويٽو استعمال ڪندو هو. انهيءَ وچ ۾، ڪشمير ۾ ڀارت پنهنجيءَ پوزيشن کي مضبوط ڪري ڇڏيو هو.

تنهن کان سواءِ، گذريل ڏهن سالن ۾ ڀارت پنهنجي معاملي کي هن مفروضي سان مضبوط بنائي ڇڏيو هو، تہ ڪشمير جي مسئلي جو ڪو وجود ئي ڪونهي: ڪشمير ڀارت جو هڪ ثابت ۽ سالم جزو آهي، ۽ قانوني، سياسي ۽ اقتصادي لحاظ کان اهو ڀارت جو اهڙوئي حصو آهي، جهڙا ان جا ٻيا صوبا آهن؛ ڪشمير جي قانون ساز اسيمبلي رياست جي مستقبل جي باري ۾ ڪي اهم فيصلا ڪري چڪي آهي، ڪشمير ۾ ٽي ڀيرا چونڊون ٿي چڪيون آهن، ۽ جيتريقدر بين الاقوامي سياست جي اصليت جو تعلق آهي، ڪشمير جي تڪرار يا ڪشمير جي مسئلي جهڙي ڪا بہ شيءِ وجود ۾ ئي ڪانهي. هيءُ نظريو نہ فقط ڀارت پيش ڪيو هو، بلڪ ڪن ٻين مکيہ ۽ طاقتور ملڪن بہ ان جي حمايت ڪئي هئي، جن جي نالن کان هن ايوان جا ميمبر باخبر آهن. انهن مان هڪڙو ملڪ تہ اهڙو اهميت وارو آهي، جو سلامتي ڪائونسل ۾ ان کي ويٽو استعمال ڪرڻ جو حق آهي. ڀارت سان تازيون ڳالهيون هن حقيقت جو ٺوس ثبوت آهن، تہ ڪشمير

جو مسئلو لاڳيتو موجود آهي، ۽ اهو هڪ اهم مسئلو آهي، جنهن جو اثر بين الاقوامي امن ۽ سلامتيءَ تي پوي ٿو.

ڳالهين جي خاتمي تي، مئي مهيني ۾، هڪ پڌرائي جاري ڪئي ويئي، جنهن ۾ ڀارت تسليم ڪيو ته ڪشمير جي تڪرار بابت ڳالهيون ڪامياب نه ٿيون. اهڙيءَ طرح، ڀارت جي پيش ڪيل انهيءَ نظريي تان، جنهن جو سڄيءَ دنيا ۾ پرچار ڪيو ويو هو، ته ڪشمير جي مسئلي جهڙي ڪا به شيءِ موجود ئي ڪانهي، پردو هٽايو ويو آهي. انهيءَ جي ڪري اها وڏي طاقت ڪي قدر پريشان ٿي آهي، جيڪا ڀارت جي نظريي جي حمايت ڪري رهي هئي. تنهن ڪان سواءِ، هيءَ ڳالهه به ثابت آهي ته ڀارتي پريس ۽ ڀارتي عوام جي راءِ پٽاندر، هنن ڳالهين ٻولهين مان جيڪڏهن ڪنهن به ڌر کي فائدو پهتو آهي، ته اهو ڀارت کي نه پهتو آهي. ان جي ابتڙ، منهنجي گذارش آهي ته فائدي ۾ اسين رهيا آهيون: دنيا جو ڌيان ڪشمير جي مسئلي ڏانهن ڇڪجي آيو آهي، ۽ هڪ بين الاقوامي مسئلي جي حيثيت سان ان جي اهميت وڌي ويئي آهي. اها اهميت قابل تسليم رهندي، جيستائين عزت ۽ انصاف جي بنياد تي ان جو ڪو حل ڳوليو وڃي.

ايوان جا ميمبر صاحب، چين سان سرحدي ناهه بابت به آگاهه ٿيڻ گهرن ٿا. انهيءَ مسئلي تي مان گذارش ڪندس، ته ڊسمبر 1960ع تي اسان چين کي پنهنجيءَ اڻ طي ٿيل سرحد تي نشانبنديءَ لاءِ تجويز ڏيڻ جو فيصلو ڪيو هو. فيبروري 1961ع ۾ اسان چين سان ان باري ۾ ڳالهيون هلايون، ۽ مارچ 1961ع ۾ اسان ڪيس سرحدي ناهه لاءِ رسمي عرضداشت موڪلي.

نتيجي طور، انهيءَ مسئلي تي خيالن جي ڪجهه ابتدائي ڏي-وٺ ٿي، پر ڪو به خاطرخواهه فيصلو نه ٿيو. ان وقت ڀارت چين سان اهو اعتراض اُٿاريو ته پاڪستان کي ڪشمير جي ان حصي لاءِ ڳالهين هلائڻ جو ڪو به حق ڪونه آهي، جيڪو جيتوڻيڪ پاڪستان جي قبضي هيٺ آهي، پر حقيقت ۾ جمون ۽ ڪشمير رياست جو هڪ حصو آهي، ۽ قانوني طور اهو ڀارت جوئي حصو آهي، تنهنڪري فقط ڀارت کي ئي هڪ خود مختيار حڪومت جي حيثيت ۾ انهيءَ سرحد جي سوال تي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جو حق آهي.

انهيءَ اعتراض جي حمايت ۾، ڀارت طرفان روس ۽ ڪن ٻين وڏين طاقتن

جي مدد حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ورتي وئي. بهرحال، ڀارت جي چالن جي باوجود، چين سان اسان جي ڳالهين جو خاطرخواهه نتيجو نڪتو. چين- ڀارت تڪرار انهن ڳالهين ۾ نئون روح ڦوڪيو. اوهين ان جو سبب بخوبي سمجهي سگهو ٿا. ڪوبه ملڪ ساڳئي وقت ۾ ٻن محاذن تي ڪن مسئلن يا غيرطي شده حالتن سان منهن ڏيڻ نه چاهيندو. ڇا به هجي، پر اسين چين سان حدبنديءَ بابت ڳالهيون هلائڻ فائدي ۾ رهيا سين. اسان کي انهيءَ سلسلي ۾ ڪنهن ناهه تي پهچڻ ۾ ديرمدار ڪرڻ لاءِ ڪوبه سبب ڏسڻ ۾ ڪونه آيو، ڇاڪاڻ ته اسان ئي ڳالهين جي ابتدا ڪئي هئي. ناهه کي مڪمل ڪرڻ لاءِ مرحوم مسٽر محمد علي بوگرا کي چين ڏانهن وڃڻو هو؛ پر سخت بدقسمتيءَ سان، حياتيءَ هن سان وفا نه ڪئي، ۽ مون کي ئي سندس عيوض وڃڻو پيو. اسان بنا دير جي حدبنديءَ جو خاطرخواهه فيصلو ڪيو. انهيءَ فيصلي مطابق، اسان کي 750 چورس ميل علائقو مليو، جنهن جو ڪجهه حصو قدرتي خزانن سان مالامال آهي، خاص طور 'اوپرنگ' واريون لوڻ جون کاڻيون، جن کي هنزا ۽ ان جي آسپاس جي علائقي جا باشندا پنهنجين ضرورتن ۽ پنهنجي اقتصادي بهتريءَ لاءِ ضروري سمجهن ٿا. هيءَ هڪ تمام اهم ڳالهه آهي، جو هن ناهه جي ذريعي اسان پنهنجي ۽ عوامي چين جي گڏيل سرحد تي ڇڪتاڻ جي مڙني امڪانن کي ختم ڪري ڇڏيو آهي. اسان هڪ اهڙي مسئلي کي ختم ڪري ڇڏيو آهي، جو غلط فهميءَ ۽ مستقبل جي دشوارين جو سبب بنجي سگهي ها.

جيستائين افغانستان جو تعلق آهي، اوهان کي معلوم آهي، ته ڪيترن سالن کان ان ملڪ سان اسان جا لاڳاپا بد کان بدتر ٿيندا ٿي ويا. مان انهيءَ سوال تي تبصرو ڪرڻ پسند نه ڪندس ته ڪيئن اهي لاڳاپا خراب ٿيا. مان فقط اها گذارش ڪندس ته انهن لاڳاپن کي ٽوڙڻ جي ابتدا اسان نه ڪئي هئي. اهو افغانستان ئي هو، جنهن تقريباً ٻه سال اڳ پاڪستان سان سياسي ناتا ٽوڙي ڇڏيا.

اها ڳالهه اسان لاءِ افسوسناڪ ۽ ايذائيندڙ هئي، ڇاڪاڻ ته افغانستان هڪ پاڙيسري ۽ اسلامي ملڪ آهي. انهن سببن ڪري، اسان جي هميشه اها خواهش پئي رهي آهي ته ان سان اسان جا بهترين لاڳاپا قائم ٿين. هن سال، ايران

جي شهنشاهه جي تحرڪ سان، جنهن هن ڏس ۾ ڏاڍي ڪوشش ورتي، اسان افغانستان سان نئين سر سياسي ۽ تجارتي ناتن جوڙڻ لاءِ ڳالهيون هلايون. نتيجي طور، مان ايوان کي هيءَ خوشخبري ٻڌايان ٿو، تہ مستقبل قريب ۾ اسين افغانستان ڏانهن هڪ سفير موڪلي رهيا آهيون. هن عهدي لاءِ جنهن شخص جو اسان انتخاب ڪيو آهي، سو هڪ اهم حيثيت رکندڙ آهي، جنهن کي فوجي توڙي سياسي تجربو آهي. هو اسان جي فوج ۾ جنرل ٿي رهيو آهي ۽ اهم سفارتي عهدن تي فائز رهيو آهي. اهو شخص جنرل يوسف آهي، جو هن وقت برطانيا ۾ اسان جو هاءِ ڪمشنر آهي. اميد آهي تہ هو جلد ئي ڪابل روانو ٿي ويندو.

جيئن مون چيو آهي تہ، اها اسان جي دلي خواهش آهي، تہ سيني ملڪن سان ۽ خاص طرح انهن ملڪن سان جيڪي اسان جا پاڙيسري آهن، اسان جا دستوري بلڪ دوستاڻا ناتا هجن. اسان کي ڪنهن لاءِ بہ بدخواهي يا بغض ڪونهي. اسين سيني ملڪن سان امن، باهمي سهڪار ۽ دوستيءَ سان رهڻ چاهيون ٿا. پنهنجيءَ انهيءَ خواهش کي حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾، فقط هڪڙي ملڪ کي ڇڏي، اسين مڪمل طرح ڪامياب ٿيا آهيون-- اُهو هڪڙو ملڪ ڀارت آهي.

اسان هميشہ پنهنجن تڪرارن کي فيصل ڪرڻ ۽ پنهنجن مسئلن کي سلجهائڻ ۽ حل ڪرڻ لاءِ سڌيءَ طرح ڳالهين هلائڻ واري طريقي جي حمايت ڪئي آهي، جيئن اسان چين جي باري ۾ ڪيو آهي. جيڪڏهن اوهين تڪرارن جي فيصلن لاءِ پرامن طريقن جا حامي آهيو، تہ پوءِ اوهان کي ڏي-وٺ جي اصول تي بہ رضامند ٿيڻ گهرجي. اهڙيءَ حالت ۾، خاص طرح جڏهن گفت و شنيد ڪندڙ بہ ملڪ هڪٻئي جا پاڙيسري آهن ۽ پاڻ ۾ دوستاڻا لاڳاپا اٿن، تڏهن جيڪا ڳالهہ اهميت واري آهي، سا سندن ڳالهہ ٻولهہ جو ڪو هڪڙو حصو يا رخ نہ، بلڪ انهن جو مجموعي نتيجو يا حاصلات، ۽ ساريءَ صورتحال تي انهن جو مجموعي اثر آهي. جڏهن ڪنهن تڪرار کي حل ڪرڻ لاءِ اوهين ڪارآمد ڳالهيون هلايو ٿا، تڏهن اوهين 'وٺ يا ڇڏ' جي بنياد تي ڪوبہ ڪڙتيل پيدا ڪري نہ سگهندا، ڇاڪاڻ تہ انهيءَ رستي اختيار ڪرڻ سان ڳالهيون ٽٽي پونديون. جيڪڏهن منهنجي مخالف ڌر وارن دوستن وٽ هيءُ اصول قابل قبول نہ آهي، تہ پوءِ ڪنهن بہ

تڪرار کي نبيرڻ جي غرض سان ڳالهين هلائڻ لاءِ حڪومت وٽ ڪو به مقصد ۽ ڪو به مطلب نه آهي.

مون ٻڌايو آهي ته اسان عوامي چين کان 750 چورس ميل علائقو حاصل ڪيو آهي. ڇا، اهو اسان لاءِ وزندار فائدو نه آهي؟ مجموعي طور چين به نقصان ۾ نه ويو. حقيقت ۾ هو انهيءَ خيال کان فائدي ۾ رهيو، ته پاڪستان سان سندس انهيءَ سرحد جو سوال طي ٿي ويو، جا اجا تائين غير فيصل هئي. انهيءَ سرحدي ناهه معتدل ۽ بهتر پاڙيسري لاڳاپن جو بنياد وڌو. آخر اسان جي تمنا ڇا آهي؟ جيڪڏهن اها تمنا آهي ته پنهنجي ملڪ ۽ ساريءَ دنيا جي لاءِ خوشنودي گهرجي، ته پوءِ اها صرف اهڙن فيصلن جي ذريعي ئي حاصل ٿي سگهي ٿي، جهڙيءَ طرح اسان ۽ چين جي حالت ۾ ٿيو آهي. اسان جي خواهش آهي ته جيترن گهڻن ملڪن سان ممڪن ٿي سگهي، بيحد دوستاڻا ۽ پرامن لاڳاپا قائم ڪجن. مان خوشيءَ سان چئي سگهان ٿو، ته انهيءَ تمنا جي برآوريءَ لاءِ اسانجين ڪوشش مان خوشگوار نتيجا نڪتا آهن. اسان عوامي چين سان سرحدي حدبنديءَ جو مسئلو طي ڪيو آهي، انهيءَ لاءِ ته انهيءَ عظيم ملڪ سان اسان جا ناتا خوشگوار ۽ پرامن هجن، ۽ انهيءَ لاءِ ته اسان جي گڏيل سرحد تي غلط فهميءَ ۽ ڇڪتاڻ جو ڪو به سبب نه رهي. اسان افغانستان سان، جو هڪ اسلامي ملڪ آهي، پنهنجا سفارتي لاڳاپا نئين سر قائم ڪيا آهن، انهيءَ لاءِ ته اسين امن ۽ دوستيءَ جي خوشگوار فضا ۾، پاڙيسرين جيان گڏ گذاري سگهون. اسان ايران سان پنهنجن اهم معاملن کي طي ڪيو آهي، ۽ هي اهو ملڪ آهي، جنهن سان اسان جا انتهائي دوستاڻا ناتا آهن. اسان برما سان به پنهنجن اختلافن کي رفع ڪيو آهي، ۽ اميد آهي ته هن سال جي پڇاڙيءَ کان اڳ ئي برما جي انقلابي ڪائونسل جو صدر پاڪستان جي دوري تي ايندو. اسين نيپال سان به پنهنجن ناتن کي گهڻي قدر بهتر بنائي چڪا آهيون، ۽ انهيءَ ملڪ ۾ اسان جي صدر جي دوري انهيءَ حقيقت کي وڌيڪ روشن ڪيو آهي. تازو اسان کي انڊونيشيا جي صدر جي پاڪستان ۾ اچڻ جي سعادت حاصل ٿي آهي. اهو هن خيال کان تمام اطمينان بخش ثابت ٿيو آهي، جو انڊونيشيا سان، جو ڏهن ڪروڙ باشندن جو هڪ اسلامي ملڪ آهي، اسان جا لاڳاپا مضبوط ٿيا آهن. سري لنڪا سان به اسان جا دوستاڻا ناتا آهن. انهيءَ

حڪومت جي دعوت تي اسان جو صدر هن سال سري لنڪا جو دورو ڪندو. فلپائن ۽ ٿائيليند سان، جيڪي اسان جا اتحادي ملڪ آهن، اسان جا دوستاڻا ۽ دلي ناتا آهن.

اهڙيءَ طرح، ڀارت کانسواءِ، اسان جا ويجهن توڙي پرانهن، سڀني پاڙيسري ملڪن سان دوستاڻا ناتا آهن. ڀارت جا نه رڳو اسان سان، پر گهٽو ڪري سڀني پاڙيسرين سان تعلقات بگڙيل آهن. ڀارت سرڪار جي گهمنڊ ڀريءَ روش جي ڪري، ۽ پاڙيسري ملڪن سان پنهنجن لاڳاپن ۾ صلح سانت جي جذبي اختيار ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ سان ڪري، اهڙي صورتحال وجود ۾ آئي آهي، جيڪا پاڪستان توڙي ٻين ملڪن لاءِ بيحد افسوسناڪ ۽ نامناسب آهي. مان انهن ملڪن جا نالا وٺڻ نٿو گهران، ايوان جا ميمبر انهن کان باخبر آهن. اسان کي معلوم آهي ته ڀارت جا لاڳاپا پنهنجي پاڙيسري ملڪ پاڪستان، پنهنجي پاڙيسري ملڪ عوامي چين، ۽ ٻين پاڙيسري ملڪن سان ڪهڙي قسم جا آهن. ساريءَ دنيا کي اهي معلوم آهن. انهيءَ جو ڪهڙو سبب آهي جو ڀارت کان سواءِ ٻيا ملڪ هڪٻئي سان پنهنجن اختلافن کي باهمي مفاهمت جي بنياد تي طي ڪري سگهن ٿا، ته ڀارت ائين ڇو نٿو ڪري سگهي؟ هي هڪڙوئي ملڪ آهي، جيڪو انهن مڙني ملڪن کان نمايان طور ڌار بيٺو آهي، جيڪي برصغير ۽ دنيا ۾ مفاهمت، سڪون ۽ امن آڻڻ چاهين ٿا.

تازو چين ۽ پاڪستان جي وچ ۾ هوائي آمد و رفت جاري ڪرڻ جي معاهدي لاءِ ڳالهه ٻولهه ٿي آهي. اخبارن ۾ به انهيءَ بابت ذڪر اچي چڪو آهي. هي معاهدو اسان لاءِ تجارتي لحاظ کان اهميت وارو ٿي سگهي ٿو. انهيءَ جي ڪري پاڪستان ۽ جپان جي وچ ۾ ٽن کان ڇهن ڪلاڪن تائين هوائي مفاصلو گهٽجي ويندو. انهيءَ نسبت سان، ٽوڪيو ڏانهن پاڪستان مان لنگهندڙ دنيا جي ٻين ملڪن جي پروازن جو مفاصلو به گهٽجي ويندو.

پاڪستان جي بين الاقوامي هوائي آمد و رفت (پاڪستان انٽرنئشنل ايئر لائنز P.I.A) سروس کي ٽوڪيو تائين وڌائڻ جي خيال کان، اسان هانگ ڪانگ ۾ پنهنجن هوائي جهازن کي لاهڻ جي اختياري گهري هئي. بدقسمتيءَ سان، اسان کي اهڙي اجازت نه ڏني ويئي. انهيءَ ڪري اسان کي عوامي چين جي علائقي ۾

پنهنجن هوائي جهازن کي لاهڻ جي اختياريءَ لاءِ گهُر ڪرڻي پيئي. اسان کي اها اختياري حاصل ٿي چڪي آهي، ۽ هاڻي اسين سڄيءَ دنيا ۾ پنهنجي هوائي آمدورفت کي ڦهلائي سگهندا سين. ايوان جي معلومات خاطر، آئون ٻڌائڻ گهران ٿو، ته ٻين ملڪن به چين جي رعيتي راڄ کان پنهنجن هوائي رستن لاءِ مٿا سٽا جي اختياري گهري آهي، ۽ ان باري ۾ هو چين سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ لاءِ آماده ٿيا وينا آهن.

پنهنجي تقرير ختم ڪرڻ کان اڳ، آئون ٻڌائڻ گهران ٿو، ته اسان کي اهو احساس آهي ته جنهن صورتحال مان اسين هن وقت گذري رهيا آهيون، سا تمام ڏکي آهي. اسان کي معلوم آهي ته اجا ڏکيا ڏينهن اچڻا آهن. مان ايوان کي يقين ٿو ڏياريان، ته صورتحال کي سڌارن ۽ پنهنجي سلامتيءَ کي پيش ايندڙ خطري کي ٽارڻ لاءِ اسين هرڪا ڪوشش وني رهيا آهيون. انهيءَ جدوجهد ۾ اسان کي هن اسيمبليءَ ۽ صوبائي اسيمبلين ۾ قوم جي نمائندن جي سهڪار جي ضرورت آهي. هن موقعي تي حڪومت لاءِ عوام جي اتحاد کان وڌيڪ ٻيو ڪو به پرجهلو نه آهي. اسان کي معلوم آهي، ته ملڪ کي جيڪو خطرو آڏو آهي، تنهن جو عوام کي پورو پورو احساس آهي. اسان کي خاطري آهي ته ان تي غالب پوڻ لاءِ هو حڪومت جي مدد ڪري سگهن ٿا، ۽ ڪندا. اسين مغربي طاقتن سان لاڳاپن جي ابتري ڏسڻ نٿا گهرون. بهرحال، اهو اسان جو ڪم نه آهي ته انهيءَ معاملي ۾ پنهنجي طرفان ابتدا ڪريون، ڇاڪاڻ ته اسين ڏکويل ڌر آهيون، فڪرمند ٿيڻ جو سبب اسان کي ني آهي. هي ڪم انهن کي ئي ڪرڻ جڳائي، ته صورتحال ۾ اهڙي تبديلي آڻڻ لاءِ مناسب اُپاءُ اختيار ڪن، جنهن سان اسان جي باهمي لاڳاپن ۾ سڌارو اچي، ۽ اهڙا اُپاءُ اختيار ڪري سگهجن ٿا.

جيستائين ڪشمير جي سوال جو تعلق آهي، اهو اسان جو اهم ترين سوال آهي، بلڪ دراصل اهو پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ جو بنيادي مسئلو آهي. اسان جي ۽ ڀارت جي وچ ۾ اختلاف جي وڏي ڪاهي پيدا ڪرڻ وارو اهوئي مسئلو آهي. اهو دنيا لاءِ به هڪ سنگين مسئلو آهي. جيتوڻيڪ انهيءَ ۾ اسان جو عظيم مفاد سمايل آهي، پر ڪشميرين جو مفاد سڀني کان عظيم ترين آهي. اهو هڪ المناڪ واقعي کان ڪنهن به صورت ۾ گهٽ نه آهي جو انهن کي سندن خود اراديت

جي حق کان محروم رکيو ٿو وڃي. درحقيقت هن برصغير ۾ فقط اهي ئي انسان آهن. جيڪي اجا تائين هڪ بينڪي حڪومت هيٺ پيڙهجي رهيا آهن، ۽ سا بہ بيحد ظالم حڪومت. اڄ ڪشمير جي عوام کي پارٽ جي جنگي ڪارگذارين ۾ بهري ونڻ لاءِ مجبور ڪيو پيو وڃي. پارٽ کي جيڪو نام نهاد خطرو درپيش آهي، يا جنهن فوجي چڪريءَ ۾ پارٽ هن وقت رذل آهي، تنهن سان انهن جو ڪنهن بہ قسم جو واسطو ڪونهي. ڪشمير ڪو پارٽ جو حصو نہ آهي.

آخر ۾، حڪومت جي طرفان آئون چوڻ گهران ٿو، تہ اسين پرڏيهي پاليسيءَ تي هن بحث ٻڌڻ لاءِ منتظر آهيون. مون کي اميد آهي تہ ميمبرن طرفان خيال آرائي ٿي وڃڻ کان پوءِ، مون کي سندن اُٿاريل حجتن تي حڪومت جي پوزيشن جي وضاحت ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو.

☆

# [6]

## ايران سان سرحدي معاهدو - افغانستان ۽ ٻين ايشيائي ملڪن سان لاڳاپا - ڪشمير، هڪ غيرطي شده سوال - مغرب سان لاڳاپا

(24- جولاءِ 1963ع)

مان مير مجلس [اسپيڪر] جو ٿورائتو آهيان، جنهن پنهنجيءَ شفقت سان مون کي پنهنجيءَ جڳهه تي ويهي ايوان کي مخاطب ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي. مان ايوان جي انهن ميمبرن کان به معذرت طلب آهيان، جن جون تقريرون مان ٻڌي نه سگهيس، ڇاڪاڻ جو مان پنهنجيءَ طبيعت جي نا سازيءَ سبب، جنهن ڏانهن، جناب والا، اوهان همدرديءَ جي لفظن ۾ اشارو ڪيو آهي، ايوان ۾ شريڪ ٿي نه سگهيس. سچ پچ ته منهنجي دل ۾ معزز ميمبرن ڏانهن ڪنهن به قسم جي بي مروتيءَ جو ڪوبه سوال ڪونه هو. بهرحال، مون ايوان جي ڪارروائيءَ جي مڪمل تفصيل جي طلب ڪئي آهي، انهيءَ لاءِ ته جيڪي ڪي منهنجي غير حاضريءَ ۾ وهيو واپريو آهي، تنهن کان آئون آگاهه ٿي وڃان.

مون کي معلوم نه آهي ته هيءَ ڳالهه ڪا منهنجي لاءِ مناسب ٿيندي، ته گذريل انيتاليهن ڪلاڪن ۾ ڪن ميمبرن جيڪي الزام لڳايا آهن، تن جو ذڪر ڪريان. بهرحال، مان مڃني بشري خامين سان ڀرپور، هڪ بشر آهيان. انهيءَ ڪري ڪنهن کي به تعجب ٿيڻ نه گهرجي، جيڪڏهن آئون انهن غلط ۽ بي بنياد ذاتي الزامن جي جواب ڏيڻ لاءِ مجبور ٿي وڃان، جيڪي ڪن ميمبرن طرفان مون تي لڳايا ويا آهن. ليڪن، دوباره غور ڪرڻ تي، مون فيصلو ڪيو آهي، ته انهيءَ کان پري رهان، ڇاڪاڻ ته الزام اهڙا ته قطعي بي بنياد آهن، ۽ جن جي اصليت کان هرڪو اهڙيءَ طرح واقف آهي، جو انهن جي جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻ سان هرو ڀرو ايوان جو وقت ضايع ٿيندو.

پرڏيهي پاليسيءَ بابت هن بحث جي دوران، مخالف ڌر جي ميمبرن ڪي اهڙيون حجتون اٿاريون، جي هڪٻئي جي ابتڙ هيون. هڪ طرف اسان کي ٻڌايو ويو، ته حڪومت سنئين سڌي ۽ ٺوس پرڏيهي پاليسي پيش نه ڪئي آهي، ۽ ان کي مدي خارج فقرن ۽ معذرتن جي پردي ۾، جن کي پندرهن سالن دوران لاڳيتو باقاعدگيءَ سان دهرايو ويو آهي، پناهه ڏني ويئي آهي. ٻئي طرف مخالف ڌر جي ميمبرن پنهنجي طرفان پاليسيءَ بنسبت ڪي به ٺوس تجويزون پيش نه ڪيون آهن. هو آخرڪار عوام جا نمائندا آهن ۽ هن ايوان ۾ مجموعي طور ڏهه ڪروڙ ماڻهن جي نمائندگي ڪن ٿا. مخالف ڌر جي خيال موجب، جيڪڏهن اسين، حڪومت جا سربراهه، ڪا واضح ۽ صاف پرڏيهي پاليسي قائم نه ڪري سگهيا آهيون، جيڪا اسانجين موجوده حالتن ۽ تقاضائن سان ٺهڪندڙ هجي، ته پوءِ مخالف ڌر جي معزز ميمبرن تي لازم هو، ته هو اهڙي پاليسيءَ بابت پنهنجون تجويزون ميدان ۾ آڻين ها. پر هنن ڪي به تعميري تجويزون پيش نه ڪيون آهن.

اسان کي ٻڌايو ويو آهي، ته جهڙي نموني اسين هٿيارن لاءِ گداگري ڪري رهيا آهيون، تنهن اسان لاءِ هڪ بين الاقوامي عذاب کڙو ڪري ڇڏيو آهي. مان تسليم ٿو ڪريان، ته پنڻ هڪڙو تمام شرمساريءَ جو ڪم آهي، پر ڪنهن به طرح، جيڪڏهن ملڪ جا مفاد اسان کان پنڻ جي تقاضا ڪن، ته پوءِ منهنجي خيال ۾ اهڙو پنڻ حب الوطنيءَ جو مثال بنجي ويندو، تنهنڪري اهو تعريف جوڳو ٿيندو، ۽ نه ملامت جوڳو.

دراصل پنڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. حقيقت هيءَ آهي، ته پاڪستان جي جاگرافيائي- سياست واري حيثيت دنيا لاءِ ۽ عظيم طاقتن جي عالمي فوجي حڪمت عمليءَ لاءِ اهميت واري آهي. اسان کي امداد انهيءَ ڪري نٿي ملي جو اسين ان لاءِ هٿ ٽنگيون ٿا. اسان کي انهيءَ ڪري امداد ملي ٿي، ڇاڪاڻ ته پاڪستان ڏهه ڪروڙ باشندن جي هڪ يڪي قوم آهي، ۽ ان سان گڏ جاگرافيائي- سياست جي لحاظ کان بيحد اهميت وارو ملڪ آهي. اولهه پاڪستان وچ اوڀر سان لاڳاپيل آهي، جو علائقو دنيا لاءِ نهايت اهميت وارو آهي. ملڪ جو ٻيو اڌ، يعني اوڀر پاڪستان، ڏکڻ- اوڀر ايشيا جي گرم مزاج علائقي جي سرحد تي واقع آهي. انهيءَ حالت جي مدنظر، پاڪستان کي امداد ڏيڻ ۾ ڪن طاقتن جو پنهنجو مفاد

سمايل آهي. اهي طاقتون پاڪستان کي انهيءَ لاءِ مدد ڏيئي رهيون آهن، جو انهن سان دفاعي معاهدن ۾ پاڪستان پاڻ کي پابند رکيو آهي. اهڙيءَ طرح، پاڪستان ۽ انهن ملڪن جي وچ ۾، جي ان جي مدد ڪري رهيا آهن، مفاد ۽ ڏيتي-ليتيءَ جي سوديبازي آهي.

ميمبرن طرفان اسان کي چيو ويو ته ساڳيون ئي طاقتون ڀارت کي خطرناڪ حد تائين هٿياربند بنائي رهيون آهيون، ۽ جيڪي هٿيار ان کي مهيا ڪيا وڃن ٿا، سي پاڪستان ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن به ملڪ خلاف استعمال نه ڪيا ويندا. ٻئي طرف، ڪن ميمبرن چيو، ته ڪنهن به صورت ۾ ڀارت پاڪستان لاءِ خطرناڪ ثابت نه ٿيندو، ڇاڪاڻ ته ڀارت بيحد انتشار ۽ ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ جي حالت ۾ آهي. هڪ ميمبر ته ائين به نه چيو ته ڪو ڀارت ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ جي حالت ۾ آهي، بلڪ چيو ته اهي اڳي ئي ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ شروع ٿي چڪو آهي. انهيءَ ڪري، هن ظاهر ڪيو ته ڀارت کي جيڪا امداد ملي رهي آهي، يا اڃا آئيندي ملندي، سا پاڪستان لاءِ ڪنهن به قسم جو خطرو پيدا نه ڪندي.

اهڙي قسم جا بيان هڪٻئي جي ابتڙ آهن. اسان کي ڪن ميمبرن مشورو ڏنو آهي، ته ڀارت کي بي انداز فوجي امداد ملڻ تي پاڪستان کي حسد ڪرڻ نه گهرجي، ڇاڪاڻ ته ڀارت کي اهڙي قسم جي مدد ڏيڻ ۾ مغربي طاقتن جي عالمي فوجي حڪمت عملي ڪارفرما آهي. جيڪڏهن هن قسم جي بيان لاءِ عام راءِ جي صحيح عڪاسي هجڻ جي دعوا ڪئي وڃي ٿي، ته پوءِ اسين چاهيون ٿا ته جن ميمبرن اهو بيان ڏنو آهي يا ان جي حمايت ڪئي آهي، سي ان کي ثابت ڪن. جيڪڏهن پاڪستان جا باشندا هن نئين نظريي سان موافق آهن، ته پوءِ اسان کي ڪنهن تي به الزام رکڻ نه گهرجي، ۽ انهيءَ دليل کي قبول ڪرڻ گهرجي، ته ڀارت کي فوجي امداد ڏيڻ ۾ مغربي طاقتن جو عالمي مفاد سمايل آهي.

بهرحال، اها ڳالهه صحيح نه آهي. منهنجي گذارش هيءَ آهي ته ڀارت کي جيڪا فوجي امداد ملي رهي آهي، تنهن تي پاڪستان جي باشندن کي بيحد تشويش آهي. انهن جي تشويش جو بنياد هي آهي، ته گذريل پندرهن سالن جي عرصي ۾ ڀارت گهٽ ۾ گهٽ پنج دفعا اڳرائيءَ جون ڪارروايون ڪري چڪو آهي، ۽ اهي بنيادي طرح پاڪستان جي خلاف هيون. اسان کي، انهيءَ ڪري،

تشويش ڪرڻ جو قوي سبب آهي. حقيقي معنيٰ ۾ ۽ اصولي طور، اهو عظيم طاقتن جي عالمي مفاد وٽان نه آهي، جو هو پارٽ جي بي انداز مدد ڪري رهيون آهن. هو انهيءَ لاءِ ائين ڪري رهيون آهن ته جيئن نئين دهليءَ کي بيو 'چُنگڪنگ' (Chungking) بنائين، ۽ هاٺوڪيءَ پارٽي حڪومت کي بئي 'ڪومنتينگ' (Kuomintang) ۾ تبديل ڪن. اسين انهيءَ امداد جي حشر کان واقف آهيون، جيڪا چيانگ ڪائي-شيڪ کي ڏني ويئي هئي. چيانگ وارو چين زوال پذير ۽ ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ جي حالت ۾ هو، ۽ تنهنڪري ان کي ملنل امداد موثر طريقي ۾ استعمال ٿي نه سگهي. پارٽ پڻ زوال ۽ زبونيءَ جي حالت ۾ آهي؛ ان کي مليل امداد جو نتيجو به اهڙوئي نڪرندو، جيئن چين جي حالت ۾ ٿيو.

ايوان جي ڪن ميمبرن، حڪومت تي ايران کي هن ايوان جي اطلاع کان سواءِ پنهنجي قومي علائقي جي ٽي هزار چورس ميل ايراضي ڏيئي ڇڏڻ جو الزام رکيو آهي. پاڪ-ايران سرحدي معاهدو، گهٽو اگ، 6-فيبروري 1958ع ڌاري مڪمل ٿيو. 15-جولائي 1963ع تي جيڪا ڳالهه عمل ۾ آئي، سا فقط انهيءَ علائقي جي منتقليءَ جي هڪڙي رسمي ڪارروائي هئي، جيڪا 6-فيبروري 1958ع تي ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ طي ٿيل سرحدي معاهدي جي شرطن مطابق هئي. ائين صحيح نه آهي ته ڪو پاڪستان ايران کي ٽي هزار چورس ميل ڏيئي ڇڏيا آهن. اسين ايران کي سندس ٽي سؤ ڏهه چورس ميلن جي اها ايراضي ڏيڻ لاءِ آماده ٿيا سون، جيڪا انگريزن زبردستيءَ پنهنجي قبضي ۾ ڪئي هئي، جڏهن اهي برصغير جا حڪمران هئا، ۽ جنهن جي خلاف ايران جي حڪومت هميشه احتجاج ڪندي ٿي رهي. 1871ع، 1896ع ۽ 1905ع ۾، ايران کي انگريزن سرحدي معاهدن ڪرڻ تي مجبور ڪيو هو، پر ايران جي حڪومت انهن معاهدن جي بنياد تي سرحدي نشانبندي ڪرڻ کان لاڳيتو انڪار ڪيو هو. پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ تي، ۽ ان جي ايران سان دوستيءَ ۽ برادريءَ جي لاڳاپن جي مدنظر، هن مسئلي جو حل، جنهن کي تاريخ نظرانداز ڪري ڇڏيو هو، ممڪن ٿي پيو.

پاڪستان سرڪار جيڪڏهن ايراني سرحد جا ٽي سؤ ڏهه (نه ٽي هزار) چورس ميل، جيڪي حقيقي معنيٰ ۾ هندستان جي انگريزي حڪومت جي قبضي ۾ هئا، ايران کي واپس موٽائيندي، ته ايران جي حڪومت به پنجانوي چورس ميل،

جيڪي هن وقت تائين ان جي قبضي ۾ هئا، پاڪستان جي حڪومت کي موٽائيندي. جيڪڏهن 1905ع واري معاهدي مطابق انگريزن ۽ ايرانين جي وچ ۾ سرحدي نشابندي عمل ۾ اچي وڃي ها، ته ايران کي ته ٽي سؤ چورس ميل علائقو ملي وڃي ها، پر 1958ع جي معاهدي مطابق جيڪو پنجانوي چورس ميل علائقو اسين هن وقت حاصل ڪري رهيا آهيون، سو جيڪر ايران وٽان اسان کي نه ملي ها. انهيءَ ڪري، مان چوندس ته ايران سان سرحدي معاهدي موجب، دراصل پاڪستان کي پنجانوي چورس ميل جو فائدو حاصل ٿيو. 15-جولاءِ 1963ع تي، ڪوئٽيا ۾، انهيءَ معاهدي جي تعميلات جي جيڪا رسم ادا ڪئي ويئي، تنهن ايران ۽ پاڪستان جي وچ ۾ قائم ٿيل قديمي دوستيءَ تي مهر لڳائي ڇڏي. جيئن ايوان جي ميمبرن کي معلوم آهي، اقوام متحده جي نهرائن پٽاندر، ڪشميري باشندن جي خوداراديت واري حق کي ايران جي حمايت حاصل آهي. مان پانيان ٿو ته ايران سان اسان جي ناتن بابت، ۽ ايران ۽ پاڪستان جي وچ ۾ تازو عمل ۾ آيل سرحدي معاهدي جي اصليت بابت، مون ڪافي وضاحت ڪئي آهي.

افغانستان سان، جيڪو هڪ اسلامي ملڪ ۽ اسان جو پاڙيسري آهي، اسانجن لاڳاپن جو ذڪر پڻ ڪيو ويو آهي. افغانستان جي عوام لاءِ اسان کي بيحد عزت آهي. پاڪستان ۽ افغانستان جي سياسي لاڳاپن ٽٽڻ ۾ اسان جو هٿ ڪونه هو. اسان جي ملڪ خلاف افغانستان جيڪو بي بنياد علائقائي حق ڄاڻايو آهي، انهيءَ کان اسين باخبر آهيون. مان پنهنجي مسئلي جي انهيءَ رخ جو ذڪر ڪرڻ نٿو گهران، ڇاڪاڻ ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ نئين سر سياسي لاڳاپن بحال ٿي وڃڻ بعد، اسين سڀ پاڪستان ۽ افغانستان جي عوام درميان مفاهمت جي هڪ نئين باب جي ابتدا ڌسڻ جا خواهشمند آهيون. جيئن مون چيو آهي، اسان صرف افغانستان سان سياسي لاڳاپا نئين سر جوڙيا آهن. منهنجي دوست، مخالف ڌر جي اڳواڻ، جي سوال جو اهو جواب آهي. بهرحال، نئين سر جوڙيل سياسي لاڳاپن ۽ ٻين مختلف نمونن جي رابطن ذريعي، اسان کي اميد آهي ته پاڪستان ۽ افغانستان جي باقي مسئلن کي به اسين حل ڪري سگهندا سين.

ساڳئي جذبي سان، ڪهڙا به مسئلا هجن، اسين انهن کي حل ڪرڻ جا خواهشمند آهيون، جيڪي اسان ۽ ڪنهن ٻئي ملڪ جي وچ ۾ رڪاوٽ هجن. اهوئي جذبو

هو، جنهن هيٺ اسان پارٽي حڪومت کي چيو ته هوءَ ڪشمير جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ اسان سان تعاون ڪري، ڇاڪاڻ ته اهو پارٽي ۽ پاڪستاني عوام جي هڪبئي ڏانهن خيرخواهيءَ اڳيان رڪاوٽ بنيو بيٺو آهي.

اسان سڌيءَ طرح ڳالهين ذريعي ٻين ملڪن سان پنهنجن اختلافن کي دور ڪيو آهي. اها ڪا تعجب جهڙي ڳالهه ڪانه آهي، ڇاڪاڻ ته اقوام متحده جي هڪ ميمبر هجڻ جي حيثيت ۾، اسين پنهنجن تڪرارن کي پُرامن طريقن سان حل ڪرڻ لاءِ ٻڌل آهيون. منهنجن مخالف ذروارن دوستن چيو آهي ته پاڪستان کي پنهنجي پاڙيسرين- نيپال، سري لنڪا، انڊونيشيا، برما ۽ افغانستان سان دوستاڻن ناتن پيدا ڪرڻ تي قابليت جي دعويٰ نه ڪرڻ گهرجي. مون قابليت جي دعويٰ ڪرڻ جي خيال کان انهن ملڪن سان پنهنجن دوستاڻن ناتن جو ذڪر نه ڪيو هو، بلڪ منهنجو مقصد انهن ملڪن ۽ ڀارت جي رويي جي وچ ۾ فرق ڏيکارڻ هو. ڀارت جو رويو انهن مسئلن تي، جيڪي هن ۽ سندس پاڙيسرين جي لاڳاپن تي بُريءَ طرح اثرانداز آهن، گهمنڊ ۽ ضد وارو آهي. مون جيڪي ڪجهه چيو، سو ڀارت جي پنهنجن پاڙيسري ملڪن- پاڪستان، سري لنڪا ۽ چين- ڏانهن تعصب ۽ تنگدليءَ جي روش تي تبصرو هو. ڀارت تنهن هوندي به هڪ صلح پسند ملڪ هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو. پنهنجن پرامن ارادن ۽ دعوائن کي ثابت ڪرڻ جو بهترين طريقو اهوئي آهي ته ڀارت نه رڳو اسان سان، پر پنهنجن ٻين پاڙيسرين سان به پنهنجن تڪرارن کي حل ڪري، ڇاڪاڻ ته اها اسان جي ايماندارانه خواهش آهي، ته برصغير جا سڀئي ملڪ هڪبئي سان امن ۽ اتفاق ۾ رهن.

بدقسمتيءَ سان، ڀارت دنيا جو هڪ دادلو ٻار آهي. ڀارت جون سڀ شرارتون کيس ڦٻي ٿيون وڃن، ڇاڪاڻ ته دنيا سندس اڻ مناسب دليلن تي ٻنيلجيو وڃي. اها هن برصغير جي بدبختي آهي جو اهي طاقتون، جيڪي ڀارت جي ذهنيت کي نٿيون سمجهن، سي ان جي پاليسين جي ظاهري رنگ ڍنگ کي قبول ڪرڻ لاءِ هردم تيار آهن. انهن حالتن ڀارت لاءِ اهو ممڪن ڪري ڇڏيو آهي ته هو برصغير ۽ دنيا جي امن کي خوفزده ڪندو رهي.

هاڻي، اهو چيو ويو آهي ته ڪشمير بابت ڀارت سان ڳالهيون هلائي اسان غلطي ڪئي آهي. انهن ڳالهين هلائڻ تي اسان جي مخالف ذروارن دوستن اسان

تي نڪتہ چيني ڪئي آهي، پر پنهنجي نڪتہ چينيءَ جو ڪو بہ مناسب سبب پيش نہ ڪيو اٿن. جن مفروضن تي هنن پنهنجي راءِ قائم ڪئي آهي، سي حقيقت تي مبني نہ آهن. هنن چيو آهي تہ ڀارت سان ڳالهيون هلائي، اسان ڪشميرين جي خوداراديت واري حق کي ريتي ڇڏيو آهي. آئون دعويٰ سان چوان ٿو تہ ڀارت سان ڳالهين هلائڻ جي ڪري ڪنهن بہ حالت ۾ اهو حق نٿو ريتجي. ڳالهين جي هر دور ۾ -- پهرئين دور ۾، ٻئي دور ۾، ٽئين دور ۾، چوٿين دور ۾، پنجين ۽ ڇهين دور ۾، ڪشميري عوام جو خوداراديت وارو حق اسان لاءِ فيصلي تائين پهچڻ جو بنياد بنيو رهيو. جيئن مون اڳي ڄاڻايو آهي، تفصيلي جائزي وٺڻ سان اهو ظاهر ٿيندو تہ انهن ڳالهين هلائڻ سان اسين فائدي ۾ رهيا آهيون.

هاڻي مان ثابت ڪندس تہ ڪيئن ٻئي طرف ڀارت انهن ڳالهين جي ذريعي خساري ۾ ويو. اوهان کي ياد هوندو تہ گذريل پندرهن سالن جي عرصي ۾ ڀارت هميشه اهوئي مؤقف ٻئي اختيار ڪيو آهي، تہ ڪشمير جو مسئلو طي ۽ ختم ٿي چڪو آهي. ڀارت انهيءَ تي ضد ڪندو رهيو تہ ڪشمير ڀارتي يونين جو هڪ اهڙو ئي سالم حصو آهي، جهڙو مهارا شٽر يا اوڙيسا يا مدراس. قانوني، سياسي، اقتصادي، سماجي توڙي ٻئي هر نقطہ نگاهہ کان، ڪشميري عوام ڀارتي قوم جو هڪ لازمي حصو آهن؛ ۽ انهيءَ ڪري ڪشمير جي تڪرار جهڙي مسئلي جو ڪو وجود ئي ڪونهي. انهيءَ سلسلي ۾، آئون ڀارت جي ڪن مکيہ بيانن جو ذڪر ڪندس:

"....ڪشمير ڀارت جي اتر ڇيڙي تي آهي.... هيءُ خيال تہ ان تي قبضو ڪيو ويو آهي، جيئن سلامتي ڪائونسل ۾ پيش ڪيو ويو آهي، قطعي غلط آهي.... پوءِ اسان جي فيڊريشن ۾ شامل ٿيڻ واري حق جو وجود ئي ڪونهي..... ڀارتي حڪومت، سواءِ انهيءَ جي تہ شموليت هڪ مستحڪم اقرارنامو آهي، ٻيءَ ڪنهن بہ تشريح کي ڪڏهن بہ تسليم نٿي ڪري سگهي. جڏهن ڪشمير شامل ٿي ويو، تہ مسئلو ختم ٿي ويو."

(مسٽر ڪرشنامينن جو بيان،

23- جنوري 1957ع تي، سلامتي ڪائونسل ۾.)

"انهيءَ ڪري، 27-آڪٽوبر تي جموں ۽ ڪشمير جي رياست جي

شموليت، مڪمل ۽ قطعي شموليت هئي.... جيتريقدر ڪشمير ۽ جمونءَ جي خود مختياريءَ جو تعلق آهي، اها مهاراجا جي انگريزي راڄ سان شموليت واري قانوني عهدنامي مطابق، ڀارتي يونين جي خود مختياري بنجي ويئي آهي.... اسان جي قانون ۾ عارضي شموليت جي قسم جي ڪا به گنجائش ڪانهي...."

(مسٽر ڪرشنامينن جو بيان،
3-مئي 1962ع تي، سلامتي ڪائونسل ۾.)

"اسين جمون ۽ ڪشمير جي رياست جي ڀارت جي يونين سان شموليت کي مڪمل ۽ قطعي قرار ڏيون ٿا، جا ناقابل تنسيخ ۽ دائمي آهي... اسين ڪڏهن به هن مسئلي تي وساطت يا ثالثيءَ لاءِ آماده نه ٿيندا سون."

(مسٽر ڪرشنامينن جو بيان،
4-مئي 1962ع تي، سلامتي ڪائونسل ۾.)

اها هئي ڀارتي حڪومت جي پوزيشن. اهو انهيءَ پوزيشن جي بنياد تي هو، جو ڀارت ڪشمير جي مسئلي تي نئين سر ڳالهين ڪرڻ کان يا ان کي هڪ تڪرار طور تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪيو، ۽ ڪوشش ڪري روس جي حمايت حاصل ڪئي، جڏهن 1955ع ۾ خروشيف ڀارت ۾ وارد ٿيو. ان وقت روس جي اڳواڻن کي چيو ويو هو، ته اها ڀارت جي طي شده پوزيشن آهي، ۽ ڀارت پاڪستان سان ڪشمير تي سڌيءَ طرح يا اقوام متحده جي ذريعي ڳالهين ڪرڻ لاءِ ڪڏهن به آماده نه ٿيندو. انهيءَ ئي بنياد تي، دوست ڪشمير جي سوال تي ڀارت جي زبردست حمايت ڪئي. ليڪن جڏهن ڳالهين کي نئين سر شروع ڪيو ويو، ته انهيءَ جو اهوئي مطلب هو ته ڀارت ڪشمير جي تڪرار جي وجود کي تسليم ڪيو، جا ڪاڻ ته ڀارت ڳالهين واري ميز تي "ڪشمير جي تڪرار کي منصفانه ۽ شانائتي بنياد تي" طي ڪرڻ لاءِ آيو. هي لفظ 29-نومبر 1962ع واريءَ گڏيل پڌرائيءَ جا آهن. ڳالهين جي پڄاڻيءَ بعد به ساڳي ئي پوزيشن رهي، جڏهن هڪ گڏيل بيان ۾ چيو ويو ته ڀارت ۽ پاڪستان ڪشمير جي تڪرار جي هڪ شانائتي ۽ منصفانه حل لهڻ جي ڪوشش ورتي، پر ڪامياب ٿي نه سگهيا. اهڙيءَ طرح، ڀارت کي مجبور ڪيو ويو آهي، ته الحاق يا شموليت جي تڪميل واري دائري کي

ترڪ ڪري، جنهن جي ئي بنياد تي ڪيس ڪشمير تي سلامتي ڪائونسل وارن بحثن ۾ روس جي مسلسل حمايت حاصل ٿي هئي. هيءُ حڪومت ڪشمير جي سوال کي، جو دنيا جي اهم ترين تڪرارن مان هڪ آهي، پنهنجي جائز حيثيت ڏيارڻ تي بجا طور فخر ڪري سگهي ٿي.

بهرحال، مون کي اهو چوڻ جي اجازت ڏيو ته ڪشمير جو مسئلو اسان جو پيدا ڪيل نه آهي. اسان کي اهو پاڪستان جي اڳين حڪومتن کان ورثي ۾ مليو آهي. ڪشمير ۾ لڙائي بند ڪرائڻ لاءِ ڪير جوابدار هو؟ ڀارت سان جنگبندي واري معاهدي ڪرڻ لاءِ ڪير ذميدار هو؟ يقيناً، هاڻوڪي حڪومت جوابدار نه هئي. حقيقت هيءَ آهي ته ڪشمير جي مسئلي تي غلط رويي اختيار ڪرڻ لاءِ اڳيون حڪومتون جوابدار هيون. ڪمزوري ۽ غير مستقل مزاجي انهنجي پاليسين جون خاصيتون هيون. جيڪڏهن اسين ڪنهن به ڳالهه لاءِ جوابدار آهيون، ته اها آهي اندروني پائيداريءَ کي بحال ڪرڻ ۽ ڪشمير جي سوال کي نئون روح بخشڻ.

ڪشمير جي معاملي ۾ اسان وري به ڪي قدر ترقي ڪئي آهي. اسان پنهنجيءَ جدوجهد سان هن مسئلي کي پيهر دنيا جي اکين اڳيان آندو آهي. انهيءَ کي هڪ ڀيرو وري به بين الاقوامي برادريءَ کي درپيش مسئلن مان هڪ اهم ترين مسئلو تسليم ڪيو ويو آهي.

اسان کي چيو ويو آهي ته اسان ڪشمير جي مسئلي کي حل ڪرڻ جو هڪ سنهري موقعو وڃايو آهي، جڏهن چين ۽ ڀارت جي وچ ۾ جنگ جاري هئي. منهنجي خيال ۾، هي هڪ غير ذميداريءَ ۽ ڪوتاهه بينيءَ جو نظريو آهي. جيئن مون ذڪر ڪيو آهي، پنهنجين اڻٿڪ ڪوششن ۽ مسلسل جدوجهد جي ذريعي اسان ڪشمير جي مسئلي کي پيهر زنده ڪري ڇڏيو آهي. اسين ان کي الماڙيءَ مان ٻاهر ڪڍي آيا آهيون، جنهن ۾ اهو بند پيو هو.

چين ۽ ڀارت جي جهڳڙي مان فائدي حاصل ڪرڻ لاءِ، ڀارت پڪو ارادو ڪيو آهي ته ان جي نوعيت ۽ اهميت بابت مبالغي کان ڪم وٺي. ڀارت جو بهرحال اصل ارادو اهوئي آهي ته چين جي لڙائيءَ ڪانسواءِ، بين مقصدن لاءِ هٿيار حاصل ڪري. انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڀارت ۾ لڙائيءَ جو جنون پيدا ڪيو ويو آهي. اهي اقتصادي پاليسيون اختيار ڪيون ويون آهن، جن عام ماڻهوءَ کي پيڙهي ڇڏيو آهي. ڀارت اهڙا اُپاءَ اختيار ڪيا آهن، جي ناممڪن العمل ۽ بلڪل

بيڪار آهن. انهيءَ ڪري اڳ ۾ ئي ڀارت جي باشندن ۾ ڪمتريءَ جو احساس پيدا ٿي ويو آهي، رشوت خوري وڏي ويئي آهي، ۽ اقربا پروري انتها درجي تي پهچي ويئي آهي. تنهن هوندي به، پنهنجين پاليسين کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ ڀارتي حڪومت سخت اُپاءُ وٺي رهي آهي.

انهن اپائن جي نتيجي ڪري، انهيءَ ملڪ جا باشندا اهڙين حالتن مان گذري رهيا آهن، جيڪي اقتصادي تباهيءَ جي علامت هونديون آهن، ۽ جن ۾ ڪين اهڙي مقصد لاءِ عذاب ڀوڳڻا ۽ قربانيون ڏيڻيون آهن، جنهن کي هو سمجهي نٿا سگهن. پنهنجي عوام جي مرضيءَ خلاف، ڪيتري عرصي تائين ڀارت جي حڪومت انهن پاليسين جو بوجهه برداشت ڪندي رهندي؟ ڀارت جا باشندا به ته آخرڪار انسان ئي آهن. هنن کي به ٻين انسانن وانگر اتي، اجهي ۽ لٽي جي ضرورت آهي. انهن بنيادي ضرورتن کان محروميءَ جي ڪري، هو غربت، غلاظت ۽ مصيبت جي زندگي گذاري رهيا آهن. نتيجي طور، هنن ۾ شديد مايوسي گهر ڪري ويئي آهي.

هاڻي، جيڪڏهن ڀارت جي باشندن جي احساسات جي اها حالت آهي، ته مان اوهان کان پڇان ٿو ته ڪشمير جي باشندن جي احساسات جي ڪهڙي حالت هوندي، جي ڀارتي يونين جو حصو نه آهن، ۽ جن ڪڏهن به ڪشمير کي ڀارت جو ڀاڱو تصور نه ڪيو آهي؟ هنن کي سختين سهڻ لاءِ ڇا ڪاڻ مجبور ڪيو ٿو وڃي، ۽ هو ڪنهن اهڙي مقصد لاءِ، جنهن سان سندن ڪو واسطو ڪونهي، اهڙي جهڳڙي لاءِ، جنهن کان هو بي تعلق آهن ۽ سندن ڪو به مطلب ڪونهي، ڇالاءِ قربانيون پيش ڪن؟ ڪشمير هڪ تڪراري علائقو آهي: هن حقيقت کي ماضيءَ ۾ ڀارت تسليم ڪيو آهي، ۽ اڄ به ان کي تسليم ڪري ٿو. ڪشمير جي باشندن کي ڀارت جي خاطر، جنهن جي هو بيٺڪي غلاميءَ ۾ آهن، مصيبتن سهڻ لاءِ ڇو آماده ڪيو وڃي؟ ڀارت کي ڪو به حق نٿو پهچي ته هنن کي انهيءَ مقصد جي پيش نظر قربانيون ڏيڻ لاءِ چون، جنهن کان هو لاتعلق آهن. هي هڪ اهم معاملو آهي. ماضيءَ ۾ ڀارت دنيا کي ٻڌائيندو هو ته پاڪستان وچولي زماني جي هڪ خدائي (theocratic) حڪومت آهي، جنهن ۾ جمهوريت جو ڪو وجود ئي ڪونهي. ان جي ابتڙ، اها دعويٰ ڪئي ويندي هئي، ته ڀارت ۾ جمهوري طرز جا ادارا آهن، تي

دفعا چوڻيون ٿيل آهن، فولاد جا ڪارخانا آهن، هونئن به ڪافي اقتصادي ترقي ڪئي اٿس، ۽ اتي جا باشندا بهتر زندگي بسر ڪري رهيا آهن. هنن اها به حجت اٿاري ته ڪشمير جا باشندا ڀارتي قوم جي حصي بنجڻ جا خواهشمند آهن، جيڪا ايتريقدر خوشحال ۽ آسودي آهي. ڇا، ڀارت هن وقت به اها دعويٰ ڪري سگهي ٿو، ته ڪشمير جا عوام ڀارت جي حصي بنجڻ جا خواهشمند آهن؟ يقيناً نه -- پر تنهن هوندي به هنن کي ڀارت جي خاطر مشڪل ترين قربانيون ڏيڻ لاءِ ۽ لڙائي لڙڻ لاءِ آماده ڪيو ٿو وڃي، جنهن جا هو خواهشمند نه آهن!

اڄ جيڪڏهن ڪشمير جا باشندا پاڪستان ۾ هجن ها، ته پنهنجي اترئين پاڙيسريءَ سان ڪنهن به تڪرار کان سواءِ، هو آزاد ڪشمير، گلگت، ۽ هنزا جي باشندن جيان امن ۽ سلامتيءَ ۾ گذارين ها. پر هو ڀارت جي غلاميءَ ۾ آهن، ۽ سندن سرزمين کي لڙائيءَ جو ميدان بڻايو ويو آهي. ڀارت ڪشمير کي ان جي امن، سڪون، ۽ سلامتيءَ کان محروم ڪري ڇڏيو آهي، ۽ عوامي چين جي خلاف ان کي هڪ جنگي اڪاڙي ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. هي اهم معاملا آهن، جن کي ڪشمير جي تڪرار کي حل ڪرڻ لاءِ غور هيٺ آڻڻو آهي.

ڀڙيون ته ڪشمير جي باشندن کي مجبور ڪيو ويو آهي، ته هو صعوبتون سهن، ۽ ڀارت جي خاطر انهيءَ جهڳڙي لاءِ قربانيون ڏين، جنهن سان هنن جو ڪو به تعلق ڪونهي. ٻيو ته جنهن نموني هنن جي سرزمين ۾ هٿيار ۽ جنگي سامان ڍڳا ڪيا ويا آهن، تنهن جو به هنن کي مقابلو ڪرڻو آهي. ڀارت گهڻي عرصي تائين ڪشمير کي پنهنجيءَ اطاعت ۾ هرگز رکي نه سگهندو، تنهنڪري حالتن جو نتيجو لازمي طرح هڪ وڏي ڀنيٽ جي صورت ۾ پڌرو ٿيندو. انهيءَ خطرناڪ نتيجي کي ٽارڻ لاءِ، ڀارت کي ان جي مستقبل جي مسئلي کي عزت ۽ انصاف جي شرطن پٽاندر حل ڪرڻ لاءِ آماده ٿيڻ گهرجي. جيڪڏهن ائين ٿي وڃي، ته پاڪستان ڀارت سان امن ۽ دوستيءَ ۾ رهڻ لاءِ تيار ٿيندو، جهڙيءَ طرح پاڪستان پنهنجن ٻين پاڙيسرين- جهڙوڪ سري لنڪا، افغانستان، ايران، برما ۽ چين سان گذاري رهيو آهي. اسين اهڙيءَ تبديليءَ جو خير مقدم ڪندا سين.

اسين هڪ اهڙي قوم آهيون، جنهن جو جهڳڙي يا جنگ ۾ ڪو به ويساهه ڪونهي. اسان جي تاريخ گواهه آهي ته اسان ڪڏهن به طاقت کي استعمال نه ڪيو

آهي. برخلاف ان جي، اسان هميشه اشتعال جي مقابلي ۾ صبر کان ڪم ورتو آهي. اهو ڀارت ئي آهي، جنهن جنگ ۽ جنگ جي ڌمڪين کي استعمال ڪيو آهي. پر هاڻي ڀارت جو زمانو پورو ٿي چڪو. هاڻي هو ننگو ٿي رهيو آهي، ۽ پنهنجن افعالن جي ڪري اڪيلو رهجي ويو آهي.

اولين اهميت جون ڳالهيون، اول ٿيڻ گهرجن. ڀارت کي اندازو لڳائڻ گهرجي، ته سندس اصل حيثيت ڇا آهي؟ ايشيا ۾ ڀارت اڄ هڪڙي مشڪوڪ قوم آهي. هيءَ اها قوم آهي، جنهن تي سندس پاڙيسرين کي اعتماد ڪونهي. عوامي چين کي ان تي ڀروسو ڪونهي. ڀارت ۽ انڊونيشيا درميان ڪشيدگي آهي. ايشيائي - آفريقي ملڪن ۾ ڀارت جي چال چلت بسنبت عام طرح شديد بدگماني آهي. ڀارت ڪيتري عرصي تائين پنهنجين حماقتن تي ضد ڪندو، ۽ هڪ هٺيلي ۽ اڪيلي قوم جو ڪردار ادا ڪندو! ڀارت کي انهيءَ ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ ڪا ايڏي عظمت ۽ وسعت حاصل ڪانه آهي. ڀارت کي پنهنجي اُوچي ۽ ڏاڍمڙسيءَ واري وضع ترڪ ڪرڻ گهرجي. ڀارت کي پاڪستان سان پنهنجن تڪرارن کي شانائتن شرطن تي حل ڪرڻ گهرجي. ڀارت جيڪڏهن رڳو ائين ئي ڪري گذريو، ته برصغير جي باشندن لاءِ اهو هڪ عظيم ۽ شاندار دور جو پيش خيمو ٿيندو.

ڀارت پاڪستان کي "جنگ نه ڪرڻ" جي معاهدي جي آڇ ڪئي آهي. اسان کي انهيءَ آڇ ۾ دوستيءَ جو هٿ نظر نٿو اچي. حقيقت ۾ اها هڪ پرخطر آڇ آهي. جيستائين ڪشمير جو تڪرار وجود ۾ آهي، تيستائين اها ڳالهه بعيد از عقل ٿيندي، ته اسين ڀارت جي جنگ نه ڪرڻ واري معاهدي کي قبول ڪريون. جيڪڏهن اسين اهو قبول ٿا ڪريون، ته پوءِ ان جو مطلب هي ٿيندو ته اسين جنگبندي لائين کي پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ ڪشمير جي قطعي سرحد طور تسليم ڪري چڪا سين. ٻين لفظن ۾، جيئن ڀارت گهري ٿو، اسين ڇڻ موجوده حالتن جي بنياد تي ورهاڱي جي ذريعي ڪشمير جي سوال جو فيصلو قبول ڪري چڪا سين. اهڙيءَ طرح، موجوده حالتن ۾، جنگ نه ڪرڻ واري معاهدي جو مطلب ٿيندو، هاڻوڪين حالتن جي بنياد تي ڪشمير جي مسئلي جو فيصلو، اتي جي باشندن جي رضامنديءَ کان سواءِ، جنهن کي پاڪستان اڄ، سياڻي يا هڪ سؤ ورهين پڄاڻا به، هرگز قبول نه ڪندو.

ازانسواءِ، تاريخ اسان کي جنگ نہ ڪرڻ وارن معاهدن بابت ڇا ٿي سيکاري؟ 'ڪيلاگ پئڪٽ' (Kellog Pact) جو حشر عالم آشڪار آهي. نازي جرمنيءَ ربن ٽراپ- مالوتوف وارو جنگ نہ ڪرڻ جو معاهدو روس سان ڪيو، تنهن هوندي بہ جرمنيءَ روس تي چڙهائي ڪئي. ڀارت سان جنگ نہ ڪرڻ جي معاهدي جو اثر رڳو اسان کي پنهنجي سلامتيءَ جي هڪ غلط احساس ۾ مبتلا ڪرڻ جو ٿي سگهي ٿو، جنهن سان اسين ائين سمجهڻ لڳندا سين تہ ڀارت اسان جي خلاف ڪڏهن بہ طاقت استعمال نہ ڪندو. تنهن کان پوءِ اسين ڀارتي اڳرائيءَ جو آسانيءَ سان شڪار ٿي سگهندا سين. گذريل پندرهن سالن جي عرصي ۾، ڀارت گهٽ ۾ گهٽ پنج دفعا اڳرائي ڪري چڪو آهي.

جنگ نہ ڪرڻ جو معاهدو ڀارت طرفان ڪشمير جي مسئلي لاءِ هڪ عذر طور استعمال ڪيو ويندو. جهڙيءَ طرح ڀارت دعويٰ ڪئي آهي، تہ سنڌو-ماٿر معاهدي مطابق پاڪستان چناب نديءَ تي پنهنجو حق وڃائي ويٺو آهي، تهڙيءَ طرح، جيڪڏهن پاڪستان جنگ نہ ڪرڻ جي معاهدي تي رضامند ٿيندو، تہ ڀارت ساڳئي بي اصوليءَ جي طريقي سان اها دعويٰ ڪندو، تہ پاڪستان موجوده جنگبندي لائين کي ڪشمير جي مسئلي لاءِ هڪ قطعي فيصلي جي صورت ۾ قبول ڪري چڪو آهي. ان طرح، موجوده صورتحال جيئن جو تيئن قائم رهندي.

ڀارت ۽ پاڪستان ٻئي اقوام متحده جا ميمبر آهن، ۽ ٻين سمورن ميمبر ملڪن سان گڏ، پنهنجن مسئلن کي پڌرنامي جي قلم 33 مطابق، صلح ڪُن طريقن، جهڙوڪ: گفت و شنيد، مصالحت، وساطت ۽ ثالثيءَ ذريعي نبيرڻ جي پابندين ۾ شريڪ آهن. اسين پاڻ پرامن خيالن جا حامي آهيون. گذريل پندرهن سالن جي عرصي ۾ بين الاقوامي معاملن ۾ اسان جي ڪردار مان اهو ظاهر آهي، جو ڪنهن بہ امن پسند ملڪ لاءِ هڪ قابل رشڪ مثال آهي. ڀارت جي ابتڙ، اسين هڪ امن پسند ملڪ جي حيثيت سان پنهنجيءَ ساک کي تمام گهڻي اهميت ڏيون ٿا، ۽ بين الاقوامي پابندين جي تعميل کي پنهنجي لاءِ ازحد ضروري ۽ لازمي ٿا سمجهون. ڀارت، ائين چوڻ سان تہ هن پاڪستان کي جنگ نہ ڪرڻ واري معاهدي جي آڇ ڪئي، جنهن کي پاڪستان ٺڪرائي ڇڏيو، صرف دنيا جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ چاهي ٿو. جنهن مهل بہ هو ڪشمير جو تڪرار حل ڪندو، اسين جنگ نہ

ڪرڻ واري معاهدي لاءِ تيار ٿيندا سين، جنهن مهل ۾ هو انهيءَ مسئلي کي ختم ڪندو، اسين ڀارت سان اقتصادي تعاون ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آماده ٿيندا سين. مان صاف طرح چوان ٿو، ته هي مسئلو حل ٿيڻ گهرجي، ۽ اهو ضرور حل ٿيندو، ڇاڪاڻ ته ڪشمير جي عوام کي انصاف کان هميشه لاءِ ڪو به محروم رکي نه سگهندو. مستقبل جي تاريخ ڏيکاريندي، ته ڪشمير جي باشندن کي سندن خودارادیت واري اٽل حق کان هميشه لاءِ محروم رکي نه سگهبو -- انهيءَ حق کان، جنهن تي اسين ڀارت سان ڳالهه ٻولهه جي سمورن موقعن تي زور لڳائيندا رهيا آهيون.

مغربي طاقتن سان اسان جي لاڳاپن بنسبت مون کي مجبور ٿي چوڻو پوي ٿو ته مخالف ڌر جي ميمبرن حقيقتن کي مروڙي سروڙي پيش ڪيو آهي. اهو غلط آهي ته ڪو اسين خيرات لاءِ هڪ نئون جواز پيش ڪري رهيا آهيون، ته جنهن صورت ۾ ڀارت کي اينترو ڪجهه ملي رهيو آهي، تڏهن پاڪستان کي به وڌيڪ ملڻ گهرجي. اها اسان جي باري ۾ هڪ افسوسناڪ غلط بياني آهي. مون جيڪي پنهنجي بيان ۾ چيو هو، ان جو مطلب هي هو ته برصغير ۾ ڇڪتاڻ جو سبب فوجي عدم توازن آهي. گذريل پندرهن سالن جي عرصي ۾، اسان فوجي توازن کي قائم رکڻ لاءِ قربانيون ڏنيون آهن. اسان ائين ڪيو، ڇاڪاڻ ته تاريخ شاهد آهي، ته ڪنهن به علائقي ۾ ڪن ملڪن طرفان طاقت استعمال ڪرڻ واري رجحان کي صرف ان علائقي ۾ طاقت جي توازن قائم ڪرڻ سان ئي روڪي سگهجي ٿو. اهو صلح ۽ سلامتيءَ جي مفاد خاطر هو، جو اسان ڀارت سان ڪنهن حد تائين فوجي توازن قائم رکيو. اڄ اهو توازن درهم برهم ٿي رهيو آهي. اسان ائين ئي چيو هو، ته مغرب کي محسوس ڪرڻ گهرجي ته انهيءَ مان خطرو پيدا ٿي رهيو آهي، ۽ جيڪڏهن هو برصغير ۾ صلح ۽ سلامتيءَ جي فضا ڏسڻ گهرن ٿا، ته پوءِ کين توازن جي پورائيءَ لاءِ ڪجهه ڪرڻ گهرجي. اسان صرف ايتروئي چيو هو. اسان ائين ڪو نه چيو هو ته ڪو اسين هٿيارن جي امداد لاءِ منٿون ڪري رهيا آهيون.

اسين دفاعي معاهدن ۾ مغرب جو رفيق رهيا آهيون. اسين ساري عرصي ۾ ان جا ساٿي ٿي رهيا آهيون. اسين ڪيترن ئي خطرن جي سلسلي ۾ ساڻس همرڪاب رهيا آهيون. اسان مغرب لاءِ قربانيون ڏنيون آهن. جڏهن يو-ٽو جهاز

(U-2 Plane)، جنهن لاءِ اهو اندازو لڳايو ويو هو، ته اهو پشاور کان اڏاڻو هو، روس مٿان پرواز ڪندي ڪيرايو ويو هو، تڏهن مسٽر خروشيف ائين نه چيو ته ڀارت کي تباهه ڪيو ويندو، بلڪ هن چيو ته پاڪستان کي تباهه ڪيو ويندو. مغرب سان عهدنامن ۾، اسان پنهنجي ساري مستقبل جي بازي لڳائي آهي. ٻن بلاڪن درميان جهڳڙي جي حالت ۾، اسان ائٽمي جنگ ۾ مبتلا ٿيڻ جو خطرو خريد ڪيو آهي. تنهن هوندي به، اڄ ڇا ٿي رهيو آهي؟ ناشناسن جي زبان ۾، اسان کي "تنها ڇڏيو پيو وڃي."

مغربي طاقتن سان پنهنجي ماضيءَ جي خوشگوار واسطيداريءَ کي اجارڻ لاءِ، اسين انهن سان پنهنجن ناتن کي تازو ڪرڻ گهرون ٿا. اهو محسوس ڪرڻ سندن ڪم آهي، ته پاڪستان هڪ زخميل ڏُر آهي. اهو سندن ڪم آهي ته جيڪي خطرا ۽ د شواريون پاڪستان کي سامهون آهن، انهن کي سمجهن. احتساب جو وقت پرجي آيو آهي. مغربي طاقتن کان اسان جي تقاضا آهي، ته هو پنهنجي ناتي کي نباهڻ لاءِ، ۽ اڳ جهڙي خيرخواهيءَ ۽ تعاون جي نئين دور جي شروعات ڪرڻ لاءِ، مڙني واسطيدار مسئلن جو جائزو وٺن. اسان کي هنن جي دوستيءَ جو قدر آهي. هنن اسان جي گهڻن ئي طريقن سان مدد ڪئي آهي. هنن اسان کي پنهنجي اقتصادي ترقيءَ ۽ فوجي سلامتيءَ لاءِ قيمتي امداد مهيا ڪئي آهي. اسين انهن حقيقتن کان غافل نه آهيون. اسين احسان فراموش نه آهيون. پاڪستان جي باشندن جا ڪمزا به عيب ۽ غلطيون هجن، پر هن حقيقت کان ڪو به انڪار نه ڪري سگهندو ته هو احسان فراموش نه آهن.

اسين مغربي طاقتن کي رڳو ايترو چئون ٿا، ته اهي هن حقيقت جو اندازو لڳائين ته ڀارت جي وڌندڙ فوجي طاقت صرف پاڪستان جي خلاف ئي استعمال ٿي سگهي ٿي. ڀارت بار بار چيو آهي، ته پاڪستان ڀارت جو "اول نمبر دشمن" آهي. اهو ڀارت ئي آهي، جنهن اڳرائيءَ جو جرم ڪيو آهي. هن ڪشمير ۾، جوناڳڙهه ۾، ۽ حيدرآباد ۾ اڳرائي ڪئي. هن گوا تي به اڳرائي ڪئي، ۽ چين سان سرحدي جهڳڙي ۾ به اڳرائي ڪئي آهي. اهڙيءَ طرح، ڀارت پنج ڀيرا اڳرائي ڪئي آهي. خود اسان جي خلاف ڀارتي اڳرائيءَ جي تجربي کان پوءِ، اها ڳالهه قدرتي آهي ته اسين مغرب مان، برصغير ۾ طاقت جي موجوده خطرناڪ توازن کي سنوارڻ لاءِ، مدد جي اميد رکون.

اسين پنهنجي طرفان مغربي طاقتن سان پنهنجي دستوري دوستيءَ کي قائم رکندا سين. اسين نہ رڳو انهن سان دوستيءَ جا خواهان آهيون، بلڪ دنيا جي سڀني ملڪن سان، ۽ سڀني ملڪن جي هڪٻئي سان دوستيءَ جا بہ. اسين ڪٿي بہ ڪو تڪرار ڏسڻ نٿا چاهيون.

دنيا جي باشندن کي پنهنجي سماجي، اخلاقي ۽ اقتصادي ترقيءَ جو موقعو فقط امن ۽ سلامتيءَ جي بي خوف ماحول ۾ ملي سگهي ٿو. اسين پنهنجي عوام لاءِ اهڙي موقعي جا خواهشمند آهيون، تہ جيئن انهن جي لاءِ گذران جا بهتر وسيلا، وڌيڪ ۽ بهتر رهائشي سهولتون، اسڪول ۽ اسپتالون مهيا ڪري سگهون. اسين چاهيون ٿا، تہ اسان جو عوام اهو محسوس ڪري تہ جيتوڻيڪ هو غربت ۽ افلاس ۾ پيدا ٿيا هئا، پر کين هميشہ لاءِ غربت ۽ افلاس ۾ مبتلا نہ رهڻو پوندو. اسان کي مفلسيءَ جي للڪار سان مقابلو ڪري، تنگيءَ جي حدن کي ٽوڙڻ گهرجي. اسين انهيءَ ڪوشش ۾ تڏهن ڪامياب ٿي سگهندا سون، جڏهن اسان جي برصغير ۾، ايشيا ۾ ۽ دنيا ۾، امن هوندو. انهيءَ ئي سبب جي ڪري اسين سڀني ملڪن سان خوشگوار، گهرا ۽ دوستاڻا لاڳاپا پيدا ڪرڻ جا متمني آهيون.

جيتريقدر اسان جو تعلق آهي، اسان هميشہ امن جي راهہ ۾ اختيار ڪيل اپائن کي ڪامياب بنائڻ لاءِ انتهائي ڪوشش ورتي آهي. اسان عوامي چين سان، جو اسان جو پنجهٺ ڪروڙ باشندن وارو هڪ عظيم پاڙيسري ملڪ آهي، سرحدي معاهدو طي ڪيو آهي. ساڳئي جذبي سان، اسين ڀارت سان انهن مسئلن تي نبراءُ ڪرڻ لاءِ خواهشمند آهيون، جن اسان ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ نفاق پيدا ڪيو آهي. پر پاڪستان پنهنجي روءِ سوءِ ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهندو. انهيءَ باري ۾ ڀارت تي، ۽ انهن قومن تي، جيڪي هاڻي محسوس ڪري رهيون آهن تہ ڀارت ۾ سندن غرض اٽڪيل آهي، وڏي ذميداري عائد ٿئي ٿي. جيترو جلد هو انهيءَ ذميداريءَ کي محسوس ڪندا، اوتروئي سڀني واسطيدار ڌرين لاءِ بهتر ٿيندو.

مان پنهنجي اجوڪي تقرير صرف پنهنجي باري ۾ نہ ڪري رهيو آهيان. ساڳيءَ طرح، جڏهن صدر ايوب ڳالهائيندو آهي تہ هو هڪ فرد جي حيثيت ۾ نہ ڳالهائيندو آهي. جڏهن بہ پاڪستان سرڪار جو ڪو نمائندو اسان جي ملڪي سالميت لاءِ ڪنهن خطري بابت اسان جي گهريءَ تشويش جو اظهار ڪندو آهي، تہ

هو هن ملڪ جي ڏهه ڪروڙ باشندن جي پاران ڳالهائيندو آهي. پر، جيئن مون چيو آهي، اسين هن خطري جو مقابلو ڪري سگهندا سين. ازانسواءِ، اسان وٽ پنهنجن دوستن جي هيءَ خاطري موجود آهي، ته ڪنهن به اڳرائيءَ جي صورت ۾ هو اسان جي مدد لاءِ قدم وڌائيندا. اسان کي مٿن پورو پورو ڀروسو آهي. اسان کي ٻين ملڪن طرفان به يقين ڏياريو ويو آهي، ته جيڪڏهن ڀارت اسان جي خلاف اڳرائي ڪندو، ته انهيءَ اڳرائيءَ کي هو پنهنجي خلاف سمجهندا. اهڙيءَ طرح، اڳرائيءَ جي مقابلي ڪرڻ لاءِ اسين اڪيلا هرگز نه هوندا سين. اسان کي يقين آهي، ته پاڪستان جي علاقائي سالميت ۽ خودمختياريءَ جي حفاظت لاءِ، نظرياتي واسطيداريءَ کان قطع نظر، اسان کي انهن سڀني ملڪن جي حمايت حاصل ٿيندي، جي اڳرائيءَ کي ناپسند ڪن ٿا. اڳرائي جي مقابلي ڪرڻ لاءِ اوهان کي ڪنهن خاص عقيدي سان وابستگيءَ جي ضرورت نه آهي. اڳرائي سڀني ملڪن لاءِ مصيبت جو باعث آهي؛ اها سڀني ماڻهن لاءِ مصيبت جو باعث آهي، پوءِ ته هو ڪهڙي به عقيدي يا نسل جا هجن. جيڪڏهن ڪا مصيبت آئي، ته اسان کي معلوم آهي ته دنيا جي سڀني صلح پسند قومن ۽ انهن سڀني ملڪن جي، جي اقوام متحده جي پڌرنامي کي سربلند ڏسڻ چاهين ٿا، اسان کي همدردي ۽ حمايت حاصل ٿيندي، پر جيڪڏهن اسين ڪٿي اڪيلائي رهجي وڃون، ته به اسين پنهنجي مقصد جي صداقت ۾ ايمان رکندي، پوري اعتماد سان مصيبت جو مقابلو ڪندا سين، ۽ مون کي يقين آهي ته اسين فتحياب ٿيندا سين.

☆

# [7]

## وڏين طاقتن جون عالمي پاليسيون - سنڌن اتحادين جا مفاد - سنڌن وچ ۾ جهڳڙي جا امڪان - غير واسطيدار ملڪن کي هٿيارن جي امداد - پاڪستان جا مفاد - پاليسيءَ تي نظرثاني جي ضرورت

(22- جون 1964ع)

هن اهم مهمليءَ جي رٿ تي مختلف ميمبرن طرفان ظاهر ڪيل ويچارن ڪي مون ڏاڍيءَ دلچسپيءَ سان ٻڌو آهي. جيئن مون ڪلهه اخباري نمائندن کي انٽرويو ڏيڻ وقت چيو هو، اسان جي حڪومت، آمريڪا طرفان ڀارت کي ڊگهي عرصي واري فوجي امداد ڏيڻ جي رٿا تي، آمريڪا کي پنهنجي پريشاني ذهن نشين ڪرائڻ جي هرڪا ڪوشش ورتي آهي.

مختلف مرحلن ۽ مختلف موقعن تي، صدارتي سطح کان وٺي هيٺ تائين، اسان هن مسئلي تي پنهنجن دوستن ۽ اتحادين سان بحث ڪيو آهي. اسان ڪين ڀارت کي ملندڙ ڊگهي عرصي واري فوجي امداد جي خطرناڪ نتيجن کان آگاهه ڪيو آهي. جيئن مخالف ڌر جا ميمبر سمجهن ٿا، جيڪڏهن اسين پنهنجن دوستن کي هن پاليسيءَ جي اختيار ڪرڻ جي انديشن کان مطمئن نه ڪري سگهيا آهيون، ته انهيءَ جو سبب اسان جي طرفان ڪنهن ڪوتاهيءَ جو نه آهي؛ اسان پنهنجي وسان نه گهٽايو آهي. مان گذارش ڪريان ٿو، ته اهي ميمبر اسانجين دشوارين جو پورو اندازو نٿا لڳائين، ڇاڪاڻ ته ڪين ڪنهن وڏيءَ طاقت جي عالمي پاليسين سان مقابليَ ڪرڻ جو ڪو تجربو ڪونهي.

سن 1958ع کان اڳ، پاڪستان کي وڏين طاقتن سان پاليسيءَ جي معاملن تي مقابلي ڪرڻ جي ڪا به ضرورت پيش نه آئي. گهڻن ئي مسئلن تي اسان جون پاليسيون وڏين طاقتن جي مفادن سان موافق هيون. پر تقدير هڪ اهڙي صورتحال

پيدا ڪئي آهي جو پنهنجن قومي مفادن خاطر، اسين وڏين طاقتن جي عالمي پاليسين سان اختلاف راءِ ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي پيا آهيون. اسان هر ممڪن طريقي سان ڪوشش ورتي آهي، تہ هو اسان جي برصغير ۾ هن وقت جيڪو نمونو هلي رهيا آهن، تنهن جي سنگين ۽ خطرناڪ نتيجن کي محسوس ڪن.

منهنجي خيال ۾، ائين چوڻ مناسب ٿيندو تہ ڪو وقت ايندو آهي، جڏهن بحث ۽ گفتگوءَ کي ختم ڪرڻ کپي، ۽ قوم کي پنهنجين بنيادي پاليسين جو نئين سر جائزو وٺڻ کپي. شايد پاڪستان لاءِ وقت آيو آهي، تہ پنهنجي پرڏيهي پاليسيءَ تي، پنهنجن بنيادي قومي مفادن جي روشنيءَ ۾، بدليل حالتن پٽاندر، ٻيهر سوچيو ۽ ويچاريو وڃي. مخالف ڌر جي ميمبرن جي فهم ۽ مشوري مان اسان گهڻو ڪجهہ پرايو آهي. اسين پنهنجن قومي مفادن سان نهڪندڙ ڪارآمد پاليسين کي فقط يڪسان نظرين ۽ باهمي مفاهمت سان ئي اختيار ڪري سگهنداسين. جيئن مون چيو آهي، حڪومت هن بحث مان گهڻو ڪجهہ پرايو آهي، ۽ اسان کي اميد آهي تہ مستقبل ۾ مخالف ڌر ۽ان جي اڳواڻن کان وڌيڪ مفيد مشورا ملندا، ڇاڪاڻ تہ هي اهڙا مسئلا آهن، جي اسان سڀني تي ساڳيءَ طرح اثرانداز آهن.

گذريل جنگ جي پڄاڻيءَ کان وٺي، اسان ٻن اهم واقعن جو مشاهدو ڪيو آهي، جي دنيا تي اثرانداز ٿيا آهن. جنگ جي خاتمي کان پوءِ اسان ايشيا، آفريقا ۽ اوڀر يورپ ۾ گهڻين ئي خودمختيار حڪومتن کي ظهور ۾ ايندي ڏٺو، ۽ اسان آزاد دنيا ۽ بين الاقوامي ڪميونزم جي وچ ۾ نظرياتي ڪشمڪش کي نمايان ٿيندي بہ ڏٺو. چين – روس جي ٽڪراءَ بعد، اُهو نظرياتي جهڳڙو اڄ 1964ع ۾ قدري وسيع ٿي ويو آهي. پر اسين ٻڌون ٿا -- ۽ اسين روس توڙي چين جي اڳواڻن کان ٻڌون ٿا -- تہ بين الاقوامي جهڳڙي جي صورت ۾، ائٽمي جنگ جي صورت ۾، روس ۽ چين جا باشندا هڪٻئي سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي بيهندا. اهڙيءَ طرح، اسان دنيا جي ٻن اهم واقعن جو مشاهدو ڪيو آهي: هڪ آهي ايشيا، آفريقا ۽ يورپ جي ڪن حصن ۾ آزاد ملڪن جو وجود ۾ اچڻ، ۽ ٻيو آهي ٻن مختلف نظرياتي عقيدا رکندڙ عظيم ديون جي وچ ۾ ڇڪتاڻ. اسان ملڪن جي ورهاست پڻ ڏٺي آهي، جا ڪن حالتن ۾ ضروري ۽ ڪن حالتن ۾ ناجائز هئي،

جنهن جي ڪري ڇڪتاڻ پيدا ٿي آهي.

اها حقيقت آهي ته بيٺڪي سرشتي جي خاتمي جي باوجود، ان جا ڪي موروثي اثر اجا رهجي ويا آهن. نون آزاد ٿيل خودمختيار ملڪن جي وچ ۾ ڪيترائي مسئلا پيدا ٿي ويا آهن. سرحدي جهڳڙا ۽ پيا به ڪيترائي اختلاف پيدا ٿي ويا آهن، جهڙوڪ سابق بيٺڪي علائقن طرفان هڪٻئي ڏانهن دعويداريون. اهي مسئلا آفريڪا توڙي ايشيا ۾ نظر اچي رهيا آهن. پر ايشيا ۽ آفريقا جي ملڪن اهو به طي ڪري ڇڏيو آهي، ته اختلافن کي پرامن طريقي سان حل ڪجي. مثال طور، آفريقا ۾ اسان ڏٺو آهي ته: 'اديس ابابا ڪانفرنس' آفريقي ملڪن جي اندروني اختلافن کي فيصل ڪرڻ لاءِ هڪ دستور العمل رٿيو آهي. پر جيڪي ملڪ ورهاڱي جو نتيجو آهن، انهن جا اختلاف زياده سنگين آهن. جيتريقدر اسان جي برصغير جو تعلق آهي، اسان پاڪستان کي وجود ۾ آڻڻ لاءِ جدوجهد ڪئي، ڇاڪاڻ ته اسان جو ايمان هو، ته ان جو وجود اسان جي علائقن توڙي ڀارت جي باشندن لاءِ نجات ۽ حفاظت جو سبب بڻبو. پر ڀارت ۾ ڪي اهڙا عناصر آهن، جن برصغير جي ورهاڱي سان پاڻ کي ڪڏهن به موافق نه بڻايو. منهنجي خيال ۾، انصاف روءِ، ڀارت جي حڪومت ۽ ڀارت جي سابق وزيراعظم پاڻ کي ٻن قومن واري نظريي سان ڪنهن حد تائين موافق بڻايو. باوجود ان جي، ڀارت ۾ ڪي طاقتور ۽ سرڪش جماعتون آهن، جن اجا تائين ورهاڱي جي حقيقت کي قبول نه ڪيو آهي. ڀارت جون هي سرڪش جماعتون نه صرف ٻن قومن واري نظريي ۽ برصغير جي ورهاڱي جي خلاف آهن، بلڪ هو پنهنجيءَ پر ۾ انهيءَ کي منسوخ ڪرڻ جا اُپاءُ وني رهيون آهن. اهوئي سبب آهي جو ڀارت جي ڪن شخصيتن جي باري ۾ اسين ٻڌون پيا ته هو ڪشمير جي تڪرار کي حل ڪرڻ لاءِ ٻنهي ملڪن جي وفاق (Confederation) جون ڳالهيون پيا ڪن. بيشڪ، پاڪستان جي صدر پنهنجي پشاور واريءَ تازيءَ تقرير ۾ اهو بلڪل واضح ڪري ڇڏيو هو، ته اهڙي قسم جي تجويز پاڪستان لاءِ ڪنهن به صورت ۾ قابل قبول نه ٿيندي؛ ليڪن هيءَ حقيقت پنهنجيءَ جاءِ تي قائم رهي ٿي، ته ڀارت ۾ ڪي اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي پاڪستان جي وجود کي هڪ خودمختيار ملڪ جي حيثيت سان قبول نٿا ڪن.

مسئلي جو هي هڪ بنيادي سبب آهي. اڪنڊ ڀارت ۾ اعتقاد رکندڙ طاقتور عناصر ڀارت ۽ پاڪستان کي ملائڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن. انهن مان ڪي عناصر سرڪش مزاج جا آهن: ٻيا اسان لاءِ پرامن پر هر حالت ۾ خطرناڪ طريقا استعمال ڪري رهيا آهن. اسان کي اهڙن عنصرن سان مقابلو ڪرڻو آهي. پاڪستان جو ملڪ انيڪ قربانين ڏيڻ کان پوءِ حاصل ڪيو ويو هو، ۽ جيتريقدر هتي جي عوام جو تعلق آهي، پاڪستان جي سالميت ۽ خودمختياريءَ کي قائم رکڻ ۽ ان کي تباهه ڪرڻ وارين سازشن کي ناڪام بنائڻ جي باري ۾ سندن خواهش ۽ ارادي ۾ ڪنهن به شڪ شبهي جي گنجائش ڪانهي.

آمريڪا ۽ ٻين مغربي طاقتن طرفان ڀارت کي فوجي امداد ڏيڻ وارو فيصلو يقيناً اهڙن عناصر کي، جيڪي ٻنهي ملڪن جو ميلاپ چاهين ٿا. هٿي ڏيندو ته هو پنهنجي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ فوجي يا پنهنجي ٻي طاقت استعمال ڪن. انهيءَ ڪري، صورتحال بيحد سنگين آهي.

اسين پاڻ کي هڪ ترقي پذير ملڪ ڪوٺيون ٿا. هر حالت ۾، نسبتاً، اسين هڪ غريب ملڪ آهيون، ۽ هٿيارن جي ڊوڙ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ اسين وڏيڪ هٿيارن حاصل ڪرڻ جو بوجهه برداشت نٿا ڪري سگهون. اسان کي پاڻ ڏانهن ايماندار ٿيڻ کپي ۽ هن حقيقت کي تسليم ڪرڻ کپي. جهڙيءَ طرح اسين اهو بوجهه برداشت نٿا ڪري سگهون، ڀارت جا باشندا به نٿا ڪري سگهن، چاڪاڻ ته جيئن اهو بوجهه اسان جي چيلهه ڀڃي ڇڏيندو، تيئن انهن جي به ڀڃي ڇڏيندو. غور ڪريو ته اسين پنهنجيءَ بجيٽ جي ٽن سؤ ڪروڙن جي رقم مان هڪ سؤ ڪروڙن کان وڌيڪ رقم هٿيارن تي خرچ ڪري رهيا آهيون، ۽ ڀارت جي حالت ۾ ته تيرهن سؤ ڪروڙن جي بجيٽ مان هڪ هزار ڪروڙ هٿيارن تي خرچ ٿئي ٿو. هي آهي قومي سرمايي جو لاحاصل رستن ڏانهن رخ، جيڪو انهيءَ عوام سان بي انصافي آهي، جيڪو مصيبت زده آهي ۽ غربت جي زندگي بسر ڪري رهيو آهي. هيءَ اسان جي عوام سان وڏي بي انصافي آهي. اها اسان جي اسي سيڪڙو باشندن سان بي انصافي آهي، جن کي زندگيءَ جي بهتر معيار جي ضرورت آهي. هي ڪو قدرت جو قانون ڪونهي، ته اسين غربت ۽ مفلسيءَ ۾ گذاريون، ۽ اسان جو عوام صعوبتون سهي.

جيڪو سرمايو اسين هٿيارن تي لڳائي رهيا آهيون، سو اسان جي عوام

جي زندگيءَ کي بهتر بنائڻ لاءِ چڱي نموني خرچ ڪري سگهجي ٿو. هيءَ نئين صورتحال اسان جي ذميداريءَ کي اڃا به پيچيده بنائي ٿي. اسان کي محسوس ڪرڻ گهرجي ته جن پابندين ۾ اسين اڄ ڪلهه ٿي گهيريل آهيون، تن جي هوندي، موجوده صورتحال اسان جي اولاد ۽ اسان جي اولاد جي اولاد کي بهتر معيار واري زندگي ڏيڻ جي ڪوشش کي ملتوي ڪري ڇڏيندي. هي هڪ نهايت اهم ويچار آهي. پر جيڪڏهن اسين حقيقتن کان اکيون بوتي ڇڏيون ۽ چئون ته اسين غريب نه آهيون، ته اهو اسان جي ذاتي يا قومي هنڌرميءَ کي ته شايد تسڪين ڏئي، پر انهيءَ ڪري اسين پنهنجو پاڻ کي فريب ۾ مبتلا ڪندا سين.

هيءَ هٿيارن جي ڊوڙ صورتحال کي وڌيڪ پڙڪائيندي ۽ نه رڳو برصغير اندر، بلڪ ساري ايشيا اندر وڌيڪ ڇڪتاڻ پيدا ڪندي. مون ساري ايشيا جو فڪر انهيءَ ڪري ڪيو آهي، ڇاڪاڻ ته پاڪستان ۽ ڀارت ايشيا جون مکيه قومون آهن-- اسين ڏهه ڪروڙ باشندا آهيون، ۽ هو چاليهه ڪروڙ باشندا آهن. ڀارت ۽ پاڪستان جي وچ ۾ هٿيارن جي ڊوڙ جو لازمي طرح ٻين پاڙيسري ملڪن تي مڪمل اثر ٿيندو. موجوده حالت نه رڳو ڀارت ۽ پاڪستان جي باشندن جي مفاد لاءِ خطرناڪ ۽ نقصانڪار آهي، بلڪ مجموعي طرح ساري برصغير جي باشندن لاءِ پڻ. اسان تي پنهنجي قومي ذميداريءَ سان گڏوگڏ پنهنجي برصغير جي اجتماعي ذميداري به آهي. اسين آسپاس کان علحده ٿي نه رهي سگهندا سين، ۽ نه رهون ٿا. اسان جي دنيا پاڪستان ۽ ڀارت تائين محدود نه آهي، اها بين الاقوامي دنيا آهي. پاڪستان ۽ ڀارت ايشيا جي وڏين قومن مان آهن. انهن جي اختيار ڪيل پاليسين جو ردعمل يقيناً وسيع ٿيڻو آهي.

اهوئي سبب آهي جو آمريڪي اختياريءَ طرفان ڀارت کي ڊگهي عرصي واري فوجي امداد جي فيصلي پاڪ-ڀارت اختلافن کي وڌائي ڇڏيو آهي، ۽ انهن اختلافن جي موجودگيءَ سبب ايشيا جو ايندڙ امن انهن کان سڌيءَ طرح متاثر ٿيو آهي. اسان جي خيال موجب، اهي اختلاف پرامن طريقي سان، دوبدو ڳالهين جي وسيلي ۽ ناهه جي جذبي سان حل ٿي سگهن ٿا. اهي ڪي وس کان ٻاهر نڪتل نه آهن. ٻنهي طرفن جي خيرخواهيءَ سان، ڀارت ۽ پاڪستان انهن کي حل ڪري سگهن ٿا. مان نڪو رجاعي پسند آهيان، نڪو قنوطي، پر اها حقيقت آهي، ته

آخرڪار اسين انهيءَ حل طرف ڪي قدر وڌي رهيا هئا سين. ائين برابر آهي ته اسين مقصد حاصل ڪرڻ جي حد تائين نه پهتا هئا سين، ان ڪان ڪافي دور هئا سين، پر ڪن نين حالتن اسان کي اميد ڏياري ته شايد اسان جون ڪوششون صورتحال ۾ ڪو سذارو آڻينديون. بدقسمتيءَ سان، تازو ڀارت کي ڊگهي عرصي واريءَ فوجي امداد واري فيصلي اسان جي ذميداريءَ کي يقيناً وڌيڪ دشوار بنائي ڇڏيو آهي. اهي اميد افزا حالتون ڪهڙيون هيون؟ اهي هيون-- شيخ عبدالله جي آزادي، ڪشمير جي اندروني صورتحال، ڀارت جو اهو محسوس ڪرڻ، ته ڪيس پاڪستان سان پنهنجا اختلاف ڳالهين ذريعي نبيرڻ گهرجن، ۽ پڻ اهو احساس ته سندس عوام جي مفاد خاطر اهڙي طريقي سان نبيرو ڪرڻ ضروري آهي. پر عين انهيءَ وقت جڏهن حالتون صحيح رخ اختيار ڪري رهيون هيون، اعلان ٿيو ته آمريڪا طرفان ڀارت کي ڊگهي عرصي واري فوجي امداد ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. منهنجي خيال ۾، اها شاستري حڪومت کي آمريڪي پاليسين جي حمايت ڪرڻ لاءِ هڪ قسم جي لالچ هئي، جيڪا ان کي سندس نهڻ کان به اڳ آڇي ويئي.

سن 1962ع ۾ جڏهن چين-ڀارت جهڳڙو نمودار ٿيو، ته اسان کي ٻڌايو ويو ته ڀارت کي آمريڪا ۽ برطانيا جي طرفان مليل امداد هنگامي حالتن جي بنياد تي آهي، ۽ اها انهيءَ ڪري ڏني ويئي آهي جو ڀارت کي چين جي طرف کان سنگين خطرو درپيش آهي، ۽ آمريڪا ۽ برطانيا لاءِ اهو ممڪن نه آهي ته هو ڀارت جي مدد نه ڪن. ليڪن اهو چيو ويو هو ته اها امداد هڪ هنگامي نوعيت جي، هڪ خاص مقصد جي سلسلي ۾ آهي، ۽ اها ڪشمير جي معاملي کي ويچار ۾ رکي ڏني وئي آهي. اسان محسوس ڪيو، ته اهو ويچار گهٽ وڌيڪ واضح هجڻ گهرجي ها، ۽ گهٽ وڌيڪ صاف هجڻ گهرجي ها. پر آمريڪا ۽ برطانيا اهو دليل پيش ڪيو ته انهيءَ نقطي تي هنن جي ۽ اسان جي وچ ۾ فقط خيالي فرق آهي، ۽ تنهن کان سواءِ هو ڪشمير کي ڪنهن نه ڪنهن طرح سان ڀارت کي ملندڙ فوجي امداد سان وابسته ڪندا. تنهن بعد، جيئن منهنجي دوست مسٽر فضل الاهيءَ چيو آهي، ناسا ۾، آمريڪا ۽ برطانيا ڀارت کي ٻارهن ڪروڙ ڊالرن جي قيمت جيتري جنگي امداد ڏيڻ جو اعلان ڪيو. وري به اسان کي چيو ويو، ته هيءَ تجويز مستقل نموني جي نه آهي، ۽ انهيءَ جو بنياد ڊگهي عرصي واريءَ پاليسيءَ تي نه آهي، بلڪ اها

فقط اصلوڪي هنگامي امداد کي وسيع ڪرڻ خاطر آهي. تنهن بعد وري، سن 1963ع ۾، برطانوي وزيراعظم مسٽر مئڪميلن ۽ صدر ڪئنيڊيءَ جي گڏيل پذرائي جاري ٿي، جنهن موجب هنن ڀارت کي وڏيڪ ڇهه ڪروڙ ڊالرن جي امداد ڏيڻي ڪئي. سن 1964ع ۾، ڀارت کي بين ڇهه ڪروڙ ڊالرن جي امداد ڏيڻي ڪئي ويئي. هن وقت اسان جي سامهون هي اعلان آهي، ته ڀارت کي آمريڪا طرفان ڊگهي عرصي واري امداد ملندي، جا هر سال اٽڪل ڏهه ڪروڙ ڊالرن جيتري هوندي. انهيءَ جو مطلب ته صورتحال ۾ مڪمل تبديلي اچي چڪي آهي.

انهيءَ تبديليءَ جي ڪري، وقت آيو آهي، ته اسين پنهنجين ذميدارين ۽ پنهنجيءَ موجوده پوزيشن جو مجموعي جائزو وٺون. اسان کي سياسي عهد اقرار ڪيا هئا، پر اهي بلڪل مختلف حالتن ۾ ڪيا ويا هئا. نئين صورتحال اهڙي آهي، جو جيڪڏهن ان جي روشنيءَ ۾ اسان ان جي سياسي ۽ فوجي پهلوئن جو پوريءَ طرح جائزو نه ورتو، ته اها قومي فرض جي ادائگيءَ ۾ اسان جي طرفان ڪوتاهي ٿيندي. اسان جي اتحادين سان انصاف ڪرڻ خاطر به اسان کي ائين ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته جيتوڻيڪ هنن اسان سان ناانصافي ڪئي آهي، پر اسان کي انهن سان انصاف ڪرڻ جڳائي. اسان جا قومي عهدناما اهڙا ته وزندار آهن، انهن مان اسرندڙ جوابداريون ايڏيون ته وڏيون آهن، ۽ اسان جي سالميت ۽ آزاديءَ کي هن وقت ايڏو ته سنگين خطرو آهي، جو جيڪڏهن موجوده حڪومت پنهنجي سياسي ۽ فوجي پوزيشن جو نئين سر جائزو نه ورتو، ته اها پنهنجي عوام سان دوکيبازي سمجهي ويندي. ان جو اهو مطلب نه آهي ته اسان جي پاليسيءَ ۾ ڪا مڪمل يا بنيادي تبديلي اچي رهي آهي.

اسين ڇڙواڳيءَ جو رستو اختيار ڪرڻ نٿا گهرون. اسان تي پنهنجن دوستن جي ذميداري آهي، ۽ اسان تي پنهنجي عوام جي ذميداري آهي. پر ساڳئي وقت انهيءَ حقيقت کان ڪوبه انڪاري نه آهي، ته ملڪ کي هڪ سنگين خطرو درپيش آهي. اسان کي انهيءَ حقيقت کان باخبر ٿيڻو آهي، ۽ مون کي يقين آهي ته ان کان، تعميري طريقي سان، باخبر بنجڻ ۾ ساري قوم حڪومت جو ساٿ ڏيندي. مون کي اهو به ٻڌائڻ گهرجي ته تازو آمريڪا جي بااختيار عملدار، آمريڪا جي قانون ساز مجلس جي هڪ ڪاميٽيءَ اڳيان پنهنجي بيان ۾ چيو، ته جهڙيءَ ريت پاڪستان کي ڊگهي عرصي واريءَ فوجي امداد تي ڀارت پنهنجو پاڻ کي موافق

بنايو هو، اهڙيءَ طرح پاڪستان به جلد ئي ڀارت کي ڊگهي عرصي واري فوجي امداد ڏيڻ تي پاڻ کي موافق بنائيندو. پنهنجن اتحادين ۽ دوستن سان انصاف ڪرڻ خاطر، مان وري به ائين چوڻ مناسب ٿو سمجهان ته هو غلط فهميءَ جو شڪار آهن، ڇاڪاڻ ته ٻنهي حالتن ۾ بنيادي فرق آهي. هڪ طرف، جيتريقدر پاڪستان جو تعلق آهي، اهو ڪن عهدنامن ۾ شامل هو ۽ ان کي شرط قبوليا هئا. انهن شرطن ۽ اقرارن جي پوئواريءَ ۾ ئي پاڪستان کي آمريڪا کان فوجي امداد ملي. جيتريقدر ڀارت جو تعلق آهي، معاملو ان جي برعڪس آهي. جيتريقدر اسان کي معلوم آهي، ڀارت جي حڪومت آمريڪا وٽان ملندڙ فوجي امداد جي سلسلي ۾ ڪو به شرط ۽ ڪو به اقرار نه قبوليو آهي. هي هڪڙو فرق آهي، ٻنهي جي حالتن درميان. ٻيو فرق هي آهي ته ڀارت پاڪستان جي ايراضيءَ کان چؤٽو آهي. جڏهن پاڪستان کي آمريڪا کان فوجي امداد ملي رهي هئي، ته ڀارت ذري گهٽ پنهنجن اعتراضن سان آسمان کي ڏاري ڇڏيو. هيءَ حقيقت آهي، ته فوجي امداد جي پروگرام هيٺ، پاڪستان ڪي شرط قبوليا هئا. هاڻي ڀارت جيڪڏهن پاڪستان بنسبت، جنهن کي پنهنجا وسيلا بلڪل محدود هئا ۽ جو ايراضيءَ ۾ ڀارت جو چوٿون حصو هو، آمريڪا وٽان فوجي امداد ملڻ تي ايتريقدر پريشان ٿيو، ته پوءِ اسان جي حڪومت ۽ عوام جي احساسن کي هرڪو سمجهي سگهي ٿو، سو به اهڙيءَ حالت ۾، جڏهن ڀارت، جيڪو پاڪستان جي ايراضيءَ کان چؤٽو آهي، ڪنهن به شرط شروط کانسواءِ، آمريڪا کان ڊگهي عرصي واري فوجي امداد وٺي رهيو آهي. هي آهن صورتحال جا ٻه فرق. اهو تسليم ڪرڻ گهرجي ته هي فرق اهم نوعيت جا آهن. انهيءَ ڪري، اسان جي طرفان صورتحال سان موافقت ڪرڻ جو ڪو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي.

ڀارت کي ڊگهي عرصي واريءَ فوجي امداد جو ڪشمير جي تڪرار تي اثر دور رس آهي. شروعات ۾ اسان کي چيو ويو ته ڀارت کي ملندڙ هنگامي فوجي امداد ڪنهن طرح ڪشمير جي تڪرار سان ڳنڍيل آهي، ۽ آمريڪا ۽ برطانيا، پنهنجو اثر رسوخ هلائي، ڀارت کي انهيءَ جهڳڙي نبيرڻ تي آماده ڪندا. رفتي رفتي، ڪشمير جو سوال ڀارت جي فوجي امداد کان علحدو ٿي رهيو آهي. آمريڪا سرڪار جي جنهن عملدار جو مون تازو احوال ڏنو آهي، تنهن چيو ته برصغير ۾ سندس ملڪ جا عالمي مفاد ان لاءِ ڪشمير جي جهڳڙي کي حل ڪرڻ

ڪان وڌيڪ اهميت وارا آهن. هاڻي هتي اسان کي بنيادي اختلاف صاف نظر ايندو. آخر انهن عالمي مفادن جو مطلب ڇا آهي؟ آمريڪا جي عالمي مفادن سان لازمي طور ان جي اتحادين جا مفاد ايتري ئي قدر ڳنڍيل آهن. جيتريقدر ان جا پنهنجا مفاد. جيڪڏهن آمريڪا ۽ ان جي اتحادين جي وچ ۾ ڪي مقصد باهمي مفاهمت، باهمي شناس ۽ باهمي پابندين جا آهن، ته پوءِ انهن اتحادين جا مفاد پڻ، جن پاڻ کي آمريڪا سان وابسته رکيو آهي، آمريڪا جي مفادن جو حصو آهن. انهيءَ ڪري، لازمي طور، آمريڪا کي پنهنجن اتحادين جي مفادن جو قدر ڪرڻ گهرجي. هاڻي آمريڪا جا عالمي مفاد سندس اتحادين جي مفادن سان ڪهڙيءَ ريت تڪراءَ ۾ اچي سگهن ٿا؟ مان خيال ئي نٿو ڪري سگهان ته پاڪستان جا بين الاقوامي مفاد-- مان ايتريقدر خوش فهم نه ٿيندس جو انهن کي اسان جا عالمي مفاد چوان-- اسان جي دوستن جي مفادن سان ٽڪرائجي سگهن ٿا. جيڪڏهن ائين ممڪن هجي ها ته بين الاقوامي معاملن ۾ اسان جي اخلاقي توڙي سياسي نظرين ۾ يڪجهتي نه هجي ها. آمريڪا ائين چئي نٿي سگهي ته سندس عالمي مفاد سندس اتحادين جي مفادن سان ٽڪرائجن ٿا، ۽ جيڪڏهن هن ائين چيو آهي، ته پوءِ سندس پوزيشن ۾ بنيادي اختلاف پيدا ٿي ويندو. منهنجي دوست، مسٽر مسيح الرحمان، جي دل ۾ اهائي ڳالهه هئي، جڏهن هن چيو ته قومن کي متحد ٿيڻ لاءِ مقصد جي يڪسانيت ۽ مسئلن لاءِ هڪجهڙي نظريي جي ضرورت آهي. جيڪڏهن آمريڪا جا عالمي مفاد سندس اتحادين جي مفادن سان ٽڪرائجي سگهن ٿا، ۽ جيڪڏهن اهي پاڪستان جي بنيادي قومي مفادن سان ٽڪرائجي سگهن ٿا، ته پوءِ ڏسڻو آهي ته رڳو اسان جي ئي قوم آهي ڇا، جيڪا انهيءَ زمري ۾ ليکي وئي آهي؟

هيءَ ڳالهه منهنجي چوڻ جي نه آهي ته ترڪي ۽ ٻيون قومون به ساڳين سنگين حالتن سان دوچار آهن. پنهنجي اتحادي سلسلي جي ٻئي ڇيڙي جو مشاهدو ڪندي، اسين ڏسون ٿا ته قبرص جي سوال تي اتحادين طرفان عدم حمايت جي ڪري، ترڪ قوم به ڪي قدر رنجيدگي ۽ مايوسي محسوس ڪري ٿي. جيتريقدر پاڪستان جو تعلق آهي، جڏهن ترڪيءَ کي قبرص ۾ سنگين خطرو درپيش ٿيو، تڏهن اسين ترڪيءَ سان پنهنجي اتحادي معاهدي جي ڪري، ۽ ان

سان پنهنجي غيرفاني رشتي جي ڪري، پاڻ کي حق بجانب سمجهي، ترڪ مفاد جي حمايت خاطر مضبوطيءَ سان ميدان ۾ آيا سين. عهدنامن جو مطلب اهو آهي ته انهن ۾ ڪنهن حد تائين ڏي-وٺ جو اصول قبولجي، نه فقط عام حالتن ۾، بلڪ خاص طرح خطري جي حالتن ۾. اسين پنهنجي فرض جي ادائگيءَ ۾ گُسون ها، جيڪڏهن قبرص واري معاملي ۾ اسين ترڪيءَ جي سڏ تي لبيڪ نه چئون ها.

اهڙيءَ طرح، جيڪڏهن پاڪستان کي پنهنجن اتحادين کان رنجش آهي، ته انهيءَ صورتحال ۾ فقط اسين ئي مبتلا نه آهيون. پر ان جي حد ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟ يا ته پنهنجن اتحادين جي ذميداريءَ تي اسين پنهنجن بين الاقوامي مفادن مطابق ڪارروائي ڪريون، يا وري پنهنجن اتحادين کي ڇڏي ڏيون.

اسين فقط اندازن تي قائم رهي نٿا سگهون، ۽ نه وري ڪابه وڏي طاقت ئي ائين قائم رهي سگهي ٿي. ٻين لفظن ۾، ڪا وڏي طاقت به ساڳئي وقت ٻن گهوڙن تي سوار ٿي نٿي سگهي. ان جا پنهنجا عالمي مفاد، سندس اتحادين ۽ دوستن جي مفادن مطابق هئڻ گهرجن، جيڪي ساڻس هڪجهڙن نظرين ۽ خواهشن ۾ شريڪ آهن، ۽ ساڻس کي پابندين ۾ ٻڌل آهن. ٻيءَ صورت ۾، ڪيس تسليم ڪرڻ گهرجي، ته هڪ اهڙي صورتحال پيدا ٿي آهي، جنهن ۾ اتحاد جا معاهدا هاڻي فائديمند نه رهيا آهن، بلڪ هڪ بوجهه ۽ خسارو آهن، ۽ انهيءَ ڪري ڪيس معاهدن واري پاليسيءَ کي ترڪ ڪرڻ گهرجي. پر، جيئن مون چيو آهي، ٻئي گدرا هڪڙيءَ مُٺ ۾ جهلي نٿا سگهجن. اوهين معاهدن جي نظام سان گڏ، پنهنجن اتحادين جي مفادن سان دوکيبازيءَ جو سرشتو قائم نٿا رکي سگهو. گهٽ ۾ گهٽ انهيءَ سلسلي ۾ يڪجهتيءَ جو هجڻ ضروري آهي. مون کي معلوم آهي ته يڪجهتيءَ کي ڪمزور دماغن جي وصف چيو ويو آهي. پر هتي اسين لفظن جي راند نه ڪيڏي رهيا آهيون. هتي اسين نه رڳو پاڪستان جي ڏهه ڪروڙ باشندن جي، بلڪ ساري برصغير جي ٻي انداز آباديءَ جي زندگين ۽ تقدير سان ڪيڏي رهيا آهيون، ڇاڪاڻ ته هن قسم جي صورتحال انهن لاءِ بيحد خطرناڪ حد تائين وڌي سگهي ٿي.

هن هٿيارن جي امداد جي فيصلي جي ڪري، اسين شايد محسوس ڪريون

تہ ڪشمير جو مسئلو اڃا بہ وڌيڪ سخت ٿيو آهي، ۽ ان جو حل اڃا بہ وڌيڪ مشڪل بنجي ويو آهي. مان ڀارت تي سارو الزام نٿو لڳايان. آخر جڏهن ڀارت کي ڪا فوجي امداد ملي ٿي، تہ هو اها ڇونہ وٺي. ڀلي تہ اها امداد وٺي، ليڪن اها حاصل ڪرڻ بعد، ڀارت کي ان جي صورتحال مان پيدا ٿيندڙ خطرا بہ ڏسڻا پوندا. بهرحال، هي هڪ جدا سوال آهي. جيتوڻيڪ مان ڀارت جي حڪومت يا اتي جي عوام تي ايتريقدر الزام نٿو ڏريان، پر مون کي يقين آهي تہ نيٺ هو محسوس ڪندا، تہ هيءَ صورتحال حقيقتاً انهن لاءِ فائديمند نہ آهي. اسين اڄ جنگباز ڀارت کي سندس ڪن اوپر وارن علائقن مان مسلم آباديءَ کي بيدخل ڪرڻ جي پاليسي اختيار ڪنديءَ ڏسي رهيا آهيون. پر جيڪڏهن ڀارت جي فوجي طاقت ۾ ايتريقدر اضافو ڪيو وڃي، جو هو اڃا بہ زياده مضبوط ٿي وڃي، تہ هو ان کي ضرور ڪتب آڻيندو. جيتوڻيڪ عملي طور ڪٿي اها طاقت ڪتب نہ آندي وڃي، پر تڏهن بہ رڳو ان جي موجودگيءَ جي بنياد تي ئي هو ڪافي فتنا کڙا ڪري سگهي ٿو. هڪ اڳرائي ڪندڙ ملڪ لاءِ ضروري نہ آهي، تہ هو هٿياربند حملي ڪرڻ جو طريقو اختيار ڪري. دراصل، ان کي لڙائيءَ جي ضرورت ئي ڪانہ ٿيندي. اهو ضروري نہ آهي تہ پاڪستان تي عملي طرح حملو ڪيو وڃي ۽ توبن جو رخ اسان ڏانهن موڙيو وڃي. ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ طاقت جو فرق ۽ عدم توازن ايترو تہ وڌي ويندو، جو عام حالتن ۾ اهو ڪمزور پاسي واري ملڪ کي احساس ڪمتريءَ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو. ائين برابر آهي تہ پاڪستاني قوم آسانيءَ سان دلشڪستي نہ ٿيڻي آهي. تنهن هوندي بہ، ظاهري طرح، طاقت جي اڻ برابري هوندي بہ مناسب نہ آهي، ۽ مان اڻ برابريءَ جو لفظ ٻنهي پاسن کي پيٽڻ جي خيال کان ڪتب آڻيان ٿو، ڇاڪاڻ تہ اسان کي معلوم آهي، تہ طاقت جي استعمال کان سواءِ ئي ان مان ڇا ڇا حاصل ڪري سگهجي. هڪ اڳرائي پسند، طاقت جي برتري رکڻ واري ملڪ کي طاقت جي استعمال ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪانهي. مثال طور، جيڪڏهن ڪنهن ائٽمي طاقت رکندڙ ملڪ کي ڪنهن غير ائٽمي طاقت واري ملڪ خلاف ڪي مقصد حاصل ڪرڻا آهن، تہ ان کي طاقت استعمال ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي. اهڙي صورتحال پيدا ٿي سگهي ٿي، جنهن ۾ ڀارت طاقت کي استعمال ڪرڻ بدران صرف طاقت جي مظاهري ڪرڻ سان، پنهنجن مقصدن کي حاصل ڪرڻ جي

ڪوشش ڪري- ۽ ڀارت هميشه پاڪستان خلاف طاقت استعمال ڪئي آهي. پنهنجيءَ مضبوط فوجي طاقت جي مظاهري سان، ڀارت اهي پاليسيون اختيار ڪري سگهي ٿو، جي صلح سانت يا پاڪستان سان خيرخواهيءَ واري ناتي سان ناموافق هجن. جيڪڏهن اڄ اسان کي هڪ اهڙي صورتحال سامهون آهي، جو مسلمانن کي ڀارت مان ڪُلي طرح بيدخل ڪيو پيو وڃي، ته پاڪستان اهڙن واقعن کي فراموش نٿو ڪري سگهي. اسان کي اهڙيءَ صورتحال تي غور ڪرڻو آهي، ڇاڪاڻ ته انهن ماڻهن جي اسان تي اخلاقي ذميداري آهي.

اسان پنهنجن مخالف ڌر جي دوستن کي چوندي ٻڌو آهي: "اوهين ڀارت مان اتي جي مسلمانن جي بيدخليءَ واري سوال کي اقوام متحده ڏانهن ڇو نٿا رجوع ڪريو؟" اسين بيدڙڪ ائين ڪريون ها، جيڪڏهن انهيءَ سوال جو اهوئي جواب هجي ها. اسان اقوام متحده جي پڙنامي جو مطالعو ڪيو آهي، ۽ اسين ان جي حدبندين کان باخبر آهيون. اقوام متحده ڪو بالا ۽ برتر ملڪ يا ڪا اعليٰ ترين عدالت ڪانه آهي. اها فرمان يا حڪمناما جاري نه ڪندي آهي، جن کي لازمي طور مڃڻو پوي. ان جي پڙنامي جون پنهنجون حدون آهن، ۽ اهڙن مسئلن کي اقوام متحده ڏانهن رجوع ڪرڻ ۾ جيڪي رنڊڪون آهن، تن جي اسان کي خبر آهي. نيٺ به اسان کي، يعني پاڪستان جي عوام کي ئي انهن مسئلن کي منهن ڏيڻو ۽ انهن جو سدباب ڪرڻو آهي. انهيءَ جو مطلب ڪهڙو آهي؟ جيڪڏهن ڪشمير ۽ ڀارت جي مسلمانن جي بيدخليءَ وارا مسئلا حل ٿيڻ کان رهجي ويا، ۽ ساڳئي وقت، جيڪڏهن مغربي فوجي امداد جي ذريعي ڀارت روزبروز طاقتور ٿيندو ويو، ايتريقدر جو ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ طاقت جي توازن هجڻ جو سوال ئي نه رهيو، ته انهيءَ جو مطلب اسان لاءِ هڪ هيبتناڪ ۽ اونداهي مستقبل جو آهي. انهيءَ صورتحال کي نظر ۾ رکندي، اسان کي پنهنجين ذميدارين جو نئين سر جائزو وٺڻ گهرجي.

☆

[8]

## ڪامن ويلٿ ڪانفرنس - ترقيءَ لاءِ علاقائي سهڪار جو ناهه - بيدخل پارٽي مسلمان - سريلنڪا، برما ۽ نيپال - ڪشمير - آمريڪا سان لاڳاپا - قبرص جو سوال - چين سان لاڳاپا - بنيادي ڦيرگهير بنا پاليسي

(21- آگسٽ، 1964ع)

مخالف ڌر جي اڳواڻ ۽ سندس ساٿين، جن اڄ صبح جو تقريرون ڪيون آهن، جيتوڻيڪ بنيادي طور حڪومت جي پرڏيهي پاليسيءَ سان نااتفاقي نه ڏيکاري آهي، تنهن هوندي به ان تي حملا ڪيا آهن، ۽ جيئن مان ثابت ڪندس، ڪي اهڙا بيان ڏنا آهن، جي صحيح نه آهن. هنن اهو به پڇيو آهي، ته اسان جي پرڏيهي پاليسيءَ جا اهم اصول ڪهڙا آهن. هو معلوم ڪرڻ چاهين ٿا، ته وڏين طاقتن بنسبت اسان جو حقيقي رويو ڪهڙو آهي؟ هنن اسان کان آمريڪا سان لاڳاپن جي صاف صاف وضاحت طلب ڪئي آهي، ۽ عوامي چين سان لاڳاپن جي باري ۾ به ساڳئي قسم جي وضاحت گهري آهي. پنهنجين تقريرن ۾ هنن چيو ته ماضيءَ ۾، يعني هن حڪومت جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ، ڪين انهن ۽ ٻين ڪيترن ملڪن سان پاڪستان جي لاڳاپن جي چڱيءَ طرح خبر هئي، پر موجوده وقت ۾ هو انهن بابت ڪا به واضح معلومات نٿا رکن. آئون انهيءَ ڪري صورتحال جي وضاحت ٿو ڪريان.

هن حڪومت جي اقتدار ۾ اچڻ کان اڳ، پاڪستان جي بنيادي ۽ اهم مفادن کان قطع نظر، اسان جو ملڪ مڪمل طرح هڪ خاص طاقت جي بينڪ بنيل هو. اها حالت چڱيءَ طرح پڌري هئي. پاڪستان جا مفاد ڪهڙا هئا ۽ انهن کي ڪهڙيءَ ريت نقصان پهچي رهيو هو؟ تنهن کان بيپرواهه بنجي، اڳين حڪومتن کي رڳو انهيءَ خاص طاقت جي اشارن تي عمل ڪرڻو هو، بلڪ ان حد تائين اهي

تابعدار هيون جو ڪن ٻين ملڪن سان دشمنيءَ وارو سلوڪ ڪنديون رهيون.

سن 1958ع تائين اها حالت هئي. پاڪستان جي هاڻوڪي حڪومت اُها پرڏيهي پاليسي اختيار ڪري رهي آهي، جيڪا ٻئي ڪنهن به معاملي بنا، صرف ملڪ جي اهم مفادن جي خيال تي ٻڌل آهي. جهڙوڪ: ان جي سلامتيءَ جون بنيادي ضرورتون ۽ ان جي عوام جي بهبودي. هيءَ اها پاليسي آهي، جنهن ۾ اسان جا مستقل قومي مفاد سمايل آهن، جن جي بچاءُ لاءِ، اسان کي معلوم آهي ته پاڪستان جو عوام موجوده حڪومت جو ساٿ ڏيڻ لاءِ هردم تيار ٿيندو، هر قسم جون تڪليفون سهندو، ۽ هر قسم جون قربانيون پيش ڪندو، جن جي هنن کان تقاضا ڪئي ويندي. اسان پنهنجن پاڙيسري ملڪن سان خوشگوار ۽ دوستاڻا لاڳاپا قائم ڪيا آهن، ڇاڪاڻ ته ان ۾ به پاڪستان جي ڀلائي آهي. اڳين حڪومتن جي اختيار ڪيل محڪوم ۽ پوڙهي پاليسيءَ جي ڪري، هڪ غلام ۽ ماتحت جي حيثيت سان پنهنجيءَ هلت تان هٽڻ جي ڪين ڪا به جرائت ڪا نه هئي، ۽ ڪين ڪو به اونو ڪو نه هو، ته سندن انهيءَ هلت جي ڪري پاڪستان جي مفادن کي ڪيتريقدر نقصان پهچي رهيو آهي. ان جي ابتڙ، موجوده حڪومت، جڏهن به پاڪستان جا مفاد اهڙو مطالبو ڪن ٿا، وڏين طاقتن سان به، جي ان جون اتحادي آهن، اختلاف راءِ ڪرڻ کان نٿي هٻڪي. اسان جي پاليسي خودداريءَ ۽ خوداعتماديءَ جي آهي. اهوئي سبب آهي، جو پاڪستان جو وقار ساريءَ دنيا ۾، ۽ خاص طرح ايشيا ۽ آفريقا ۾، بلند ٿي ويو آهي.

ميمبرن جي تقريرن ۾ ڪامن ويلٿ واريءَ پڌرائي ڏانهن به ڪي قدر اشارو هو. مخالف ڌر جي محترم اڳواڻ چيو، ته اسان انهيءَ پڌرائيءَ کي تيليءَ مان تنبُ بنائي ڇڏيو آهي. مان انهيءَ سلسلي ۾ ايوان اڳيان ڪي حقيقتون پيش ڪريان ٿو. اهي اسين نه آهيون، جن هن پڌرائيءَ کي تيليءَ مان تنبُ بنائي ڇڏيو آهي، بلڪ، ان جي ابتڙ، اهو ڀارت آهي، جنهن ائين ڪيو آهي. انهيءَ پڌرائيءَ ۾ پاڪ- ڀارت تڪرار بابت آيل حوالي خلاف، ڀارت محاذ کٽي ڪڙو ڪيو آهي. انهيءَ سلسلي ۾، مان ايوان جي اڳيان ڀارت جي اطلاعات کاتي جي وزيرياڻي، مسز اندرا گانڌي، جا ڪامن ويلٿ ڪانفرنس ۾ ڀارتي وفد جي هڪ ميمبر هئي، تنهن جي ڏنل بيان کي دهرائيندس، جيڪو هن پنهنجي ملڪ ڏانهن موٽندي، لنڊن مان رواني ٿيڻ کان

ڪجهہ وقت اڳ ڏنو هو. سوال: ”گذريل چند ڏينهن کان اخبارن ۾ اهي خبرون اچي رهيون آهن تہ ڪامن ويلٿ مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ ڀارت ۾ زبردست هلچل هلي رهي آهي. اسان کي ان بابت خبر پئي آهي، تہ اها هلچل لڳاتار اُتي جاري هئي. گمان ڪري سگهجي ٿو تہ اوهان جي والد ڪنهن مقصد سان ڀارت کي ڪامن ويلٿ ۾ شامل رکيو. اوهان جي خيال موجب، ڀارت ڏهہ يا ويهہ سال ان ۾ شريڪ رهندو يا نہ؟“ جواب: ”ڪنهن بہ ڳالهہ جي اڳڪٿي ڪرڻ تمام مشڪل آهي. اهڙي هلچل شروع کان وٺي ئي چالو هئي، پر هن وقت (پڏرائيءَ ۾) ڪشمير جي حوالي اچڻ ڪري سخت ناراضگي پيدا ٿي رهي آهي. اهو دستور پئي رهيو آهي، تہ ڪن بہ اندروني معاملن تي (ڪانفرنس ۾) بحث نہ ڪجي، ڇاڪاڻ تہ (جيڪڏهن ائين ڪيو ويو تہ) پوءِ اوهين اڳتي ڇُري نہ سگهندا. اسان جي مالي وزير مسٽر ڪرشنا مچاريءَ کي، جو اسان جي وفد جو اڳواڻ هو، ان جو اڳ ۾ ئي انديشو هو، ۽ انهيءَ بابت هن ڪانفرنس کي واقعي خبردار ڪيو هو.“ سوال: ”ڇا، اوهين سمجهو ٿيون تہ پڏرائيءَ ۾ ان جو ذڪر ايتريقدر ناراضگي پيدا ڪري سگهي ٿو، جو انهيءَ مسئلي جي ڪري ڀارت ڪامن ويلٿ مان ٻاهر نڪري اچڻ لاءِ تيار ٿي وڃي؟“ جواب: ”جيئن اوهان پاڻ ذڪر ڪيو آهي، ايتريقدر ناراضگي واقعي آهي. مان ڀارت ۾ نہ آهيان، انهيءَ ڪري مون کي فقط ايتروئي معلوم آهي، جيترو اسان جي اخبارن بيان ڪيو آهي.“

هاڻي، هي بيان نڪو پاڪستاني وفد ڏنو آهي، نڪو ان جي طرفان ئي ڏنو ويو آهي. اهو ڀارت جي اطلاعات کاتي جي وزيرياڻيءَ ڏنو هو، جا ڀارتي وفد جي ميمبر هئي. خود ڀارت اندر ئي، پڏرائيءَ ۾ ڪشمير بابت حوالي جي ڪري، ڪانگريس پارٽيءَ ۾ ۽ اخبارن ۾ هنگامو برپا ٿيو، جو ڀارت جي ناراضگيءَ جو عڪس هو. اسين انهيءَ لاءِ ڪو داد طلب نہ ڪري رهيا آهيون، ليڪن معاملي جي حقيقت هيءَ آهي، تہ سترهن سالن ۾ پهريون دفعو هن حوالي جي قسم جي ڪا چيز پيش ٿي. جيئن مخالف ڌر جي اڳواڻ چيو آهي، اهو ڪو معجزو ڪونہ هو، پر تنهن هوندي بہ انهيءَ لاءِ ضرور ڪو معقول سبب هوندو. ايوان کي ياد هوندو تہ سن 1951ع ۾ وزيراعظم لياقت علي خان ڪامن ويلٿ ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ لنڊن وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو، جيستائين کيس اها خاطري نہ ڏني ويئي، تہ

ڪشمير تي بحث ٿيندو، پر ڪٿي اُهو ڪانفرنس کان ٻاهر ۽ غير رسمي طور ٿئي. ان وقت صرف انهيءَ ڳالهه ڪي ئي، ته پاڪستان جو وزيراعظم اهڙي قسم جي خاطري حاصل ڪري سگهيو، هڪ وڏي ڪاميابي سمجهيو ويو. موجوده حالت ۾، ڪانفرنس ۾ ڪشمير جو حوالو ڏنو ويو، ۽ ان تي بحث ڪيو ويو، جنهن ۾ ارڙهن مان سترهن ملڪن حصو ورتو، ۽ سڀني پاڪستان جي حمايت ڪئي. منهنجي خيال ۾ هي اهڙو واقعو آهي، جيڪو قابل غور آهي. مون کي اميد آهي ته مخالف ڌر جا ميمبر جيڪڏهن پاڻ انهيءَ جي اهميت کي تسليم ڪرڻ جا خواهشمند نه آهن، ته گهٽ ۾ گهٽ پاڪستان جي عوام کي ائين ڪرڻ جي اجازت ڏيندا.

استنبول واري اقرارنامي بابت مون اڳ ۾ ئي اهو صاف ڪري ڇڏيو آهي، ته هي اقرارنامو اقتصادي، سماجي ۽ ثقافتي سهڪار جو آهي، ۽ ڪنهن کي به ان مان ٻيا اجايا مطلب نه ڪڍڻ کپن. اهو ضروري نه آهي ته هن قسم جي ناهه يا اقرارنامي (Agreement) کي، جيڪو ڪو معاهدو نه آهي، واسطيدار ملڪن جي پارليامينٽن ۾ نيو وڃي. ايران يا ترڪي يا پاڪستان ۾ ائين نه ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن اهو ڪو معاهدو هجي ها، ته واسطيدار ملڪن جا آئين ان کي پنهنجين پنهنجن پارليامينٽن ڏانهن رجوع ڪرڻ جي طلب ڪن ها. ليڪن هي هڪ اقرارنامو آهي-- اقتصادي، سماجي ۽ ثقافتي اقرارنامو. دراصل، ماضيءَ ۾ اسين ٻين ملڪن سان ڪيترائي اقرارناما ڪري چڪا آهيون.

هن مسئلي جو هڪ ٻيو پهلو به آهي، جو نهايت اهميت وارو آهي. جيڪي ٽي ملڪ هن ناهه ۾ شريڪ آهن، سي سن 1955ع کان هڪ معاهدي جي ذريعي ڪن ٻين ملڪن سان ڳنڍيل آهن، جي جاگرافيائي يا ثقافتي طور انهن سان ڳنڍيل نه آهن. بهرحال، هي نئون ناهه انهيءَ معاهدي جي دائري کان ٻاهر، هڪ بامقصد ۽ تعميري طريقي ۾، اقتصادي، سماجي ۽ ثقافتي سهڪار جو وسيلو بنجي ٿو. انهيءَ لحاظ کان، هي ناهه پنهنجي اهميت رکي ٿو. اچو ته فرض ڪريون، ته هن قسم جو ناهه بغداد معاهدي جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ به موجود هو، ۽ هو ايران، ترڪي، پاڪستان ۽ عراق تائين محدود هو. پوءِ، جيستوڻيڪ عراق پنهنجي پاليسيءَ موجب بغداد معاهدي مان نڪري اچڻ لاءِ مجبور ٿي وڃي ها، تڏهن به اهو لازمي نه

ٿئي ها، ته هو هڻ علاقائي سهڪار جي ناهه (Regional Co-operation Agreement) ڪان به ٻاهر نڪري اچي ها. انهيءَ حالت ۾ به عراق سان اسان جا لاڳاپا سرگرم ۽ دوستاڻا رهن ها، جهڙيءَ طرح حقيقتاً هن وقت آهن، بلڪ اسان جو باهمي سهڪار گهٽ وڌيڪ هجي ها. انهيءَ نقطه نظر کان به، 'ترقيءَ لاءِ علاقائي سهڪار' (R.C.D) اهميت وارو آهي. تنهن کان سواءِ، اسين برصغير جي ٻين ملڪن کي اسان سان اقتصادي، سماجي ۽ ثقافتي دائرن ۾ سهڪار ڪندو ڏسڻ چاهيون ٿا. سچ پچ ته اسان ۽ اسان جي سيني پاڙيسري ملڪن جي وچ ۾ علاقائي سهڪار ممڪن آهي. اسان کي اها فوقيت حاصل آهي، ته هڪ طرف اولهه پاڪستان وچ اوڀر سان ملحق آهي، ۽ ٻئي طرف اوڀر پاڪستان جي ڏکڻ-اوڀر ايشيائي ملڪن سان جاگرافيائي ويجهڙائي آهي. اهي ملڪ پڻ هن يا هن جهڙي ڪنهن ٻئي سهڪار جي سرشتي ۾ شريڪ ٿي سگهن ٿا. اهڙيءَ طرح، جنهن به عوام غريب آهي ۽ ان کي ترقيءَ جي ضرورت آهي، اهي پنهنجن وسيلن کي سيني جي عام فائدي لاءِ يڪجا ڪري، مجموعي ڪوشش جي ذريعي، ٻين فائدن سان گڏ، جديد فني فائدا به حاصل ڪري سگهن ٿا. منهنجي خيال ۾، ترقيءَ جي علاقائي سهڪار واري ناهه ۾ گهٽ نئي فائدن جي گنجائش آهي. انهيءَ ناهه هيٺ ايران، ترڪي ۽ پاڪستان جا پندرنهن ڪروڙ باشندا هڪٻئي جي مدد ڪندا ۽ وقت تي ٻيا ملڪ به ان ۾ شامل ٿي سگهندا. اڄ اسين فقط ان ڳالهه جا متمني آهيون، ته غربت جي داغ کي ميسار جي ۽ پنهنجي عوام جي زندگيءَ کي بهتر بنائجي، ۽ انهيءَ مقصد سان ڏسڻو آهي، ته ڪيئن اسان جا وسيلا بهترين طريقي سان ڪتب اچي سگهن ٿا. مون کي يقين آهي ته ترقيءَ جي علاقائي سهڪار جو خيال ٻين ملڪن ۾ پڻ همدرديءَ جو تاثر پيدا ڪندو.

اسان کان پڇيو ويو آهي، ته هن ناهه ڏانهن عربن جو ڪهڙو ردعمل ٿيندو؟ ان ڏانهن چين جو ڪهڙو ردعمل ٿيندو؟ عام طرح، جيتريقدر عرب دنيا جو تعلق آهي، هن وقت تائين ان جو ردعمل ناموافق نه رهيو آهي. ايوان جي ڪن ميمبرن هن باري ۾ ڪن ملڪن ۾ شايع ٿيل چوپڙين جو ذڪر ڪيو آهي، جي دراصل رواجي قسم جون آهن. اسين انهن کي ذميدار اظهار راءِ جي حيثيت نٿا ڏيئي سگهون، ۽ نڪي ڪي اهو مناسب ٿيندو، ته عرب دنيا جي مجموعي تاثر جي ثبوت لاءِ ڪنهن

اخبار جو رڳو هڪڙو حوالو پيش ڪيو وڃي. اوهين دنيا جي ڪنهن به حصي ۾ هڪ اهڙي اخبار ڳولي سگهندا، جيڪا هر قسم جي ترقيءَ تي تنقيد ڪندي هجي. اسان کي غير ذميدار اخباري اطلاعن جي ڪري بدگمان نه ٿيڻ گهرجي. مجموعي طرح عرب دنيا جو ردعمل 'ترقيءَ جي علاقائي سهڪار' ڏانهن ناموافق نه رهيو آهي، ۽ اسان کي اميد آهي، ته عرب دنيا ان بابت مخالف رويو اختيار نه ڪندي، ڇاڪاڻ ته انهيءَ ۾ ڪا به اهڙي ڳالهه نه آهي، جيڪا هنن لاءِ نقصانڪار ثابت ٿئي. ٻئي طرف، جيڪڏهن هو انهيءَ تي مناسب ۽ همدردانه غور ڪندا، ته کين معلوم ٿيندو، ته هو خود به هن نظام مان فائدو وٺي سگهن ٿا.

جيتريقدر عوامي چين جو تعلق آهي، ان جي طرفان مفيد ردعمل رهيو آهي. هن علاقائي سهڪار جي ڪوشش کي ساراهيو آهي، ۽ ان کي آفريقي-ايشيائي استحڪام لاءِ هڪ اهم ڪارنامو شمار ڪري ٿو. اهڙو اظهار چين جي رعيتي راڄ جي صدر، وڏي وزير ۽ پرڏيهي وزير ڪيو آهي. هاڻي، جنهن حالت ۾ ساريءَ دنيا هن علاقائي تنظيم کي پسند ڪيو آهي، ۽ جيڪي ملڪ ان ۾ شامل ٿيا آهن، تن جي عوام لاءِ ان ۾ خوشحاليءَ جي عظيم تر ترقيءَ جا امڪان سمايل آهن، ته پوءِ مان سمجهي نٿو سگهان ته مخالف ڌر جي اڳواڻ ۽ سندس پوئلڳن کي ڇو ان باري ۾ سخت مزاج ٿيڻ گهرجي. هيءَ ڳالهه سمجهه ۾ اچي سگهي ٿي، ته اهو ڪارنامو موجوده حڪومت جي هٿان سرانجام ٿيو آهي، تنهنڪري کين ان تي تنقيد ڪرڻ گهرجي. ليڪن منهنجي خيال ۾ اهو مناسب نه آهي، ته هو هن حڪومت جي خلاف ايتريقدر نفرت رکن، جو ان جي سودمند ڪمن مان به عيب ڪڍن، ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجيءَ نفرت کي نه صرف پاڪستان جي عوام ۾ بلڪ ٻين ملڪن جي باشندن ۾ به پکيڙين. هيءَ تنظيم، جنهن جو اسين ذڪر ڪري رهيا آهيون، سا اسان جي هڪ تاريخي حاصلات آهي. پاڪستان جي صدر ان جي تڪميل لاءِ هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو، ۽ اهڙي ئي آڌرڀاءُ جو مستحق هو، جهڙو ڪنهن سورمي جو ٿي سگهي ٿو، ۽ جيڪو سندس پنهنجي ملڪ ڏانهن واپس اچڻ وقت ڪيو ويو هو.

مخالف ڌر جو محترم اڳواڻ ڪشمير بابت اسان جي پاليسيءَ تي سدائين نڪته چيني ڪندو رهيو آهي. اسان کي چيو ويو آهي، ته ڀارت جي حڪومت سان

ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ لاحاصل آهي. اوهان کي ياد هوندو تہ جنهن وقت پارٽي حڪومت سان اسان ڳالهين جا ڇهہ دور هلايا، تہ ايوان ۾ انهن خلاف شور مچايو ويو، ۽ انهن ۾ شريڪ ٿيڻ تي مخالف ڌر جي ميمبرن حڪومت جي ملامت ڪئي هئي. هو پاڻ تسليم ڪن ٿا، تہ ڪشمير جي مسئلي کي حل ڪرڻ جا فقط ٻہ طريقا آهن: هڪڙو لڙائيءَ جو، ۽ ٻيو سڌيءَ طرح ڳالهين هلائڻ جو. مخالف ڌر جو اڳواڻ انهيءَ ڳالهہ کي تسليم ڪري ٿو، تہ سن 1949ع ۾ جيڪا جنگبندي عمل ۾ آئي، سا ڪشمير جي مسئلي کي لڙائيءَ واري طريقي سان حل ڪرڻ جي امڪان کي رد ڪري ٿي. بهرصورت، هڪ دانشمند انسان ۽ ڪافي پارن جي پيءُ هجڻ جي حيثيت ۾، هو لڙائيءَ جي تباهڪارين کان ۽ زندگين ۽ ملڪيتن جي بربادي کان باخبر آهي. انهيءَ ڪري هو لڙائيءَ کي تڪرارن نبيرڻ جو ذريعو نٿو مڃي، ۽ تسليم ٿو ڪري، تہ انهن جي حل لاءِ صرف ڳالهين هلائڻ جوئي واحد طريقو آهي. پر جڏهن اسين ڳالهيون هلايون ٿا، تہ ساڳئي جوش ۽ فصاحت سان، هو اسان جي ڪارگذاريءَ جي مخالفت ڪري ٿو.

هن رويي جو سبب فقط هيءُ آهي، تہ مخالف ڌر کي حڪومت جي هر ڪنهن ڪم تي نڪتہ چيني ڪرڻي آهي ۽ هر حال ۾ ان جي عيب جوئي ڪرڻي آهي. پر عملي طرح اهو رويو قطعاً غيرمفيد آهي. تنهن کان سواءِ، هن پارٽ سان ڳالهين بابت پنهنجو اعتراض پيش ڪيو آهي. هو چوي ٿو، تہ اسان کي ڳالهيون هلائڻ گهرجن، پر صرف پنهنجن شرطن جي بنياد تي. ٻن ڌرين جي دوبدو ڳالهين ۾، پنهنجي سر، ڏي ۽ وٺ جو جذبو، سنجيدگي، نا هہ ۽ فراخدلي سمايل آهي. هڪ طرف هو چوي ٿو، تہ اسان کي ڪنهن بہ حالت ۾ مانائي، فراخدلي ۽ ناهہ تي آمادگي نہ ڏيکارڻ گهرجي؛ ٻئي طرف چوي ٿو، تہ پاڪستان جي حڪومت کي ڳالهيون هلائڻ گهرجن.

دراصل پارٽ جي اڳواڻن سان بہ اسان جي بنيادي دشواري ساڳي آهي. پارٽ چو پاڪستان سان يا پنهنجي ڪنهن پاڙيسريءَ سان پنهنجن مسئلن کي طي نہ ڪري سگهيو آهي؟ ان جو هڪڙو سبب اهو بہ آهي، تہ پارٽ جي حڪومت ڳالهين هلائڻ لاءِ گهربل جذبي کان خالي آهي. ماضيءَ جي تجربي ڏيکاريو آهي، تہ پارٽ مناسب ۽ منصفانہ بنياد تي ڏي -وٺ جي اصول جو قائل نہ آهي. اهوئي

سبب آهي جو ان جا پاڪستان ۽ ٻين پاڙيسري ملڪن سان تڪرار آهن. تازوئي، اسان ڏٺو آهي، ته ڀارت جي سريلنڪا واري هاءِ ڪمشنر، تامل زبان جي نمائندن جي ميٽنگ ۾ پنهنجيءَ تقرير ۾ چيو ته جلدئي اهو وقت ايندو، جڏهن تامل ٻولي سريلنڪا ۾ پنهنجو جائز درجو حاصل ڪندي. قدرتي طور، انهيءَ بيان جي ڪري سريلنڪا ۾ تاءُ پيدا ٿيو. ڀارت ٻين ملڪن جي معاملن ۾ مداخلت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، بلڪ انهن مٿان پنهنجي مرضي مڙهڻ جي ڪوشش به ڪري ٿو. هن روش نه رڳو پاڪستان لاءِ، بلڪ اسانجن پاڙيسري ملڪن لاءِ به مسئلا پيدا ڪري ڇڏيا آهن. مان هڪ خاص مسئلي جو ذڪر ڪرڻ چاهيندس. جيتريقدر ڀارتي مسلمانن کي پاڪستان ڏانهن لوڏي ڪيڻ جو تعلق آهي، ڀارت جي دعويٰ آهي، ته هڪ خود مختيار حڪومت جي حيثيت ۾ ڪيس پنهنجن مسلمان شهرين کي ملڪ مان خارج ڪرڻ جو حق حاصل آهي. هو يڪطرفي ۽ جبري فيصلي ڪرڻ جي حق جي دعويٰ ڪري ٿو، ته ڀارت جا مسلمان ڀارت جا شهري نه آهن، بلڪ پاڪستان جا داخل ڪيل آهن. انهيءَ بهاني سان، انهن کي ڀارت منجهان لوڏي پاڪستان اماڻيو وڃي ٿو. جيتريقدر ڀارتي مسلمانن جو تعلق آهي، ڀارت جي روش اها آهي. سريلنڪا جي حالت ۾، ڪئين لک تامل، جيڪي ڀارت جا شهري آهن، ان نندڙي ٻيٽ ۾ ويا آهن. سريلنڪا جي حڪومت کان ڀارت مطالبو ڪيو آهي، ته ڪنهن به صورت ۾ انهن کي ڀارتي شهري ڪري نه ليکيو وڃي. ڀارت سرڪار جي خيال موجب، سريلنڪا جي حڪومت کي انهيءَ قسم جو ڪو به حق نٿو پهچي، ته هنن ڀارت کان آيل ماڻهن کي، جيڪي سريلنڪا ۾ سالن کان وٺي پئي داخل ٿيا آهن، داخل ٿيل چيو وڃي، ۽ زياده ۾ زياده سريلنڪا جي حڪومت انهن کي غير ملڪي شهري ظاهر ڪري. هاڻي، جڏهن سريلنڪا جي حڪومت ڀارت جي حڪومت کي چوي ٿي ته انهن ماڻهن جي اصليت بابت ڳالهه ٻولهه هلائي وڃي، ته ڀارت جي حڪومت انڪار ڪري ٿي. جڏهن اسين ڀارت جي حڪومت کان مطالبو ٿا ڪريون، ته ڀارت سان بيدخل ڪيل مسلمانن جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ ڳالهه ٻولهه ڪجي-- ۽ انهن جي قوميت ۽ اصليت جي ڇنڊڇاڻ ڪري سگهجي ٿي-- ته ڀارتي حڪومت ائين ڪرڻ کان انڪار ڪري ٿي. جڏهن اسين چئون ٿا، ته هڪ بين الاقوامي ڪميشن يا ڪو ٻيو ادارو هئڻ گهرجي، جو هن

مسئلي جي فيصل ۾ مدد ڪري، تہ پارت انهيءَ تجويز کي قبول ڪرڻ کان انڪاري آهي، ۽ دعويٰ ڪري ٿو، تہ پنهنجي فيصلي جي بنياد تي، تہ آيا هو پارتي آهن يا پاڪستاني، ڪيس ئي انهن کي پارت مان باهر هڪلڻ جو حق حاصل آهي. جڏهن سريلنڪا پارت کان مطالبو ڪري ٿو تہ ڳالهہ ٻولهہ ذريعي يا ڪنهن مصالحتي ڪميشن يا ڪنهن ٻئي دستور العمل جي ذريعي، سريلنڪا ۾ داخل ٿيل پارتين جي اصليت بابت فيصلو ڪيو وڃي، تہ پارت انڪاري آهي ۽ دعويٰ ڪري ٿو تہ سريلنڪا جي حڪومت کي ڪوبہ حق ناهي، تہ انهن کي پارتي شهري تصور ڪري. پارت جي نظرين جو اهو نامناسب استعمال ئي آهي، جو پارت ۽ ان جي پاڙيسرين جي وچ ۾ دشوارين جو باعث آهي. اسان کي سريلنڪا سرڪار جي جائز شڪايتن سان همدردي آهي. اسان کي اهو فراموش ڪرڻ نہ گهرجي تہ سريلنڪا اسان جو هڪ مکيہ ۽ دوست پاڙيسري آهي.

جيستريقدر بيدخلين جو تعلق آهي، اسان پارت کي ڳالهين هلائڻ جي آڇ ڪئي آهي. اسان فيصلي لاءِ ٻيا بہ طريقا تجويز ڪيا آهن، جهڙوڪ: مصالحت يا ڪنهن قسم جو دستور العمل. پارت ڪنهن بہ تجويز قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي. هنن بدنصيب پارتي مسلمانن کي اوپر پاڪستان ڏانهن هڪليو وڃي ٿو، جا تمام ڳتيل آباديءَ واري ايراضي آهي، ۽ اڳي ئي پرپور آهي. اسين هنن ماڻهن کي داخل ڪرڻ کان مجبور آهيون. هي بيدخليون پاڪستان خلاف هڪ قسم جي اقتصادي اڳرائي آهي. اسان جي صبر جو پيمانو لبريز ٿي رهيو آهي، ۽ اهڙو وقت، بدقسمت وقت، شايد اچي ۽ صورتحال اهڙي ابتر ٿي وڃي، جو اسان کي خود پنهنجي زندگيءَ خاطر، اک جي بدلي اک ۽ ڏند جي بدلي ڏند واري اصول تي هلڻ لاءِ مجبور ٿيڻو پوي.

مان هاڻي برما ۾ ملڪيتن کي قومي بنائڻ وارن قانونن لاڳو ٿيڻ کان پوءِ، جي پيدا ٿيل تاثرات بابت ذڪر ڪندس. انهن قانونن جي ڪري، اسان کي برما سان پنهنجن لاڳاپن ۾، اتي رهندڙ پنهنجن باشندن جي مفاد خاطر، ڪي درستيون ڪرڻيون پيون. پر اهو برما جي حڪومت سان مفاهمت ۽ تعاون جي جذبي سان ڪيو ويو. بهرحال، پارت طرفان اهڙي جذبي جو ڪوبہ اظهار نہ ڪيو ويو. ان برما جي ملڪيتن کي قومي بنائڻ وارن نون قانونن جي پڇڪڙي ڪئي، ۽ رنگون ۾

پنهنجي سفارتخاني کي هڪ بئنڪ ۾ تبديل ڪري، برما ۾ پنهنجن شهرين جي دولت جو هڪ گدام بنايو. نتيجي طور، برما ۽ ڀارت جي لاڳاپن ۾ ڪشيدگي پيدا ٿي ويئي. اسان، پاڪستان اندر، برما سان 'نيف' نديءَ واري مسئلي کي ڏي ۽ وٺ جي جذبي سان حل ڪرڻ قبول ڪيو. ساڳئي قسم جي صورتحال ۾، ڀارت ائين ڪرڻ کان انڪار ڪيو، ۽ برما سان ان جي نيف واري سرحد اڃا تائين اڻ فيصل آهي.

نيپال ۽ ڀارت جا لاڳاپا شايد هاڻي سڌري رهيا آهن. اسان کي پوري اُميد آهي، ته اهي سڌرندا. بهرحال، ماضيءَ ۾ انهن ٻنهي ملڪن جا لاڳاپا ڪشيده هئا، ۽ ڀارت هر ڪنهن موقعي تي نيپال جي اندروني معاملن ۾ مداخلت ڪندو ٿي رهيو. اهڙيءَ طرح، پاڪستان ڏانهن ڀارت جي رويي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لاءِ، اهو ضروري آهي ته ڀارت جي ذهنيت ۽ ڪردار جو نه رڳو پاڪستان بلڪ ان جي ٻين پاڙيسري ملڪن ڏانهن به مطالعو ڪرڻ گهرجي. پاڪستان ڀارت جو اهم ترين پاڙيسري آهي، فقط انهيءَ ڪري جو ڀارت پاڪستان کي پنهنجو 'اول نمبر دشمن' سمجهي ٿو.

هي ذڪر مون کي ٻيهر ڪشمير جي سوال ڏانهن آڻي ٿو. هن سوال کي انهيءَ مجموعي صورتحال کي آڏو رکي ڏسڻو آهي، جنهن جو آئون ذڪر ڪري چڪو آهيان. ڪشمير بابت ڪي اهم واقعا ظهور ۾ آيا آهن. شيخ عبدالله کي جيل مان آزاد ڪيو ويو آهي. اسان کي چيو ويو آهي، ته اسين انهيءَ بابت ڪوبه داد طلب نه ڪريون. اسان انهيءَ بابت ڪوبه داد نه طلبيو آهي، ليڪن هيءَ حقيقت آهي، ته اقوام متحده ۾ اسانجين ڪوششن ڪنهن طرح ان ڏس ۾ مدد ڪئي آهي. اسان مڪمل طور انهن حالتن کي، جن جي ڪري شيخ عبدالله جي آزادي عمل ۾ آئي، ترتيب ۾ نه آندو. جيتوڻيڪ سندس آزادي گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن حد تائين سلامتي ڪائونسل ۾ اسان جي طرفان انهيءَ معاملي کي ٻيهر پيش ڪرڻ سان لاڳاپيل هئي. ليڪن انهيءَ ڪري اسين ڪو داد طلب ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪري رهيا آهيون. بهرحال، ان ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته شيخ عبدالله جي آزاديءَ ڪشمير جي صورتحال کي هڪ نئون رخ ڏنو آهي. جيڪي ڪجهه ڪشمير ۾ ٿي رهيو آهي، تنهن کي اسين بيحد دلچسپيءَ ۽ ڳوڙهي فڪر سان جاچي رهيا

آهيون. ڀارت سرڪار رڻ ڏني آهي، تہ ڪشمير جي تڪرار کي ڳالهين ذريعي حل ڪرڻ لاءِ اسان جي صدر کي ڀارت جي وزيراعظم لال بهادر شاستريءَ سان ملڻ گهرجي. اسين ڀارت سان پنهنجن اهم اختلافن جي باري ۾ ڳالهين ڪرڻ لاءِ هردم تيار ۽ آماده آهيون، پر ڳالهين جي مفيد نتيجن لاءِ اهو ضروري آهي، تہ ڀارت جي نيت ۾ تبديلي اچي ۽ ڪشمير جي تڪرار کي نبيرڻ لاءِ ڀارت جي دلي ارادي جو ڪو ثبوت هجي. چوٽيءَ جي ڪا ملاقات هميشه انتهائي اميد ۽ انتظار پيدا ڪندي آهي. هڪ چوٽيءَ جي ڪانفرنس مان ماڻهو ڪنهن نوس نتيجي جي توقع ڪندا آهن. اهوئي سبب هو جو سن 1962ع ۾ جڏهن اهو تجويز ڪيو ويو هو، تہ وزيراعظم نهرو ۽ صدر ايوب جي وچ ۾ هڪ چوٽيءَ جي ڪانفرنس ٿئي، تہ اسان اها راءِ ڏني تہ مسئلن کي صاف ڪرڻ ۽ انهن جي بنيادي اصولن جي تشريح ڪرڻ لاءِ اهو وڌيڪ مناسب ٿيندو، تہ اول هيٺينءَ سطح تي ڪا ڳالهه ٿئي. اهو ئي سبب هو جو شروعات ۾ وزارتي سطح تي ڳالهيون هلايون ويون. اسين اڄا بہ انهيءَ طريقي جا حامي آهيون. چوٽيءَ جي ڪانفرنس فقط تڏهن ئي ٿيڻ گهرجي، جڏهن ان مان ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين ڪڙتيل نڪرڻ جي اميد هجي، پوءِ ڀل تہ مڪمل فيصلي تائين پهچڻ جي نوبت نہ اچي.

انهيءَ ڪري، اسان جو خيال آهي، تہ ٻنهي ملڪن جي سربراهن جي ڳالهائيءَ لاءِ ميدان هموار ڪرڻ خاطر وڌيڪ مناسب ٿيندو، تہ پهرين وزيرن جي ڳالهائيءَ جو انتظام ڪجي. پر اهو انهيءَ حالت ۾ ٿيڻ گهرجي، جڏهن پاڪستان سان فيصلي کي مڪمل طرح نبيرڻ لاءِ ڀارت جي ايماندارانہ خواهش هجي. ان جون ڪي علامتون آهن يا نہ، اهي ڪنهن کي بہ نظر نٿيون اچن. جيڪڏهن واقعي ڪا اهڙي خواهش هجي ها، تہ ڀارت هوند ڪڏهن بہ ڪامن ويلٿ ڪانفرنس ۾ پاڪ-ڀارت تڪرارن جي بيضرر حوالي تي برگشتہ نہ ٿئي ها. سواءِ تقريرن جي، جيڪي تازيون ڪيون ويون آهن، ڪي بہ ٻيون علامتون نہ آهن. پر تقريرون تہ ماضيءَ ۾ بہ ڪيون ويون هيون.

ڀارت جو اقتصادي سرشتو تيزيءَ سان بگڙي رهيو آهي. اسين ان لاءِ فڪرمند آهيون، ڇاڪاڻ تہ انهيءَ جي ڪري انهن ماڻهن جو مستقبل تباهہ ٿي رهيو آهي، جن ماضيءَ ۾ اسان سان گڏ گذاريو آهي. غربت بذات خود هڪڙي هيبتناڪ چيز آهي، پر هاڻي اسين بک کان بيحال ٿيندڙ ڀارت بابت، ۽

ان ملڪ ۾ فاقہ ڪشيءَ ۽ غذائي فسادن بابت پڌون پيا. صورتحال بيحد افسوسناڪ آهي، ۽ اسين ان جو بنا دير خاتمو ڏسي خوش ٿينداسين.

ڀارت ڪي هڪ وسيع آباديءَ جي پرورش ڪرڻي آهي. ان جي آبادي چاليهہ ڪروڙن ڪان بہ وڌيڪ آهي. جنهن صورت ۾ ان جي پنهنجي آبادي فاقن ۾ مبتلا آهي، تڏهن اسين سمجهي نٿا سگهون، تہ ڀارت ڪي جمون ۽ ڪشمير جي چاليهہ لک باشندن جو وڌيڪ بوجهہ ڇو کڻڻ گهرجي؟ ڪيس انهن کي پنهنجي بينڪي راڄ کان آزاد ڪرڻ گهرجي، انهي لاءِ تہ هو پاڻ کي پاڪستان سان وابستہ ڪري، ۽ گهرج ۽ مصيبت کان بہ نجات حاصل ڪري. جيڪڏهن ڀارت ائين ڪندو، تہ ڪيس هڪ وڏي ذميداريءَ کان نجات ملندي. بهرصورت، انهن ماڻهن جي تقدير پاڪستان جي عوام سان وابستہ آهي.

بدقسمتيءَ سان، بينڪي طاقتون پنهنجين بينڪن تان دستبردار ٿيڻ ڪڏهن بہ پسند نہ ڪنديون آهن. اهو ساريءَ دنيا جي بينڪي حڪومتن جي تاريخ مان ظاهر آهي. تازوئي جڏهن مون ڀارت ۽ پورچوگال جي، سندن انفرادي حيثيتن جي واضح چند ڇاڻ جي بنياد تي ڀيٽ ڪئي، تہ ڀارتي اخبارن منهنجي خلاف هر طرح جي بهتان بازي شروع ڪري ڏني. خير، اهي پلي پنهنجيءَ مهم کي جاري رکن-- ايستائين جاري رکن، جيستائين پُليل ڳئون پنهنجي پاڻ تي موٽي اچي. پر هي اهڙيون حقيقتون آهن، جن کان انڪار ڪري نٿو سگهجي. اسان کي معلوم آهي، تہ برطانيا پنهنجين ڪيترين ئي بينڪن تان دستبردار ٿي ويو آهي؛ فرينچن ساڳيءَ طرح ڪيو آهي؛ ڊچن بہ ائين ڪيو آهي؛ ۽ بيلجيم وارن بہ ائين ڪيو آهي-- صرف پورچوگال ۽ ڀارت ئي آهن، جيڪي بينڪن تي قبضو ڄمائي وينا آهن. پورچوگال جو موزئمبڪ ۽ انگولا تي قبضو آهي؛ ڀارت جو جمونءَ ۽ ڪشمير تي قبضو آهي. ڀارت ۽ پورچوگال جي لاڳاپن خراب هجڻ جو هڪڙو سبب اهو بہ آهي، تہ ٻيئي پنهنجي بينڪي تسلط کي قائم رکڻ لاءِ مقابلو ڪري رهيا آهن. هيءَ ڪا ڀارت جي شڪايت نہ آهي، بلڪ صرف حقيقتن جو اظهار آهي.

اسان کي اميد آهي، تہ بين الاقوامي صورتحال ۽ ڀارت جا مفاد ان جي حڪومت کي مجبور ڪندا، تہ پاڪستان سان ڪنهن ناهہ تي اچي. پنهنجي طرفان، اسين ڪشمير جي سوال جي باعزت ۽ منصفانہ حل لاءِ ڪوششون جاري رکنداسين. مان ايوان کي ٻڌائڻ چاهيان ٿو، تہ جمونءَ ۽ ڪشمير جي باشندن کي

سندن خود اراديت جي حق ڏيارڻ لاءِ اسين پنهنجين ڪوشش ۾ ڪڏهن بہ ڪوتاهي نہ ڪنداسين. هي اسان جو قومي فرض ۽ قومي تقاضا آهي، جنهن کي پاڪستان ضرور سرانجام ڏيندو.

ڪن ميمبرن طرفان آمريڪا ۽ چين سان اسانجن لاڳاپن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. جيئن اسان اڪثر چيو آهي، آمريڪا سان پنهنجن لاڳاپن ۾ پيدا ٿيل ڪشيدگيءَ کي اسين پسند نٿا ڪريون؛ پر ان لاءِ ذميدار اسين نہ آهيون. آمريڪا سان اسين ڪيترن ئي مفادن ۾ گڏ آهيون. اسان جي عوام جي اقتصادي ترقيءَ لاءِ هن ملڪ گهٽوئي ڪجهہ ڪيو آهي. اسان ۾ ڪمزيون بہ خاميون ۽ عيب هجن، ليڪن اسين احسان فراموش نہ آهيون. اسان کي احساس آهي، تہ آمريڪا اسان لاءِ ڇا ڇا ڪيو آهي؟ پنهنجي طرفان، اسان ڪڏهن بہ واعدن جي بجا آوريءَ ۾ ڪوتاهي نہ ڪئي آهي. ليڪن، بدقسمتيءَ سان، هڪ اهڙي صورتحال وجود ۾ اچي ويئي آهي، جنهن جي ڪري آمريڪا سان اسانجن لاڳاپن ۾ ڪي قدر تلخي پيدا ٿي آهي. اها اسان جي مٿان مڙهي ويئي آهي. جيئن مون ابتدا ۾ ئي چيو، پاڪستان ۽ ان جي عوام جي مفادن جي حفاظت ڪان وڌيڪ ٻي ڪا بہ ڳالهہ اسان لاءِ اهميت واري نہ آهي. اسين ان کي پنهنجو بنيادي فرض تصور ڪندا رهندا سين. اسين اميد ٿا ڪريون، تہ آمريڪي حڪومت ۽ عوام اسان جي ملڪ کي پيش آيل دشوارين جو اندازو لڳائيندا.

اسان کي آمريڪا طرفان خاطريون ڏنيون ويون آهن، تہ پاڪستان خلاف اڳرائيءَ جي حالت ۾ آمريڪا پاڪستان جي مدد لاءِ ايندو. بهرحال، عملي معنىٰ ۾، اهي خاطريون، جن لاءِ ڪوبہ شڪ ناهي تہ اهي نيڪ ارادن سان ڏنيون ويون آهن، مشڪوڪ حيثيت جون آهن. جيئن مون ايوان جي هڪ گذريل اجلاس ۾ چيو هو، اهو فيصلو ڪرڻ بيحد مشڪل آهي، خاص طرح جديد قسم جي لڙائيءَ ۾، تہ ڪير اڳرائي ڪندڙ آهي ۽ ڪير اڳرائيءَ جو شڪار آهي. جيستائين ان ڳالهہ جو فيصلو ٿئي، تيستائين جنهن کي جيڪي ڪرڻو هوندو سو ڪري ڇڏيندو، ۽ جيڪي نقصان ٿيڻو هوندو سو ٿي ويندو.

ڇا، آمريڪا ان وقت ائين ڪري سگهندو، تہ ڀارت کي اڳرائي ڪندڙ ۽ پاڪستان کي مظلوم ٺهرائي؟ ازانسواءِ، آمريڪا اسان کي ان وقت ڪهڙي قسم جي امداد ڏيڻ لاءِ تيار ٿيندو؟ ڇا، ڀارت کي ڏنل اقتصادي ۽ فوجي امداد واپس

ورتي ويندي، يا اقوام متحده طرفان ان جي خلاف اقتصادي بائيڪاٽ يا ڪنهن ٻئي قسم جو قدم کنيو ويندو؟ يا، اها امداد 'نيٽو' جي نموني تي هوندي ته پاڪستان خلاف اڳرائيءَ ڪي آمريڪا خلاف اڳرائي سمجهيو ويندو؟ ساڳئي وقت، آمريڪا نه رڳو پاڪستان جي سرحدن لاءِ، بلڪ آزاد ڪشمير جي سرحدن لاءِ به ضمانت ڏيڻ لاءِ آماده ٿيندو؟ جيتريقدر اسان جي طرف جو تعلق آهي، ڪشمير جي تقدير اسان جي تقدير سان ڳنڍيل آهي، ۽ انهيءَ ڪري آزاد ڪشمير جو به انهيءَ خاطريءَ جي دائري اندر اچڻ لازمي آهي. اهي ۽ ٻيا اهڙا معاملا غور طلب آهن. ائين نه آهي ته ڪو اسين موجوده تڪليفن کي ختم ڪرڻ نٿا گهرون، ليڪن، صورتحال سنگين ۽ پيچيده آهي، ۽ اسين ڪي به خيالي ضمانتون قبول نٿا ڪري سگهون. اسين پنهنجي عوام کي سلامتيءَ جي غلط احساس ۾ مبتلا نٿا ڪري سگهون. ائين ڪرڻ عوام سان دوکو ڪرڻ آهي. عوام ۾ هي ويساهه ويهارڻ ته اسان کي ملڪي خود مختياريءَ ۽ ٻين مفادن جي سلامتيءَ لاءِ جيڪا خاطري ڏياري ويئي آهي، سا ڪافي آهي، -- اهڙيءَ ويساهه گهاتيءَ کان وڌيڪ بهتر آهي، ته اسين پاڻ کان وڌيڪ طاقتور ۽ زوردار پاڙيسريءَ سان پنهنجن لاڳاپن جي مڙني خطرن کي مردانگيءَ سان منهن ڏيون.

جيئن مخالف ڌر جي اڳواڻ اشارو ڏنو آهي، اسان قبرص جي حالت ۾ ڏٺو آهي، ته آمريڪا طرفان يونان ۽ ترڪيءَ کي ڏنل فوجي امداد، ٻنهي ملڪن هڪٻئي جي خلاف استعمال ڪئي. هي هڪ تمام تازو مثال آهي، جيڪو ظاهر ڪري ٿو، ته عملي طرح هن قسم جون خاطريون سچ پچ ڪارگر ثابت ٿي نٿيون سگهن.

قبرص جي معاملي ۾ اسان کي اهو ٻڌي خوشي ٿي آهي، ته حالتون البت اميد افزا ٿي رهيون آهن، ۽ دعاگو آهيون ته جلد ئي ان جو ڪو معقول حل نڪري اچي. اسين، بهرحال قبرص جي معاملي ۾ ڀارت جي رويي تي حيران آهيون. ماضيءَ ۾، دنيا لاءِ جيڪي مفيد هو، ڀارت نه رڳو ان جو پرچار ڪندو رهيو، بلڪ ان تي عمل ڪرڻ جي هدايت ۽ تاڪيد به ڪندو رهيو، پر گذريل ٿورن سالن ۾ ڀارت البت بيپرواهه ۽ خاموش رهيو آهي. اسان ڏٺو آهي، ته ويٽنام جي سوال تي ڀارت بلڪل خاموش رهيو آهي، حالانڪ ڀارت بين الاقوامي ڪنٽرول ڪميشن جي مددگار چيئرمن جي اهم حيثيت رکي ٿو. قبرص جي حالت ۾، بهرحال، ڀارت

ميڪاريوس جي حڪومت کي پنهنجي همدردي ۽ حمايت پيش ڪرڻ لاءِ فوراً اڳتي وڌيو، ۽ ان طرح بنهي حڪومتن جي گڏيل ارادن جي تصديق ڪيائين: ڀارت جي حڪومت پنهنجي ملڪ ۾ مسلمان اقليت کي ختم ڪرڻ ۾ مشغول آهي، ته ميڪاريوس جي حڪومت قبرص ۾ ترڪي مسلمانن جي اقليت کي ختم ڪرڻ ۾ رڌل آهي.

عوامي چين سان اسان جن لاڳاپن بابت مخالف ڌر جي ڪن ميمبرن چيو آهي، ته اهي حالتن جي سازگار هجڻ ڪري پاڻيهي سڌريا آهن. پلي ته انهيءَ سڌاري جو داد اسين حالتن کي ئي ڏيون. ظاهر آهي ته حالتن جو سازگار يا ناسازگار اثر ئي آهي، جنهن مان ڪاميابيءَ يا ناڪاميابيءَ جو نتيجو نڪري ٿو. ماضيءَ ۾ جڏهن هو طاقت ۾ هئا، ته حالتون سندن خلاف هيون ۽ هو ناڪام رهيا؛ هاڻي حالتن اسان جي مدد ڪئي آهي، ۽ اسين ڪامياب ٿيا آهيون. بهرحال، چين سان اسان جا لاڳاپا غير حقيقي قسم جا نه آهن، انهن جو بنياد فقط انهيءَ ڳالهه تي نه آهي، ته ڀارت سان چين جو تڪرار آهي، ۽ اسان جو به ڀارت سان تڪرار آهي. پاڪ- چين لاڳاپن جو اهو بنياد نه آهي، انهن جو بنياد ٺوس حقيقتن تي آهي. چين پاڪستان جو هڪ ويجهو پاڙيسري آهي، جنهن سان اسان جي گهٽ ۾ گهٽ چار سؤ ميلن جي سرحد لاڳو آهي. هڪ ننڍي ملڪ جي حيثيت ۾، اسان جو ايمان آهي، ته چين جي داخلا کان سواءِ اقوام متحده کي تقويت ڪانه ملندي. ستر ڪروڙ ماڻهن کي اقوام متحده ۾ شامل ٿيڻ کان خارج ڪري، اوهين دنيا ۾ بين الاقوامي قانون نافذ ڪرڻ جي اميد نٿا رکي سگهو. اهوئي سبب آهي جو اسان اقوام متحده ۾ چين کي شامل ڪرڻ جي پنيرائي ڪئي آهي. مخالف ڌر جي محترم اڳواڻ جو ائين چوڻ ته اسان رڳو گذريل سال چين جي پنيرائي ڪئي هئي، سو غلط آهي. جناب والا، اوهان کي ياد هوندو، ته جنرل اسيمبليءَ ۾ اسان جي وفد جي هڪ ميمبر جي حيثيت ۾، گذريل سال کان به هڪ سال اڳ، اوهان عوامي چين جي پنيرائي ڪرڻ جي فائدي ۾ ووٽ ڏنو هو. اسان جو يقين آهي ته چين کي اقوام متحده ۾ شريڪ ٿيڻ جي اجازت ملڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته ان کان سواءِ بين الاقوامي قانون نافذ ٿي ڪونه سگهندو. اسان جو اهو به يقين آهي، ته اقوام متحده ۾ چين کي شامل ڪرڻ بنا اوهين ڏکڻ- اوڀر ايشيا ۾ جهڳڙن جا ڪي مستقل ۽ پائيدار فيصلا نه ڪري سگهندا. اسان جو يقين آهي ته

جيستائين چين جو رعيتي راڄ، جيڪو ستر ڪروڙ انسانن جي نمائندگي ڪري ٿو، اقوام متحده مان غير حاضر آهي، تيستائين اوهان ڪي بامقصد ۽ تعميري نموني ۾ هٿيارن تي بندش، يعني عام ۽ مڪمل بندش، جيڪا سڀني جي دلي تمنا آهي، هرگز ميسر نه ٿي سگهندي. اسين به هڪ حصو آهيون، پر چين آفريقا ۽ ايشيا جو هڪ مکيه حصو آهي. اسين آفريقا ۽ ايشيا جي عوام جي خوشحاليءَ ۽ خير سلامتيءَ جي واڌاري لاءِ، ۽ انهن ملڪن ۾ پورچوگال ۽ پارت جي قائم ڪيل بينڪي طاقتن توڙي انهن جي بچاءَ بندن کي ختم ڪرڻ لاءِ، چين ۽ ٻين سڀني صلح پسند ملڪن جو ساٿ ڏيندا سين، جي ايشيا ۽ آفريقا جي باشندن جي نجات ۾ يقين رکن ٿا، ۽ انهن مان چين هڪ اهم ترين ملڪ آهي.

اسان لاءِ ان ڪان وڌيڪ ٻي ڪا به خوشيءَ ۽ اطمينان جهڙي ڳالهه ڪا نه ٿيندي. جيڪڏهن اهڙيءَ صورتحال ۾، جهڙي صورتحال آمريڪا ۽ چين جي وچ ۾ موجود آهي، قطعي طور تبديلي اچي وڃي، جنهن کي آئون ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ ڪو نمراءُ نه، بلڪ صورتحال جي حقيقي پهلوئن جو اعتراف چوان ٿو. انهن ٻن عظيم طاقتن جي وچ ۾ جيڪا مشڪل صورتحال موجود آهي، جيتوڻيڪ اها ڪي قدر جڙتو آهي، تنهن مان پار پوڻ اشد ضروري آهي. جيڪڏهن ائين ڪرڻ ممڪن ٿي سگهيو، ته امن ۽ سلامتيءَ جي سربلنديءَ لاءِ اهو هڪڙوئي قدم اهم ترين ثابت ٿيندو. انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ، پاڪستان هر ممڪن ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ آماده ٿيندو. اسين اهو ڪنهن خيالي آس جي جذبي هيٺ نه چئي رهيا آهيون. اسين ڄاڻون ٿا، ته دنيا جي حالتن جي اها تقاضا آهي ته ڪنهن مرحلي تي آمريڪا ۽ چين جي هاٺوڪيءَ ڇڪتاڻ ۾ مانائي اچڻ لازمي آهي. موجوده صورتحال گهٽو وقت جٽاءُ نه ڪندي. انهن ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ عدم تعاون هجڻ ڪري، آمريڪا ۽ چين جا باشندا، بلڪ دراصل ساريءَ دنيا جا باشندا خساري ۾ آهن. تاريخ جون قوتون ۽ واقعن جون مجبوريون، لازمي طرح، بنا رڪاوٽ جي حرڪت ۾ اچي وينديون. ائين چوڻ ته روس ۽ آمريڪا جي لاڳاپن ۾ خوشگواري دنيا جي امن لاءِ فائديمند آهي، ۽ ساڳئي وقت اها دعويٰ ڪرڻ ته چين جي علحدگي دنيا جي امن لاءِ فائديمند آهي، سا هڪ غلط ڳالهه آهي. اهي ٻه رُخا معيار ملامت جي لائق آهن، ۽ ويهين صديءَ جي هن پوئين اڌ ۾ اهي حڪمت عمليءَ جي دائري ۾ ٽِڪا آٽي سگهجن. اسان کي اميد آهي ته عقل ۽ انصاف جون قوتون، دوبدو ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جا اُپاءُ ۽ فراخدليءَ جا جذبا پنهنجو اثر

ڏيڪاريندا، ۽ چين-آمريڪي لاڳاپن ۾ سڌاري جو سبب بڻبا. مان وري به دهرايان ٿو، ته هن معاملي ۾ اسين جيڪو به وس آهر ڪردار ادا ڪري سگهون ٿا، تنهن لاءِ هر وقت آماده ٿيندا سين.

تقرير ختم ڪرڻ کان اڳ، مان اهو ٻڌائڻ چاهيان ٿو، ته پاڪستان جي موجوده پرڏيهي پاليسي هڪ بامقصد پاليسي آهي، جنهن جو بنياد صرف هڪڙي مقصد تي آهي- ۽ اهو آهي پاڪستان جي باشندن جي سلامتي ۽ خوشحالي، ٻيا ڪي به مقصد نه آهن. اسين پاڪستان جي بنيادي مفادن کي قربان ڪرڻ لاءِ تيار نه آهيون، پوءِ ڀل ته ڪهڙا به فائدا-- خيالي، غلط ۽ فضول فائدا-- ڪنهن به قسم جي ٻين مقصدن مان حاصل ٿي سگهندا هجن. اسين اها لباڙ نٿا هڻون، ته اسان جي پرڏيهي پاليسي آزاد آهي، ڇاڪاڻ ته اسين ان تي ڪي به مهرون يا نشان لڳائڻ نٿا چاهيون. اسين اينتروئي چوڻ گهرندا سين ته ملڪ جي پرڏيهي پاليسيءَ جي بنيادي ساخت ۾ ڪنهن به ڦير گهير ڪرڻ بنا، اسين ان کي خودداريءَ سان اختيار ڪري رهيا آهيون. ماضيءَ ۾ ساڳئي بنياد تي هُنن غلاميءَ واري پرڏيهي پاليسي اختيار ڪئي، جنهن پاڪستان کي ان جي ساري وقار کان محروم رکيو. ڪي اهڙا به آهن، جي اسان کي اسان جي پاليسيءَ ۾ قدري آزادي آڻڻ خاطر معاهدن کي ترڪ ڪرڻ جي تلقين ڪن ٿا. انهن کي معلوم هئڻ گهرجي، ته سواءِ انهيءَ تبديلي آڻڻ جي، جنهن جي تقاضا ڪن ٿا، اسان اها آزادي حاصل ڪئي آهي. جيڪي شخص ڪنهن بنيادي تبديليءَ جي خلاف آهن، ۽ ساڳئي وقت غلاميءَ ۽ تابعداريءَ لاءِ فڪرمند نه آهن، تن کي اسين ٻڌايون ٿا، ته اهڙي ڪا به تبديلي نه آندي ويندي، ۽ جڏهن به اسان جي پاليسي ڪنهن اجتماعي تنظيم پٽاندر عمل ۾ ايندي، ته اسان جي شان، خودداريءَ ۽ خود مختياريءَ کي ڪو به ڇيهو نه رسندو. اسين انهن کي، جيڪي اسان کي چون ٿا، ته اسين صرف انهيءَ حالت ۾ آزاد پرڏيهي پاليسي اختيار ڪري سگهنداسين، جڏهن اسين پنهنجن طريقن ۾ تبديلي آڻيون، چئون ٿا ته ويهين صديءَ جي ممڪنات ۾ اسين بنان ڪنهن تبديلي آڻڻ جي خود مختيار پاليسي اختيار ڪري سگهون ٿا. موجوده حڪومت همت ۽ حوصلي سان، ملڪ جي پرڏيهي پاليسيءَ ۾ ڪنهن بنيادي ڦير گهير ڪرڻ بنا، پاڪستان جي مفادن لاءِ ڪم ڪيو آهي. پر جيڪڏهن ملڪ جي مفادن خاطر ڪنهن بنيادي تبديليءَ جي ضرورت پيش آئي، ته اها تبديلي پڻ ڪئي ويندي.

♡

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاڙُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اُهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

ٻَئَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۾ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽَر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها ٿوڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)